# ميهڙ کان ماسڪو

ڊاڪٽر محبوب علي شيخ



# میهڙ کان ماسکو

# ميهڙ کان ماسڪو

(سفرنامو)

ڊاڪٽر محبوب علي شيخ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1996ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ستانوي

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

ڪمپيوٽر ڪمپوزرس: عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ
سسٽم، لجپت روڊ حيدرآباد سنڌ.

پهريون ايڊيشن: جنوري 1996ع

قيمت: -/100 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

MEHAR KHAAN MASCOW (Travelogue) By Dr. MEHBOOB ALI SHAIKH. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition January 1996.
Price Per Copy Rs. 100/-
Book No. 197

# انتساب

پنهنجي گهر واري رضيه بيگم نالي،
جنهن منهنجي چئن سالن جي غير حاضريءَ دوران
منهنجي ٻارن جي چڱيءَ طرح تربيت ڪئي
۽ منهنجي والدين جي خدمت پڻ ڪئي.

# مصنف جو تعارف

نالو: پروفيسر ڊاڪٽر محبوب علي شيخ

تاريخِ پيدائش: — 21 جولاء 1946ع

جاءِ: — ڳوٺ ٻٽ سرائي، تعلقو ميهڙ

علمي قابليت: — ايم ايس سي، پي ايچ ڊي

تجربو: — مختلف ڪاليجن ۾ بحيثيت ليڪچرار: تقريباً 9 سال
— سبحيثيت اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ڊپارٽمينٽ جي سربراهہ جي: تقريباً 7 سال
— گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڏوڪري (سنڌ) ۾ بحيثيت پرنسپال: چار سال
— ڊي. جي. گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڪراچي ۾ بحيثيت پروفيسر ۽ ڊپارٽمينٽ جو سربراهہ: هڪ سال
— پاڪستان ايمبسي اسڪول جده (سعودي عرب) ۾ بحيثيت پرنسپال جي: ڏيڍ سال
— آدمجي گورنمينٽ سائنس ڪاليج ۾ بحيثيت پروفيسر ۽ ڊپارٽمينٽ جي سربراهہ جي: ٻہ سال
— ميمبر، فيڊرل ڪريڪيولم ڪورس ڪاميٽي، وزارت تعليم اسلام آباد: هڪ سال
— ميمبر، سنڌ يونيورسٽي سينيٽ ڄامشورو: ٻہ سال
— ميمبر، بورڊ آف گورنرز، بورڊ آف انٽرميڊيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن، سکر: ٻہ سال

غيرملڪي زبانن جي ڄاڻ: — انگريزي ۽ روسي زبانون

اشاعت: — 22 اشاعتون مختلف رِسالن ۽ اخبارن ۾

دورا ڪيل ملڪ: — برطانيہ، جرمني، روس، آذربائيجان، پولينڊ، اِٽلي، هنگري، بيلجيم ۽ سعودي عرب

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | پيش لفظ ـــ ڊاڪٽر محبوب علي شيخ | |
| -1 | پي. ايچ. ڊي، هڪ خواب | 17 |
| -2 | ماسڪو ڏانهن اُڏار | 21 |
| -3 | ماسڪو سان پهريون تعارف | 29 |
| -4 | ڪراس نادار شهر ۾ شروعاتي ڏينهن | 37 |
| -5 | ماسڪو جو سير ۽ ڳوٺ ڏانهن اُڏام | 45 |
| -6 | روس ۾ ڳهاريل ڏينهڙا | 54 |
| -7 | سوويت يونين- هڪ مختصر تعارف | 76 |
| -8 | پيريسترائيڪا ۽ گلاس نوست | 94 |
| -9 | روم جو يادگار سفر | 105 |
| -10 | تصويرون | 113 |
| -11 | لينن گراڊ ۽ ريگا جو سير | 126 |
| -12 | ڪوهه قاف ۾ ڪي ڏينهن | 132 |
| -13 | لنڊن ياترا | 136 |
| -14 | يالٽا ۾ آرام | 147 |
| -15 | باڪو شهر ۾ سالانه امتحان | 157 |
| -16 | واپسي | 162 |

# پيش لفظ

مارچ 1983ع ۾، سوويت يونين مان تعليم مڪمل ڪري جڏهن وطنِ عزيز واپس آيم ته ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ بطور اسسٽنٽ پروفيسر وري ڪم شروع ڪيم ۽ ان کان پوءِ سُنڌ ئي سائنس ڪاليج ڏوڪريءَ ۾ پرنسپال ٿي ويم. هڪ ڏينهن، هڪ خفيه ايجنسيءَ طرفان نياپو مليو ته مان انهن وٽان ٿي وڃان. نهايت ئي شاناڻتي نموني منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو ويو ۽ آفيسرن جي هڪ گروپ مون کان سوويت يونين بابت حال احوال وٺڻ شروع ڪيو: اهيو جنرل ضياء جو دؤر هيو ۽ مونکي روس وڃڻ واري اسڪالرشپ به ان حڪومت دوران ئي 1979ع ۾ ملي هئي. مون کي بلڪل خبر نه هئي ته ڪو منهنجا خط، جيڪي 'ماسڪو' ۽ 'ڪراس نادار' مان ايندا هئا، اهي هو سينسر ڪندا هُيا ۽ جيڪو ڪُجهه مان اوڏانهن حال احوال لکندو هيم، اهو به نوٽ ٿيندو هيو. خطن ۾ ته ڪجهه به نه هيو ۽ نه ڪو منهنجي روسي دوستن کي ڪا ضرورت.به هئي ته هو ان حڪومت جي باري ۾ مون کان ڪجهه پُڇن. بهرحال، انٽرويو وٺندڙن صلاح ڏني ته بهتر اهيو ٿيندو جو ان سلسلي کي هينئر بند ڪيو وڃي. مون ڪانئن هڪ آخري خط لکڻ جي اجازت گهري ۽ اُن کان پوءِ اَڄ ڏينهن تائين اهو سلسلو بند آهي.

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان حڪومت سنڌ جي تعليم کاتي ۾ پروفيسر جي هڪ جاءِ تي براهه راست ڀرتيءَ لاءِ اخبارن ۾ اشتهار آيو ته مون به درخواست ڏياري موڪلي. اِن پوسٽ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ تعليم Ph.D هئي ۽ مون ڪين پنهنجي پاس ٿيڻ وارو سرٽيفڪيٽ ڏياري موڪليو، جنهن تي هُن لکي موڪليو ته ڪين ڊگري کپندي آهي. ماسڪو مان معلوم ٿيو ته هنن منهنجي ڊگري، روسي سفارتخانه اسلام آباد جي معرفت ڏياري موڪلي آهي جتان مان وٺي سگهان ٿو.

ڪراچي ويم ته سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ محڪمه تعليم وارن سان ان مسئلي تي گفتگو ٿي. صلاح اها بيٺي ته مان ڪين هڪ درخواست لکي ڏيان ته جيئن هو منهنجي ڊگري، سرڪاري سطح تي، وفاقي وزارت تعليم جي

معرفت، روسي سفارتخاني مان گهرائي وٺن. ان کي سال گذري ويو، پر ڊگري ڪونہ آئي. پوءِ وري وفاقي وزارت تعليم وارن کي براهِ راست خط لکيم، پر انهن جواب ڏيڻ بہ گوارا نہ ڪيو. تنگ ٿي وفاقي محتسب، اسلام آباد کي تفصيلي صورتحال کان آگاهہ ڪيم. هُنن ترت جواب ڏنو ۽ وعدو ڪيائون تہ هو اِن مسئلي کي Priority جي بنياد تي ڪٽن پيا. سال ٻيو بہ گذريو ويو، پر ڊگري ڪونہ آئي.

اِن دوران سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان انٽرويو ليٽر جاري ڪرڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا، پر مون کي انٽرويو ۾ گهرائڻ سندن وس ۾ نہ هيو، جو ٻن سالن تائين مان کين ڊگري ڪونہ ڏيکاري سگهيو هيس. آخرڪار همٿ ڪري وڃي اسلام آباد پهتم ۽ وزارت تعليم وارن سان مليم، جن ٻڌايو تہ هنن وزارت خارجہ کي لکيو آهي، جيئن ئي جواب آيو تہ مون کي آگاهہ ڪندا. وفاقي محتسب وارن سان مليم تہ هنن فائيل ڏيکاريو ۽ ٻڌايو تہ ڪيڏو نہ هنن خط و ڪتابت کي هلايو آهي.

ٻاهر نڪري ٽئڪسي ڪري روسي سفارتخاني، اسلام آباد آيم تہ هڪ آفيسر کي مين گيٽ کان ٻاهر نڪرندي ڏٺم. ڪيس ڊگريءَ وارو معاملو ٻڌايم تہ اتي ئي گيٽ جي ٻاهران بيهڻ لاءِ چئي پاڻ وري اندر ويو ۽ پنجن منٽن ۾ ٻاهر اچي اطلاع ڪيائين تہ کين حڪومت پاڪستان جو ڪوبہ خط نہ مليو آهي، پر منهنجي ڊگري هنن وٽ ٻن سالن کان پيل آهي، سا وٺو. مان ڊگري وٺي سوگهي ڪئي ۽ ساڳئي ٽئڪسي ۾ واپس وريم. حيدرآباد اچي ڪميشن ۾ ڊگري ڏيکاريم تہ انٽرويو ليٽر جاري ڪيائون. پوءِ امتحان ڏئي ڪامياب ٿيم.

سموري ٿڪائيندڙ مرحلي کان پوءِ، حقيقت ۾ مان ايترو تہ دل-برداشتہ ٿي ويم يا ائين ڪٿي چئجي تہ ڪاروبارِ حيات ۾ ايترو تہ مصروف ٿي ويم جو ماضيءَ جي تمام يادُن ۽ واقعن تي سوچڻ ۽ ويچارڻ ئي ڇڏي ڏنم. مگر جڏهن بہ ڪنهن واقف ڪار يا گهڻ گهريئي دوست سان روس بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هُئي تہ سندن ڳالهين مان اڪثر ڪري بي خبريءَ ۽ اڻ ڄاڻائي جهاتيون پائيندي نظر ايندي هُئي ۽ دِل چوندي هُئي تہ پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن کي دستاويز جي صورت ۾ عام جي آڏو آڻجي مگر ذاتي مصروفيتن ۽ فرضن جي نہ ڪٽندڙ سلسلن ۾ ايترو تہ مصروف رهيس جو من ۾ اٿندڙ ڏنڊلي خواهش زندگيءَ جي اٿاهہ مسئلن جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ٿي ويئي.

اِن کان پوءِ جڏهن مان ڪيڊيٽ ڪاليج سانگهڙ جي سربراهه جون ذميواريون سنڀاليون تہ منهنجي ڪاليج جي هڪ استاد حيدر بخش (عزيز گوپانگ) مسلسل، پنهنجن يادن ۽ مشاهدن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ اسرار ڪرڻ لڳو، جنهن بعد مون ڀيريون دفعو اِن سلسلي ۾ قلم کڻڻ جو پهہ ڪيو، جو مون پاڻ چاتو پئي تہ روس جي باري ۾، هتان جي ماڻهن جيڪي خاڪا جوڙيا آهن سي گهڻي قدر فرضي ۽ بي وزنائتا آهن جن جي درستگي ڪرڻ مون پنهنجي علمي فرض پئي تصور ڪيو، جو لکڻ ۽ پڙهڻ، بنيادي طور هڪ استاد هجڻ جي ناتي منهنجي لاشعور ۾ شامل آهي.

هن ڪتاب ۾ منهنجي ڪوشش رهي آهي تہ واقعات کي "جيئن جو تيئن" جي بنياد تي پيش ڪجي ۽ ڪنهن بہ غير ضروري واڌ ويجهہ کان پاسيرو ٿي پڙهندڙن کي هِڪ اهڙو ڪتاب ڏجي جيڪو سفرنامي جون سڀئي ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏ هڪ معلوماتي ۽ تفريحي دستاويز جي حيثيت رکندو هجي.

1979ع ۾ جڏهن اسڪالرشپ وٺي روس پڙهڻ لاءِ ويس تہ اُن مهل منهنجي ذهن ۾ سوويت يونين لاءِ ڪابہ ذاتي راءِ، همدردي يا نفرت جو جذبو موجود ڪونہ هو ۽ جڏهن واپس آيس تہ منهنجا جذبات ۽ احساسات اُهي ساڳيا هُيا جيڪي روس وڃڻ وقت هُيا. منهنجي اِنهي غير جانبداريءَ جو واحد سبب اهوئي هيو جو روس وڃڻ وارو واقعو منهنجي اڳيان فقط اعليٰ تعليم جي حصول کان علاوه ٻي ڪابہ حيثيت نہ پيو رکي.

سوويت يونين ۽ اتان جي نظام تي هزارين بلڪ لکين ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن، فلمون ٺهي چُڪيون هيون، پمفليٽ ڇاپرايا ويا آهن. ڪن نقادن روس کي جنت مثل ٻڌايو آهي تہ ڪن وري پنهنجي سخت نفرت جو اظهار ڪندي روس کي شخصي جبر ۽ انساني حقن جي پاماليءَ جو مرڪز ڪوٺيو آهي. مگر هتي مون دنيا ڀر جي نقادن ۽ نظرياتي ماڻهن جا رايا پاسيرا رکي، فقط ۽ فقط پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن کي جاءِ ڏني آهي، جيڪو مان سمجهان ٿو تہ هڪ ايماندار قلمڪار جو ڀيريون ۽ آخري فرض هوندو آهي ۽ فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيو آهي تہ هوُ روس جي باري ۾، ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ڪهڙي راءِ ڏين ٿا.

عام سفرنامن کان ڪي قدر هٽي ڪري ڪجهہ تاريخي حوالہ بہ ڏنا

اٿم، انهن حوالن مان مُنهنجو مقصد فقط اِهو تہ جيئن پڙهندڙ تفريح سان گڏ آن ملڪ ۽ ان جي شهرن جي باري ۾ پڻ آگهي حاصل ڪن. اِن سلسلي ۾ مُستند ۽ نئوس مواد حاصل ڪرڻ خاطر مون ڪي ڪافي تاريخي ڪتاب پڻ پڙهڻا پيا ۽ روسي دوستن ڪان پڻ معلومات حاصل ڪرڻي پيئي، ۽ گڏوگڏ ذاتي احوالن ۽ واقعن ڪان بہ اجتناب ڪيو اٿم جو مون چاتو پئي تہ ڪتاب قوم جي امانت آهي ۽ ڪتاب ۾ جيڪي خوالہ ۽ واقعا درج ٿيل آهن اُهي چنڊي ڦوڪي پوء شامل ڪيا ويا آهن تہ جيئن اسان جو عام پڙهندڙ پڻ روسي نالن، تاريخي واقعن، شهرن، مشهور عمارتن ۽ علائقن جي باري ۾ طلسمي پُهچ ڪان هٽي ڪري نئوس ۽ سائنسي بنيادن تي مطالعو ڪري ۽ معاملن جي تهہ تائين پُهچي سگهي.

"ميهڙ ڪان ماسڪو" ۾ مون پنهنجي شخصيت کي اپارڻ جي بجاء واقعات کي اُپاريو آهي، ماڻهن جي سماجي زندگي، ريتون رسمون، وڻج واپار ۽ تهذيب کي پيش ڪيو اٿم. روسي ماڻهن جي زندگي جا هئي پهلو چٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جنهن ۾ انهن جي سادگي، ذهانت، خلوص، اڻ جاڻائي، وطن دوستي ۽ زندگيء جا گڏيل رويا بيان ڪيا اٿم.

ڪجهہ نظرياتي اختلافن جي بنياد تي، اسان جو مُلڪ ۽ روس شروع کان وٺي هڪٻئي کان پريرو رهيا آهن، مگر سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوء ٻنهي پاسن کان هڪٻئي جي ويجهو اچڻ جا موقعا مؤجد آهن. روس اڄ بہ واپار جي لحاظ کان تمام وڏي عالمي منڊي آهي، جنهن مان فائدو وٺندي هندوستان اڄ تائين اڻ ڳڻيو ناڻو ڪمايو آهي ۽ اڄ بہ هندوستان ۾ لکين مزدور ۽ ننڍيون وڏيون فيڪٽريون روس لاء سامان ٺاهڻ ۾ مصروف آهن، اِن صورتحال کي ڏسندي اِهو بلڪل چٽي سگهجي ٿو تہ اگر اسان جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعلقات خوشگوار ٿين ٿا تہ اِن جو لاڀ هر صورت ۾ هتي جي عوام کي پهچندو ۽ صنعتي ترقيء ۾ اسان جو مُلڪ پاڻ پيرو ٿيندو.

آخر ۾ نيو فيلڊس اداري جي روح روان محترم فيروز احمد ميمڻ جا ٿورا مڃڻ مون کي اِن ڪري بہ جڳائي جو، اگر سندس تعاون حاصل نہ هُجي ها تہ شايد هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچي نہ سگهي ها.

ڊاڪٽر محبوب علي شيخ

# پي. ايچ. ڊي، هڪ خواب

1964ع جي ڳالهہ آهي اِنٽر ڪرڻ کان پوءِ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتم تہ اُن وقت، يونيورسٽي ناميارن استادن سان پريل نظر آئي. باٽنيءَ جو بنگالي استاد ڊاڪٽر اسلام ۽ ڊاڪٽر خورشيد، ڪيمسٽريءَ جي ڊاڪٽر قاضي ۽ نسيم صاحب، جيالاجيءَ جي ڊاڪٽر فرشوري ۽ زولاجيءَ جي ڊاڪٽر احمد جون تصويرون، اڄ بہ ذهن جي ڪينواس تي ايري ايري اڇن ٽيون ۽ منهنجو هي من ڪن پل لاءِ ماضيءَ جي ڪوهيڙي ۾ گم تي وڃي ٿو. اُنهن ڏينهن ۾ فراغت ملڻ تي آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ بہ اڪثر اچڻ ٿيندو هو، جو اُتي اعجاز قريشي، يوسف لغاري ۽ ٻيا دوست پڙهندا هُئا، اتي بہ ڪيترين ئي نالي وارين شخصيتون نظر ايند يون هُيون. اُنهن ڏينهن دؤران اسان معصوم خواهشن جي حصار ۾ گم هوندا هئاسين ۽ نازڪ نازڪ اڻ ڇاتا خواب اُٿيندا هُئاسين. ايم. ايس. سي ڪرڻ جي خواهش سُڪون سان ويهڻ ڪونہ ڏيندي هئي، جڏهن تہ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ جو خواب پڻ ذهن جي ڪنهن گوشي ۾ پُنهان هو، مطلب تہ من ۾ ڪُجهہ ڪري گذرڻ جي اميد ۽ جُستجو بدرجہ اتم موجود هئي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪوڙ سارن دوستن سان گڏ، مجيد عباسي، سڪندر شيخ، قيوم سومري پڻ مون سان گڏ داخلا ورتي هئي. 1968ع ۾ جڏهن ايم. ايس. سي جو امتحان ڏنوسين تہ اسان چئني فرسٽ ڪلاس حاصل ڪيو. قيوم سومري تہ سنڌ يونيورسٽي جوائن ڪئي، جڏهن تہ اسان ٽئي ڄڻا مختلف ڪاليجن ۾ بطور ليڪچرر مقرر ٿياسين. سي. ايند. ايس ڪاليج شڪارپور اهو پهريون ادارو هو، جتان مون پنهنجي "Career" جي شروعات ڪئي. منهنجي دل ۾ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ جي خواهش تہ شاگرديءَ واري زماني کان ئي موجود هئي، مگر استاد طور ڪم شروع ڪرڻ مهل اِها خواهش وڏي وڻ تي چڪي هئي. انهيءَ سلسلي ۾ پهرئين وِک طور جڏهن "British Council" طرفان "Test" پاس ڪري انٽرويوءَ لاءِ وينس تہ ڊاڪٽر

ايم. اي. قاضي (1) مون کي چيو ته "بابا، پي. ايچ. ڊي يونيورسٽيءَ جي استادن جي ضرورت آهي، باقي ڪاليجن جي ليڪچرارن لاءِ ايم. ايس. سي ئي ڪافي آهي." پر مان پنهنجي ارادي ۾ اٽل رهيس ۽ ڊاڪٽر بڻجڻ جي خواهش منهنجي من ۾ بدستور قائم رهي. اها چاڻ هوندي به ته ڪاليج جي استادن لاءِ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ جا موقعا تمام گهٽ هوندا آهن.

انهيءَ دوران خبر پئي ته اسان جو دوست قيوم سومرو، پي. ايچ. ڊي واسطي ماسڪو روانو ٿي ويو آهي. اها خبر ٻڌڻ کان پوءِ دل جي دنيا ۾ هڪ دفعو ٻيهر خواهشن جا قافلا قطار در قطار لهڻ لڳا ۽ دوستن جي حوالي سان ڪنهن به ٻاهرئين ملڪ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا لوازمات، کهرجون ۽ ٻي ضروري معلومات حاصل ڪرڻ لڳس، هوندن به ڊاڪٽر قاضي صاحب پنهنجي راءِ ۾ غلط ڪونه هيو ته ڪاليج وارن لاءِ فقط "M.Sc" ئي ڪافي آهي، پر علم حاصل ڪرڻ واري بنيادي حق تان دستبردار ٿيڻ مون ڪڏهن به نه پئي چاهيو. مون پنهنجي واسطي ايم. ايس. سي. جي ڊگري ناڪافي محسوس پئي ڪئي، توڻي جو انهن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان "M.Sc" ڪرڻ ڪو مذاق ڪونه هو، دراصل اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي اها خواهش، منهنجي دل ۾ پيدا ئي اعليٰ تعليم يافته استادن سان گڏ رهڻ جي ڪري ٿي هُئي، جيڪي انتهائي سچائيءَ سان پڙهائيندا هُئا ۽ هڪ هِڪ مارڪ به "Merit" جي بنياد تي ڏيندا هُئا. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل اُهي استاد، پڙهائڻ ۽ پڙهڻ کي عبادت تصور ڪندا هُئا.

ٿوري وقت بعد "British Council" وارن "M. Phil" لاءِ آفر ڏني، مگر جيئن ته اُن وقت "Education Department" وٽ اِن ڊگريءَ جي ڪا خاص اهميت ڪانه هئي ۽ نه ئي ان جو ڪو لاڀ مليو پئي، اِن ڪري مون اُن "Offer" کي قبول ڪونه ڪيو، مون پي. ايچ. ڊي واري خوبصورت تصور کي ڏنڌلو نه پئي ڪرڻ چاهيو. انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي هڪ دوست محمد ابراهيم لاڪير (2) کي وزارتِ تعليم اسلام آباد ۾ نوڪري ملي ته سندس معرفت اسلام آباد وارن سان منهنجو سنئون سڌو رابطو پيدا ٿي پيو. ٿوري وقت اندر ئي "Cultural Exchange Programme" تحت ڪجهه اسڪالرشپس آيون ته مون به "Apply" ڪيو.

---

(1) ڊاڪٽر صاحب، ان انٽرويو ۾ بطور ماهر "Expert" ويٺل هو.

(2) ليڪچرار طور سروس شروع ڪيائين ۽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تان رٽائر ٿيو، اصل دادو جو هو.

انهيءَ پروگرام تحت سوشلسٽ "Socialist" ۽ ڪميونسٽ "Communist" ملڪن ڏانهن اسان جا نوجوان تعليم واسطي ويندا رهندا هئا، مون کان اڳ ۾ سائين شاهنواز عارباڻي، عبدالنبي سومرو، عبدالرزاق ابڙو، ستار شيخ، نثار حداد ۽ سيف الله ميمڻ به ويا هئا. جيڪي سڀئي منهنجا واقفڪار ۽ دوست هئا.

چوندا آهن ته اميدوار جي قابليت جو پتو انٽرويو ۾ پڇيو وڃي، مگر انهيءَ لاءِ به تعليمي پس منظر هجڻ پڻ لازمي آهي، ان جو اندازو تڏهن ٿيو جڏهن "Ph.D" لاءِ "M.Sc" جو فرسٽ ڪلاس ۾ هجڻ لازمي قرار ڏنو ويو، ۽ خوش قسمتيءَ سان مون اِها ضرورت پوري ڪئي پئي، جنهن ڪري منهنجو ذهن ڪنهن به احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪونه هو. اهوئي سبب هو جو انٽرويو ڏيئي اچڻ بعد مان اطمينان سان الله تي رکي ويهي رهيس.

ڪُجهه ڏينهن بعد ئي، اسلام آباد مان ابراهيم لاکير صاحب، فون تي اِها خوشخبري ٻُڌائي ته روس لاءِ منهنجي اسڪالرشپ منظور ٿي وئي آهي ۽ فوراً تياري وٺان. اهڙي طرح 1964ع ۾ "Ph.D" لاءِ ڏٺل خواب 1979ع ۾ تعبير جي سرحدن کي ڇُهڻ لڳو. روس لاءِ اسڪالرشپ منظور ٿيڻ، منهنجي لاءِ يقيناً خوشيءَ جو سبب بڻي، مگر گڏوگڏ انيڪ خدشن ۽ پريشانين ۾ وڪوڙجي ويس ته اڳتي الائجي ڇا ٿيندو ۽ ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان گذرڻو پوندو.

انهن ئي ڏينهن ۾، شايد 1965ع جو زمانو هو (جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هيس) ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ مان سيد وڏل شاهه کي ٻاهر وڃڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي. اسان جي ميس سندس مان ۾ دعوت ڪئي، ڪيس اجرڪ پارايوسين ۽ اسان سڀني پاران شريف ميمڻ (1) جيڪو اسان جو ميس مئنيجر هو، هڪ زوردار تقرير ڪئي. هُن پنهنجي تقرير ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ جوش ڏياريو. سيد وڏل شاهه پوءِ اڳتي هلي هڪ ناميارو اسڪالر ثابت ٿيو، مگر زندگيءَ ساٿس وفا نه ڪئي ۽ جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو. هڪ ٻيو اسڪالر، پروفيسر نور محمد ٽالپر، جنهن جو تعلق "Mathematic" ڊپارٽمينٽ سان هو ۽ وڏو ماهر تصور ڪيو ويندو هو، پڻ جوانيءَ ۾ فوت ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ کي اهو هڪ وڏو تعليمي نقصان

(1) ڊاڪٽر محمد شريف ميمڻ، جيڪو هن وقت تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري طور ڪم ڪري رهيو آهي.

ڏسڻو پيو.

انهن کان علاوه، هڪ ٻي شخصيت ۾ منهنجي دل ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳايو. ٿيو ائين جو ان زماني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ نئين وائيس چانسلر جي مقرريءَ لاءِ اعلان ٿيو ۽ اسان نوجوان شاگرد يونيورسٽيءَ جي نئين "V.C" ڪي سُهڻي نموني آڌر ڀاءُ ڏيڻ يونيورسٽي آٽڻ جو پروگرام رٿيو، جنهن تحت يونيورسٽيءَ مان، شاگردن سان بسون ڀري حيدرآباد ريلوي اسٽيشن پهتاسين، جتي نئين "V.C" جناب حسن علي عبدالرحمان جو پُرتپاڪ استقبال ڪيوسين. نئين وي. سي چارج سنڀالڻ کان اڳ، علامه آءِ. آءِ. قاضي (1) جون دعائون وٺڻ ٿي چاهيون. هُن ان خواهش جو جڏهن اسان سان، اظهار ڪيو ته اسان پڻ ساڻس گڏ علامه صاحب ڏانهن هلڻ جو ارادو ڏيکاريو، اهڙيءَ طرح علامه صاحب جي ديدار لاءِ وڃي سندس رهائشگاهه پهتاسين. علامه صاحب پنهنجي گهر جي چائنٺ تي حسن علي عبدالرحمان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. علامه صاحب کي بنهه ويجهڙائي مان ڏسڻ جو اِهو پهريون موقعو هيو. هلڪي ڦلڪي جسم جا مالڪ، چهري تي صدين جو سڪون ۽ اطمينان، پروقار لهجو ۽ گنڀير شخصيت، سندس شخصيت ۽ ڳالهيون من اندر پيهي ويون.

اُن بعد جلد ئي هِڪ "Special" ڪانووڪيشن ٿيو، جنهن ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي اعزازي ڊگريون ڏنيون ويون، اُن پروگرام ۾ مون "Proctorial Monitor" جا فرائض سرانجام ڏنا، جنهن ڪري مون کي علامه صاحب جن کي بنهه ويجهو ڏسڻ جو وري ۾ موقعو مليو. ٿوري وقت بعد 13 اپريل تي جڏهن سندن وفات جي دردناڪ خبر يونيورسٽي پهتي ته اسان ڪيس پنهنجن هٿن سان دفنايو.

اڄ ۾ جڏهن علامه صاحب کي ياد ڪرڻ لاءِ ويهندو آهيان، ته سندس جهڙن غير معمولي انسانن لاءِ چيل شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو هي بيت ذهن تي تري ايندو آهي ته:

ماڻهو سڀ نه سُهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بُوءِ بهار جي.

---

(1) سنڌ جو عالمي شهرت يافته عالم ۽ مفڪر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو اڳوڻو وائيس چانسلر.

# ماسڪو ڏانھن اُڏار

پي. ايچ. ڊي واسطي، ماسڪو ڏانھن تياريءَ منھنجي عزيزن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. امڙ ۽ ڀاءُ رفيق احمد، منھنجي ماسڪو وڃڻ جي حق ۾ ڪونہ هئا، جڏهن تہ بابا سائين ۽ منھنجي گھر واريءَ، منھنجي خوشي اڳيان، منھنجي دوُر ٿيڻ واري احساسن کي ديوار بنجڻ نہ ڏنو ۽ اُن جبل جيڏي جدائي لاءِ راضي ٿيا، مگر سندن اُداس ۽ لٿل چھرن تي بيان نہ ڪرڻ جھڙي اداسائي لڪائڻ جي باوجود لڪي نہ سگھي. هونئن بہ روس جھڙي ملڪ ۾ ايترو عرصو رهڻ چڱو مڙسي تہ ڪانہ هئي ۽ واپسي ۾ اتان ڇا وٺي اچجي! فقط ڊگريءَ جو هڪڙو پنو ۽ بس! جڏهن تہ يورپ مان ماڻهو ڇھن سالن جي عرصي دؤران ڊگريءَ سان گڏوگڏ چڱو خاصو ڪمايو بہ اچن. اهي ۽ ان جھڙا ٻيا هزارين خيال من ۾ مانداڻ مچائڻ لڳا ۽ ذهن اڻ ڇاتل وسوسن ۾ وڪوڙجي ويو. دراصل اِنھيءَ طويل ۽ صبر آزما سفر ۽ هڪ ڏاريئي مُلڪ ۾ ڇھن سالن تائين ترسڻ جو حوصلو، مون ۾ ڪڏهن بہ پيدا ٿي نہ سگھي ها، اگر مُنھنجي گھر واريءَ همت نہ ٻڌرائي ها. هڪ اجنبي ديار ۾ رهندي مون کي اهو احساس البتہ ضرور ٿيو تہ مشرقي عورت سيني روپن ۾ ڪيڏي نہ وفادار، بهادر، مستقل مزاج ۽ پيار ڪندڙ عظيم هستي آهي، جيڪا پنھنجن جذبن جي ڪابہ موٽ نٿي گھري.

روس جي باري ۾، اُتان اڳ ۾ ٿي آيل دوستن وٽان عجيب ۽ دلچسپ خبرون ملنديون رهنديون هيون، خاص ڪري اُتان جي ٺڳ جا قصا ڪجھہ وڌيڪ ئي ٿيندا هُئا ۽ هاڻ جڏهن سفر جا سانباها شروع ٿيا تہ خريداريءَ لاءِ گھڻو ئي سوچڻو پيو تہ ڇا وٺجي ۽ ڇا ڇڏجي: اِن سلسلي ۾ پنھنجي دوست پروفيسر ڊاڪٽر قيوم سومري (1) سان صلاح ڪيم، جيڪو اڳ ۾ ئي اُتان ٿي

(1) پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقيوم سومرو، شعبہ نباتات، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

آيو هو. ان کان پوءِ سڌو ڪراچي پهتم، صدر واري زينب مارڪيٽ انهن ڏينهن ۾ نئين نئين ٺهي هئي ۽ اُتان يورپ وڃڻ وارن لاءِ ضرورت جو سمورو سامان مثلاً چمڙي جا ڪوٽ، جيڪيٽون، دستانا، جينز جون پينٽون ۽ اوورڪوٽ وغيره آسانيءَ سان ملي پئي. اهو ۽ ٻيو ضروري سامان خريد ڪري ورتم. مون کي معلوم ٿيو ته روس ۾ ملندڙ اسڪالرشپ اُتي شان سان رهڻ لاءِ هرگز هرگز مناسب نه هئي. مون کي اهو سمورو وقت ڪلاس روم ۾ يا ڪمري ۾ ته گذارڻو ڪونه هئو! ان لاءِ مون کي سال ۾ لاءِ پنج- ڇهه سؤ روبل وڌيڪ کپيا پئي، ٻيو ته يورپ گهمڻ سان گڏوگڏ مون کي سال ۾ هڪ دفعو چڪر تي ڳوٺ به اچڻو هو. انهن تمام مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجهه اهڙو سامان به خريد ڪيم جيڪو اُتي ڏيڻ سان مناسب پئسا ملي پئي سگهيا. مثلاً جينز جون ڇهه پينٽون، شرٽون ۽ هڪ اڌ واچ وغيره. اُن کان وڌيڪ سامان ڪٿي وڃڻ مناسب به نه هو، ڇو ته روسي ڪسٽم وارا، وڌيڪ سامان ضبط ڪري ڇڏيندا هئا.

سامان جي خريداريءَ کان علاوه پڻ ڪراچيءَ جا ڪافي چڪر هڻڻا پيا، ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ "Terms and Conditions" طئي ڪرڻ خاطر سنڌ سيڪريٽريٽ جا ڦيرا پڻ معمول ۾ شامل ٿي ويا. اتي چار پنج ڏينهن رهڻ کان پوءِ مشڪل سان فائيل هڪ ٽيبل کان ٻئي ٽيبل تائين چري سگهندو هو ۽ واپس اچڻ بعد سموري "Progress" رڪجي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح منهنجي روانگي کي ڇهه مهينا لڳي ويا، (1) جيڪو عرصو ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ دل برداشته ٿي پوڻ لاءِ ڪافي آهي. اهڙيءَ طرح اڻ کٽ معامرن کي منهن ڏيڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت پاران اجازت ملي.

انهن ٿڪائيندڙ مرحلن مان گذرڻ بعد ويزا لاءِ روسي سفارت خاني وڃڻ ٿيو، ويزا لاءِ درخواست ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ جمع ڪرائي ٻاهر نڪتس ته ڪجهه سادن ڪپڙن ۾ ملبوس ماڻهو وڪوڙي ويا، ڪين جڏهن ٻڌايم ته حڪومت پاڪستان پڙهڻ واسطي روس پئي موڪلي، تڏهن وڃي پچر ڇڏيائون، اها ته سندن ڊيوٽي هئي، پر مون سوچيو ته جي هاڻي هي حال آهي

(1) انهن ڏينهن ۾ قربان ميمڻ صاحب سيڪشن آفيسر ٿي آيو هو، جنهن منهنجي ڪم ۾ ذاتي دلچسپي ورتي، ان جي باوجود به ڇهه مهينا لڳي ويا.

تہ بعد ۾ جڏهن موٽي ايندس تہ الائجي ڪهڙو حشر ٿيندو! آخرڪار ويزا بہ ملي ۽ روس ڏانهن اڏار جا سانباها ٿيڻ لڳا. "Aero Flot" ۾ سيٽ بُوڪ ڪرائي ڳوٺ موڪلائڻ لاءِ آيم تہ روئنهارڪين اکڙين ۾ جهلمل ڪندڙ لڙڪن جي زنجيرن ۾ ڦاسي پيس، تڏهن پهريون دفعو خبر پئي تہ جدائي ڪيڏي نہ ڪربناڪ ٿئي ٿي. گهر وارن جي نيڻن ۾ لڙڪ ائين تري رهيا هئا، جيئن سانوڻ جا بادل آسمان تي مڙي ايندا آهن ۽ وسڻ جا ويس ڪندا آهن.

جڏهن مان ماسڪو لاءِ روانو ٿي رهيو هوس تہ سعيد ۽ وحيد (منهنجا ننڍڙا پائر) ۽ منهنجو وڏو پٽ عبدالقادر (پپو) ڪجهہ سمجهہ پريا هُئا، باقي اعجاز، ثريا ۽ يوسف (جاني) تہ بنهہ ننڍڙا هُئا، يوسف جاني تہ فقط اڍائي سالن جو مس هو، ثريا تہ نهيل ئي حجاب ۽ نماڻائيءَ مان آهي، موڪلائڻ مهل ثريا جون اکڙيون ڏنل هرڻيءَ جيان پئي لڳيون، جيڪا ڪنڌ ۾ بيهي پنهنجي پاپا جي جدائيءَ جو نظارو ڪري رهي هُئي. ڪجهہ وقت بعد جڏهن مون سندس شادي ڪرائي تہ موڪلائڻ مهل جل تل رُني هُئي، موٽ ۾ منهنجن نيڻن مان پڻ نيسارا وهڻ لڳا هُئا. بهرحال مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڪانئن ڪيئن موڪلايان، مگر اهو ايذائيندڙ لمحو بہ جيئن تيئن ڪري ماضيءَ جي چادر ۾ ويڙهجي ويو.

لاڙڪاڻي کان ڪراچيءَ لاءِ مان روڊ رستي روانو ٿيس، ان مختصر سَفر تي مون سان گڏ مرحوم و مخفور شيخ الهہ ڏنو خان، مرحوم و مغفور ڊاڪٽر الله بخش شيخ ۽ ڪجهہ ٻيا دوست بہ روانا ٿيا. واٽ تي اسان قلندر لعل شهباز جي مزار تي حاضري ڏني، دعا گهري ۽ نماز ادا ڪئي، حيدرآباد مان اسان جو سؤٽ سراج احمد عزيزي ۽ ڪراچيءَ مان سؤٽ ممتاز احمد، ماما بشير احمد، نذير احمد، مشتاق احمد بہ اچي مليا. دوستن ۾ پروفيسر علي نواز شروع کان وٺي آخر تائين گڏ رهيو ۽ سرجن سلطان بہ واهہ جو ساٿ نڀايو.

جنهن جهاز لاءِ منهنجي ٽڪيٽ "Confirm" ٿي هُئي، اهو الوشين IL-62 هو، جيڪو ڏهہ هزار ڪلوميٽر بنان ساهيءَ جي اڏامي ٿي سگهيو. روس وارا ڪڏهن اهو جهاز بنان ڪنهن ساهيءَ جي ڪراچيءَ کان ماسڪو تائين اڏائيندا آهن تہ ڪڏهن وايا تاشقند يا ايران. هُو سڌي اڏام لاءِ الوشين کي ئي ترجيح ڏين، ڇو تہ ڊگهي اڏام لاءِ اهو جهاز پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ان جهاز ۾ چار

انجڻ ٿين، اگر سفر گهٽ هجي ته ٽوپاليو TU-154 کي بهتر سمجهيو وڃي ٿو.

روسين وٽ جهاز ٺاهڻ لاءِ هڪ وڏي ۽ باقائده "Industry" آهي، انهن وٽ ايترا ته جهاز آهن، جيتريون اسان وٽ S.R.T.C جون بسون به نه آهن. روسي روز ڪيترن ئي قسمن جا جهاز پيا ٺاهين، هن جي هوائي ڪمپني (1) "Aero Flot" ۾ الوشين ۽ ٽوپاليو جهاز خاص مشهور آهن. انهن جهازن جا نالا، اتان جي سائنسدانن جي نالن پٺيان رکيا ويا آهن. الوشين ۾ 146 مسافر ويهي سگهن ٿا، جيڪو نوَ سؤ ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اڏامي سگهي ٿو. جڏهن ته ٽوپاليو ٿورو وڏو آهي ۽ اُن ۾ 164 مسافرن جي ويهڻ جي گنجائش موجود آهي.

روسين کي جهاز جي "Take - off" ۽ "Landing" ڪرڻ اصل ڪونه اچي. يا ائين ڪٿي سمجهو ته سندن انداز ئي نرالو آهي. روسين جو اهو انداز ڏسي مون کي اهو پکي ياد اچي ويندو هو، جيڪو ڍنڍن مٿان ٽِڪَ ٻڌي بيهندو آهي ۽ جڏهن ڪيس ڪا مڇي نظر ايندي آهي ته اُمالڪ پاڻ کي اُن مڇيءَ مٿان ڇڏيندو آهي، سندس نالو "King Fisher" يا ٽوٻو پکي آهي. مان پاڻيان ٿو ته روسي پائلٽن کي اُن پکيءَ جي شڪار واريون فلمون بار بار ڏيکاريون وڃن ٿيون، سندن "Take - off" وري به برداشت ڪري سگهجي ٿو، مگر "Landing" الامان الحفظ!! اصل دل سيني مان ٻاهر اچيو وڃي، هو به "King Fisher" وانگي ڀرپاسائين ايئرپورٽ مٿان ٽڪ ٻڌي بيهو رهن ۽ پوءِ ڪٿي جهاز کي ايئر پورٽ تي ڇڏين، جيڪو ڌڙام سان وڃي ايئرپورٽ تي لڳي. بعد ۾ اسان کي به تجربو ٿي ويو، لينڊنگ مهل اسان پاڻ کي اڌ بيهڻ واري "Position" ۾ رکندا هئاسين ۽ جيئن ئي جهاز زمين سان لڳندو هو ته اسان به پاڻ کي سيٽ تي ڇڏيندا هئاسين.

ڪراچيءَ مان پهريون دفعو روسي جهاز ۾ ويهڻ وقت، جنهن ڳالهه مون کي حيران ڪيو، سا هئي ايئر هوسٽس جو ٿلهو هجڻ، هُو ڪنهن به طرح هوائي ميزبان نه پر لڳيون ۽ لڳو پئي ته جڻ پنجابي فلمن جون هيروئنون آهن. هو ايتريون ته ٿلهيون هيون جو ٻن سيٽن جي وچواري "Space" منجهان گذرڻ سندس لاءِ مشڪل پئي ٿيو. اسان ته سدائين اهو پئي ٻڌو آهي ته هوائي ميزبان

(1) هن ڪمپنيءَ جو بنياد 1926ع ۾ رکيو ويو هو.

خوبصورت ٿينديون آهن، اگر روس وارن جو "Asthetic Approach" اهو ئي آهي تہ پوءِ پنهنجي بس سمجهو، مون دل ئي دل ۾ سوچيو تہ شايد روس ۾ خوبصورت ڇوڪريون اهڙيون ٿينديون هجن، مگر روس پهچڻ بعد مون ڏٺو تہ هتي سونهن جو ڪو انت نہ بحر، پلان پلي جو ڇيهہ نہ هو.

بعد ۾ مون ان باري ۾ روسي دوستن کان معلوم ڪيو تہ آخر انهن ٿلهين ۽ بي ڊولين عورتن کي ايئر هوسٽس طور رکڻ جو سبب! تہ انهن نهايت دلچسپ جواب ڏنو؛ چيائون تہ، "ادا، اگر خوبصورت ميزبانڻيون رکنداسين تہ اهي پاڻ پڄي ويندي‌ون يا پڇايون وينديون"!.

روس وارا جهاز ۾ بُڪنگ مهل سيٽ نمبر اصل ڪونہ هڻن ۽ اهو مسافرن تي ڇڏين تہ هو پنهنجي پسند آهر، جتي وڻين اُتي وڃي ويهن. جن مسافرن کي اِن باري ۾ خبر آهي، سي تہ تڙ تڪڙ ۾ وڃي جايون والاري ويهن، باقي بچيل جاين تي نہ چاهڻ جي باوجود بہ ويهن. مون بہ جا سيٽ مناسب پاتئين، اُن تي ويهي رهيس، مُنهنجي پر ۾ ٻئي سيٽون خالي هُيون، چند لمحن ۾ ئي جهاز پرجڻ لڳو. مون کي پري کان هڪ شناسا چهرو نظر آيو تہ اشاري سان اُن کي پر ۾ ويهڻ لاءِ دعوت ڏنم، منهنجو اهو "دعوت نامو" ان همراهہ تہ نہ سمجهيو، البتہ ان جي پٺيان ايندڙ هڪ خاتون کي منهنجو اشارو هڪدم سمجهہ ۾ اچي ويو ۽ بنان ڪنهن دير يا غفلت جي اچي مُنهنجي پرسان پاڻ کي ڇڏيائين. رينگلر (Wrangler) جي جينز ۽ خوبصورت رنگين هاف سليو شرٽ ۾ ملبوس اُن سانوري رنگ جي نمڪين خاتون، مناسب سيٽ آفر ڪرڻ تي ايترا تہ دفعا شڪريو ادا ڪيو جو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ موٽ ۾ مان ڪيس ڇا چوان!

هُن بنا ڪنهن دير ڪرڻ جي پنهنجو تعارف ايلزبيٿ چئي ڪرايو ۽ اها بہ اجازت ڏيئي ڇڏيائين تہ مان ڪيس "لزا" چئي سگهان ٿو. سندس ان مهربانيءَ جو سبب گهٽ ۾ گهٽ مُنهنجي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو، ڇو تہ اها اجازت، منهنجي گهرڻ کان سواءِ، هُن مون کي ڏني.

ان دؤران مانيءَ جو وقت ٿيو تہ، ماني آڻي اڳيان رکيائون. اجان هڪڙو ئي گِرَنهن مس کنيم تہ ماني لست کان خالي لڳي، اصل نڙيءَ مان نہ ٿي لٿي. يا تہ مانيءَ ۾ مزو ڪونہ هو يا پارڙن کان وڇوڙي جي احساس ڪري مزو نہ

پئي آيو. بعد ۾ مون محسوس ڪيو تہ پاسي ۾ ويٺل سانوري ڇوڪري بہ ماني ڪونہ کاڌي. اڳتي هلي هن ٻڌايو تہ هو لاهور ۾ رهندڙ هڪ غريب ڪرسچن خاندان سان واسطو رکي ٿي، پويان لاهور ۾ والدين سان گڏ، ڀينرن ۽ ڀائرن کي پڻ سندس ئي سهارو آهي ۽ اڄڪلهہ مغربي جرمني جي هڪ اسپتال ۾ بطور نرس ڪم ڪري ٿي، اجا تائين شادي بہ ان ڪري نہ ڪري سگهي آهي تہ جيئن گهر وارن لاءِ ڪجهہ ڪري سگهي. روسي جهاز ۾ سفر ڪرڻ کي ان ڪري ترجيح ڏيئي ٿي جو اهو سستو ٿو پوي، حالانڪہ جرمنيءَ کان 'لفتنسا' جي زبردست سروس هئي، پر اُها روسي جهاز کان ڏيڍوڻي مهانگي هُئي. ان ڪري بہ روسي جهازن ۾ رش رهندي هئي ۽ خاص طرح يورپ کان ايندڙ ۽ ويندڙ روسي هوائي سروس"ايئرو فلوٽ" جا جهاز پُريا ايندا هئا.

ڪراچيءَ کان ماسڪو تائين ساڍن ڇهن ڪلاڪن جو سفر ڪيئن گذريو، خبر ئي نہ پئي. ڪجهہ ليزا، پنهنجي والدين جا قصا ٻڌايا تہ ڪجهہ مون ڪيس پنهنجن ٻارڙن جون ساروڻيون ٻڌايون، بس ائين هڪ ٻئي کي آٿت ڏيندا اچي ماسڪو پهتاسين، هن کي اڃان اڳتي جو سفر طئہ ڪرڻو هو. لهڻ وقت هُن پنهنجي ائڊريس ڏني ۽ جرمنيءَ جي دعوت پڻ ڏنائين. بس رسمي طرح هن بہ چيو ۽ مون بہ قبول ڪيو. حالانڪ ٻنهي ڄاتو پئي تہ وري ملڻ ممڪن بہ نہ هو!

اسان جو جهاز، ماسڪو ايئرپورٽ تي صبح سويل لٿو، ان مهل شيشي مان شهر جو نظارو ڪيم تہ پورو شهر برف جي چادر سان ڍڪيل نظر آيو. حالانڪہ مارچ جو مهينو هيو ۽ ٿڌ جو زور ٽٽل هيو، پر تڏهن بہ سرديءَ کي ڏسي ائين پئي لڳو ڄڻ سيارو هاڻي کان شروع ٿيو آهي. اسان سان گڏ جهاز ۾ ٻڌ ڌرم جا ڪجهہ پيشوا پڻ فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪري رهيا هئا، ٻڌ ڌرم جو اهو گروپ خدا ڄاڻي ڪراچيءَ مان سوار ٿيو هو يا سڌو سريلنڪا مان آيل هو، مگر لٿو ماسڪو ۾. اهو مذهبي وفد روسي حڪومت جي دعوت تي، ڪنهن تقريب ۾ شامل ٿيڻ لاءِ روس سڌاريو هيو، گيڙو رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس، مٿي جا وار پاڪيءَ سان تازو ڪوڙيل، هٿن ۾ پپل جي مقدس وڻ جون ٽاريون ۽ ٻين عجيب و غريب شين سان گڏ جڏهن ايئرپورٽ تي لٿا تہ ڪين اچي سيءَ ورايو، پوءِ تہ هُنـن جي ڏڪـڻي ڏسڻ وٽان هُئي، هنن کي

(Receive) ڪرڻ لاءِ حڪومت جو چڱو بندوبست ٿيل هو. پر جيستائين عمارت اندر داخل ٿين، تيستائين ڪين ڪافي پريشان ٿيڻو پيو. هو پنهنجي مذهبي مرتبي جي ڪري ٽڪڻ ڪي ڍڪي به نه پئي سگهيا ۽ ڍڪين به ڇا سان.!

ماسڪو ڪي چار هوائي اڏا آهن. شريميوتيوا، ونوڪووا، باءِ ڪووا ۽ ڊومي ڊووا. مٿن اِهي نالا انهن ڳوٺن پويان رکيا ويا آهن، جيڪي اُنهن جي پسگردائيءَ ۾ واقع آهن. انهن ۾ عام طور تي شريميتيوا بين الاقوامي پروازن لاءِ مخصوص آهي، مقامي پروازن لاءِ ونوڪووا، باقي به هوائي اڏا فوجي امور لاءِ ۽ ڪڏهن ڪڏهن خانگي سطح تي استعمال لاءِ مخصوص آهن. مارچ 1979ع ۾ جڏهن اسان پهريون دفعو شريميتيوا ايئرپورٽ تي لٿاسين ته ايئرپورٽ جي بلڊنگ چڱي هئي، پر ايئرپورٽ پرسان، اولمپڪ راندين جي حوالي سان، پراڻي عمارت سان لڳو لڳ هڪ نئون ايئرپورٽ ٺهيو پئي، جنهن جي عمارت واقع ڏسڻ وٽان هئي. اهو ايئرپورٽ مغربي جرمني جي تعاون سان ٺهيو پئي، جنهن کي بعد ۾ اسان به استعمال ڪيو. ان نئين ايئرپورٽ جو ذڪر، روسي ماڻهو وڏي پاڇوهه سان ڪندا هئا.

ماسڪو جو شريميتيوا ايئرپورٽ، دنيا جي مصروف ترين ايئر پورٽس ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. روزانو اٽڪل به لک مسافرن جي اچ وڃ لاءِ ڏيڍ هزار جهاز لهن ۽ اڏامن، اهڙيءَ طرح اٽڪل هر منٽ ۾ هڪ جهاز اچي ۽ هڪ جهاز اڏامي.

جهاز مان لهي، ايئرپورٽ جي بلڊنگ ۾ آيم. نهايت اطمينان ۽ آرام سان اميگريشن ۽ ڪسٽم وارن وٽان واندو ٿيس ته سُک جو ساهه کنيم. لائونج ۾ اچڻ کان پوءِ سوچيم ته هاڻي ڇا ڪجي! ڪيڏانهن وڃجي، وڏيڪ سرچڻ بجاءِ سامان کڻي هڪ ڪنڊ ۾ رکيم ۽ لڳس عمارت گهمڻ. اوچتو هڪ روسيءَ انگريزيءَ ۾ اچي پڇيو، "ڇا توهان جو تعلق ملائيشيا سان آهي" هُن جو انگريزيءَ ۾ ڳالهايو ته سندس آواز ڪنن کي ڏاڍو سٺو لڳو. ۽ پنهنجائپ جو احساس جاڳيو. ڇو ته اسان جي پاڪستان ۾ انگريزي هاڻي ڏاري ٻولي نه رهي آهي. پوءِ ته ساڻس ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. هُن پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو ته هو روسي وزارتِ خارجه ۾ پروٽوڪول

آفيسر آهي، ۽ ٻاهران ايندڙ مهمانن کي (Receive) ڪرڻ سندس ڊيوٽي ۾ شامل آهي، سندس مهمان شايد ملائيشيا مان آيو ئي ڪونہ هو، ورنہ اُن کي ڳولهڻ ڪو مشڪل ڪم ڪونہ هو. اسان هڪ ٻئي جو تعارف ڪرايو، جڏهن اوپرائپ ڏُور ٿي تہ هن مون کي پاڪستاني سفارتخاني پهچائڻ جي آفر ڏني، جيڪا مون ٻنان سوچڻ يا دير جي سندس ٿوري سان قبول ڪئي.

اسان ٻئي گڏجي ايئرپورٽ جي بلڊنگ کان ٻاهر آياسين تہ ٿڌي هوا ۽ سردي يورپ جي موسم جو تعارف ٻڌجي، اسان سان ملي، ٻاهر ڪافي تعداد ۾ ٽئڪسيون بيٺل نظر آيون ۽ سڀ جون سڀ ٽيڪسي اسٽينڊ جي حد اندر، انهن جي پرسان وڏا ۽ ڊگها ايئرڪنڊيشنڊ/ گرم ڪوچ بيٺل هئا. ماٺهو ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرندا قطار ٺاهيندا، ڪوچ ۾ چڙهندا وڃن، هڪ ڪوچ هلي تہ اُن جي جاءِ تي ٻي اچيو بيهي، جيڪو سلسلو چوويهہ ڪلاڪ جاري رهي. جيئن ٽيڪسيون ڪافي مهانگيون ٿين، ان ڪري اڪثر غير ملڪي استعمال ڪن. اسان بہ هڪ ٽيڪسي ۾ ويهي شهر روانا ٿياسين، شريميتيوا وارو ايئرپورٽ شهر کان ڪافي پري آهي ۽ شهر جي حد شرو ٿيڻ تائين گهاٽو جهنگ آهي، شهر جون حدون شروع ٿيون تہ وڏا وڏا پوسٽر لڳل نظر آيا جن تي حڪومت ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻن جون تصويرون لڳل هُيون، جن ۾ نمايان، مارڪس، اينگلز ۽ لينن جون تصويرون هُيون. اسان کي سفارتخاني پهچڻ ۾ ڪلاڪ ڪن لڳو. ڪرائي جا پئسا مون ادا ڪيا ۽ نوجوان روسي آفيسر کي سفارتخاني جي ٻاهران در تي الوداعي چئي مان اندر داخل ٿيس، اندر پاڪستان جو سبز جهنڊو ڏسي اطمينان ٿيو ۽ ائين لڳو، ڄڻ پنهنجي گهر پهتو آهيان.

# ماسکو سان پھريون تعارف

موڪل هئڻ ڪري، پاڪستاني سفارخانو بند هيو، مگر منهنجي ياڳين، هڪڙو آفيسر اُتي موجود هيو، جيڪو پاڻهه وچان مون سان اچي مليو ۽ سٺو تعاون ڪيائين. مون اُتي هٿ مُنهن ڌوئي، گرم ڪپڙا (اوور- ڪوٽ وغيره) لاهي پاسي تي رکيا ۽ چانهن پي تازو توانو ٿيس.

پاڪستاني سفارتخانو هڪ ننڍي ۽ مختصر ٻه منزله عمارت ۾ آهي، رسيپشن، اسٽور ۽ ويٽنگ لائونج هيٺ آهن، جڏهن ته باقي آفيسون مٿي. چانهن پيئڻ بعد مون کي ائين لڳو، ڄڻ صدين جو ٿڪ لهي ويو هجي ۽ ياد آيو ته ڪيميسٽريءَ ۾ "Ph.D" ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو سيف الله ميمڻ به هِتي (ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾) آيل آهي. اُن کي فون ڪرايم ته اڪ ڇنڀ ۾ اچي حاضر ٿيو. ساٿس مليس ته ڄڻ پنهنجيءَ لاءِ عيد ٿي ويئي، ڳوٺ جا حال احوال ڏيو تي ڪياسين، ان دوران سفارتخاني پاران مُنهنجي رهڻ جو بندوبست يونيورسٽي هوٽل (University Hotel) ۾ ڪيو ويو. سيف الله ميمڻ مون کي اُن هوٽل ۾ ڇڏيو ۽ ٻئي ڏينهن ملڻ جو واعدو ڪري، واپس پنهنجي هاسٽل ڏانهن روانو ٿيو.

" يونيورسٽي هوٽل" جي نالي سان اها بلڊنگ ڏاڍي خوبصورت ۽ وڏي هئي، شايد ارڙهن منزله هئي. مون کي اُن جي ٻارهين منزل تي رهايو ويو. ڪمري ۾ داخل ٿيڻ شرط، ڻلها ۽ گرم ڪپڙا بدلائي، شلوار قميص پاتم. مون وارو ڊبل بيڊ ڪمرو آرام ده ۽ مناسب گرم هيو. ڪجهه وقت آرام ڪرڻ بعد شيوَ ۽ غسل وغيره ڪري تازو توانو ٿيس ته هلڪي بُک جو احساس ٿيو. لفٽ ذريعي هيٺ لهي آيس، پر تڏهن احساس ٿيو ته وڃان ڪاڏي! ان خيال تحت ته ڪٿي هوٽل جو رستو نه ڀلجي وڃان. پري به نه ٿي وڃي سگهيس، ڪنهن ڪان پڇي به نه ٿي سگهيس، جو ٻوليءَ جو مسئلو هيو

۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪجهہ خريد بہ نہ پئي ڪري سگهيس، ڇو تہ مون وٽ ڊالر هُيا، جڏهن تہ اُتان جي ڪرنسي ’روبل‘ آهي. موڪل هئڻ ڪري اُتي جون سيئي بئنڪون بند هُيون، ان ڪري ڊالر تبديل بہ نہ پئي ڪرائي سگهيم. ان ڪري واپس ڪمري تي موٽي آيم ۽ وينس پارڙن کي خط لکڻ. خط لکي پورو ڪيم تہ وري اچي بُک ورايو. بي سبب پيٽي ڪوليم تہ اُن جي تري ۾ بسڪوٽن جا چار پاڪيٽ نظر آيا. خوشيءَ کان وڌيڪ حيراني ٿي، شايد سامان بند ڪرڻ وقت منهنجي گهر واريءَ، مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ اهي بسڪيٽ پيٽيءَ ۾ رکي ڇڏيا هئا. اگر هو اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڪري ها تہ يقيناً مان اهي بسڪيٽ غير ضروري سامان ۾ شامل ڪري واپس گهر ئي رکي ڇڏيان ها.

اوچتو بسڪوٽن جو پيٽيءَ مان برآمد ٿيڻ منهنجي لاءِ عيد يا ڪنهن خوشخبريءَ کان گهٽ نہ هئا. هڪ ساهيءَ ۾ پورو پاڪيٽ چٽ ڪري، مٿان بہ گلاس پاڻيءَ جا پِي ڪنمبل ويڙهي سمهي رهيس، ٿڪل بہ ڏاڍو هُيس، سو سُمهڻ سان ئي ننڊ پنهنجي آغوش ۾ وٺي ڇڏيو. اصل صبح ستين وڳي تائين پاسو بہ نہ ورايم.

ننڊ مان اٿڻ بعد باٿ روم ۾ هَليو ويم. شيوَ ۽ غسل وغيره کان واندو ٿي، شيشي واري دريءَ جو پردو هٽائي، ٻاهر نظر ڦيرايم تہ شهر پرسڪون، خاموش، پُراسرار ۽ حَسين لڳو. سَڄو شهر برف سان ائين ڍڪيو پيو هو ڄڻ ڪنهن ڳوٺاڻي سنڌي عورت پاڻ کي اڇي برقعي ۾ اوڙهي ڇڏيو هُجي، جنهن جو سمورو بدن، ننهن کان چوٽيءَ تائين اُن ۾ لڪل هُجي. شهر جي، برف جي چادر ۾ ايڏي پردي داري عجيب لڳي. ڪُجهہ لمحا اُن دلفريب نظاري ۾ مَحوَ رهيم. ان وقت نَوَ مس وڳا هئا، جڏهن تہ سيف يارهين ڌاري اچڻو هو. سنڌس اچڻ ۾ پورا بہ ڪلاڪ اجان هئا. سوچيم تہ ڇو نہ هيٺ لهي، شهر ۾ شروع ٿيل زندگيءَ کي ويجهي کان ڏسان. اهو سوچي جيئن ئي مان هيٺ لٿم تہ بلڪل سامهون هڪ دُڪان اڳيان وڏي قطار ڏٺم. جنهن ۾ مرد ۽ عورتون برابر بيٺل هئا ۽ قطار ۾ آهستي آهستي اڳيان چُريا پئي. مان ڪنهن کان پُڇان تہ هي معاملو آهي ڇا؟ وري بہ ٻوليءَ جو مسئلو سامهون آيو. مون وٽ وقت تہ اڳ ۾ هُيو، سو مان بہ قطار ۾ آخري ماڻهو ٿي بيهي رهيس. صبر آزما مرحلن

مان گذرندي، آهستي آهستي چرندي چرندي، جڏهن دڪان تائين پهتم ته ڇا ڏسان ته اتي عورتن جي ميڪ اپ جو ڳاڙهو ۽ گلابي پائوڊر پيو وڪامي، هيڏي سيءَ ۾ هيترا سارا مرد ۽ عورتون رڳو پائوڊر لاءِ ايترا پريشان! پنهنجي قطار ۾ بيهڻ تي پشيماني به ٿي ۽ سيءَ به اچي سوڙهو ڪيو. بس ٽڪرا ٽڪرا قدم کڻندو اچي ڪمري پيڙو ٿس. صبح لاڪئون ڪجهه کاڌو به هيو، هڪ ٻه بسڪوٽ کائي ٿائيم ڏٺم ته يارنهن ٿيڻ وارا هئا. سيف الله جي اچڻ جو وقت ٿيڻ وارو هيو، سو سندس انتظار، هيٺ لائونج ۾ ڪرڻ مناسب سمجهيم.

هوٽل جي لائونج ۾ ڪوڙ ساريون اخبارون ۽ رسالا رکيا هئا. تقريباً سيئي روسي ٻوليءَ ۾، هڪ ٻه جرمن زبان ۾ پڻ هئا. منهنجي نظر ڪنهن انگريزي اخبار يا رسالي کي ڳوليو پئي، ان دؤران هفتيوار "ماسڪو نيوز" تي نظر پئي، جيڪا انگريزيءَ زبان ۾ هئي. سا کڻي پڙهڻ لڳس، رکي رکي در ڏانهن به پئي نهاريم، ان صورتحال ۾ ڪلاڪ ڪن پيو به گذري ويو. ان ايڏائيندڙ انتظار کان پوءِ هڪ نوجوان، جيڪو شڪل شبيهه ۾ پاڪستاني پڻ لڳو، اندر ايندي نظر آيو. اندر داخل ٿيندي هن مون ڏانهن غور سان نهارڻ شروع ڪيو ۽ آخر منهنجو نالو ورتي، منهنجي ساڳئي ماٿو هجڻ جي پَڪ ڪيائين. مان اتي ساڻس مليس. هن ٻڌايو ته ڪيس سيف الله موڪليو آهي، ونس مهمان اچي ويا هئا، ان ڪري پاڻ اچي ڪونه سگهيو. هن همراهه جا قدم ئي زمين تي نه پئي ٽڪيا، مون کي بس (Bus) نمبر ٻڌائيندي تاڪيد ڪيائين ته ڪيس سنيالي ورتي هلان. هن ڪڏهن انگريزيءَ ۾ پئي ڳالهايو ته ڪڏهن روسيءَ ۾، ڪڏهن اُردوءَ ۾ ته ڪڏهن پنجابيءَ ۾ ۽ حال احوال اهڙا پئي ڪيائين جن جي مون کي سڌ نه ڪائي ڪل! بهرحال هلندا حال احوال (يڪ طرفه) ڪندا اچي بس اسٽينڊ تي پهتاسين. ڪجهه گهڙين ۾ ئي مطلوبه بس اچي ويئي ۽ ان ۾ چڙهي پياسين، بس پوري پريل هئي، اسان کي بيهڻ جي جاءِ مس ملي سا به اتي جتي ٽڪيٽ باڪس رکيل هو. بس هلڻ شروع ڪيو ته آخر ۾ ويٺل ۽ بيٺل ماڻهن پاڻ کان اڳ وارن کي پنج- پنج پئسا پئي ڏنا، ۽ انهن پاڻ کان اڳ وارن کي ۽ اهڙيءَ طرح، اهي پنج پئسا آخر ۾ مون وٽ اچي پئه پهتا، مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مان انهن پئسن جو ڇا ڪريان؟ منهنجي چهري تي موجود حيرانگي ۽ پريشاني شايد ڪنهن محسوس

نہ پئي ڪئي، چو تہ ڪنهن توجهہ ڏني ئي نہ پئي. آخر هڪ مسافر سمجهي ويو ۽ اشارو ڪيائين تہ پئسا ان باڪس ۾ وجهان، جنهن جي ڀر ۾ مان بيٺو هوس. تڏهن ساري ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ اچي ويئي ۽ بنان ڪنهن دير جي پئسا ڪڍي اُن باڪس ۾ وڌم. دراصل اتي ڪنڊيڪٽر ٿين ئي ڪونہ ۽ تمام پئسا ان باڪس ۾ پاڻ مرادو وجهنا پوندا آهن. مون کي اسٽاپ جي خبر ڪانہ هئي تہ ڪٿي لهبو، جڏهن تہ مون وارو ساٿي پنهنجن خيالن ۾ گم هُيو. تڏهن وري بہ ان ساڳئي مسافر کي رحم آيو ۽ وري مون کا پڇيائين تہ "ماسڪو يونيورسٽي!" مون هڪدم ها ڪئي ۽ جڏهن اُهو اسٽاپ آيو تہ لهڻ جو اشارو ڪيائين، مان پنهنجي اُن ساٿيءَ کي ٻانهن مان وٺي هڪدم هيٺ لهي آيس، ڪرايو نہ مون ڏنو ۽ نہ ئي هُن اِن باري ۾ پڇيو.

جڏهن ماسڪو يونيورسٽيءَ تي نظر پئي تہ ان جي خوبصورتي ڏسي حيران ٿي ويس. ڇا تہ بلڊنگ هئي! ناقابل يقين حد تائين دلڪش ۽ عظيم الشان. چون ٿا تہ اها بلڊنگ اسٽالن واري زماني ۾ جرمن جنگي قيدين کان ٺهرائي وئي هئي. اسان ٻنهي ڇٽن روڊ پار ڪيو ۽ يونيورسٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳاسين. نوجوان شاگردن جا ٽولا هُئا. جيڪي اچ وڃ ۾ لڳا پيا هئا. اسان ڪاٺ جي هڪ گول گهمندڙ گيٽ مان اندر داخل ٿياسين ۽ هاسٽل ڏانهن وڌڻ شروع ڪيوسين. سيف الله جي ڪمري تي پهچي ڪڙو کڙڪايوسين تہ دروازو کليو. ڪمرو مهمانن سان ڀريو پيو هو. سيف سينيءَ سان منهنجو تعارف ڪرايو. روسي دوستن کي منهنجو نالو ڪجهہ ڏکيو لڳو. ان ڪري سيف انهن سان منهنجو تعارف فقط "علي" جي نالي سان ڪرايو. ان کان پوءِ ڇهن سالن تائين مان سيني لاءِ "علي ياڻي" ٿي ويس. ڪڏهن ڪڏهن روسي دوست عليف (Alev) ڪري بہ سڏيندا هئا.

اتي ڪمري تي سيف الله دوستن سان ڪافي مصروف هو، ان ڪري مون کان تفصيلي حال احوال وٺي نہ سگهيو. بس ڳالهين دوران چانهہ جو ڪوپ پياريائين، سو بہ بنان کير جي، اصل مزو ئي ڪونہ آيو. ناشتو وغيره تہ ٿيل ئي ڪونہ هو، حجاب ۾ ڪُجهہ ڇئي بہ ڪونہ پئي سگهيس. ائين هلڪي ڦلڪي ڪچهري ڪندي شام ٿي وئي.

اِن دوران سيف جي هِڪ روسي دوست پڇيو تہ مون وٽ ڪي سنا

سگريٽ آهن ڇا؟ مان تہ اهو شوق نہ رکندو آهيان پر مون واري پاءِ رفيق احمد اڇڻ مهل غير ملڪي اعليٰ برانڊ جا ڪجهہ پاڪيٽ پيتيءِ ۾ رکيا هئا. مگر اها بہ تہ هوٽل ۾ هئي. هتي تہ آئون هتين خالي آيو هوس. مگر اُهي سيف جا روسي دوست، مون کي واپس هلي سگريٽ ڪڍي ڏيڻ تي اصرار ڪرڻ لڳا. سندن اسرار ڏسي سيف مون کي اجازت ڏني ۽ پنجويهہ روبل ڪرائي ڀاڙي لاءِ بہ ڏنا. (سيف جي اها اوڌر مون تي اڄان قائم آهي) ان دؤران سيف مون کي چيو تہ سگريٽ ڪڍڻ لاءِ پوري پيتي نہ کولجانءِ، هي سمورا سگريٽ کڻي وٺندا، بس ڪنهن طريقي سان هڪ ٻہ پاڪيٽ ڏئي جان ڇڏائجانءِ ۽ مون ائين ئي ڪيو. روسي همراهن جي وڃڻ بعد اتي روسي وزارتِ تعليم جو نياپو مليو تہ سڀاڻي ماسڪو ڇڏڻ جي تياري ڪريان.

جيئن تہ ماسڪو ڇڏڻ لاءِ مون کي ڪالهہ اطلاع ڏنو ويو هيو. ان ڪري اڄ مان ذهني طور تي هي شهر ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار هيم. پر تہ بہ الاءِ تہ ڇو هن شهر کي ڇڏڻ لاءِ منهنجو من اداس پئي ٿيو؛ سيف کي مون پنهنجي پروگرام متعلق ٻڌائي ڇڏيو هو. اِن لاءِ هُو صبح ساڻ ئي پهچي ويو هو. اسان ٻنهي ماضيءَ جي تاڪين کي کولڻ شروع ڪري ڏنو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جون ڳالهيون، لاڙڪاڻي ۽ ميرپورخاص جون يادون، مٽن مائٽن ۽ دوستن جون سارونيون، ڳالهين لاءِ نہ کٽڻ جيترا موضوع. اسان ڳالهيون ڪيون ئي پئي تہ روسي وزارتِ تعليم پاران آيل هڪ خاتون اندر اچڻ جي اجازت طلبي، سندس چهري تي وکريل شبنمي مسڪراهٽ جي موٽ، اسان بہ مسڪرائي ڏني. هن هلڻ لاءِ چيو. منهنجو سامان جيئن تہ اڳ ۾ ئي ٻڌو پيو هو، ان لاءِ بنان ڪنهن دير جي اُتي ڪڙا ٿياسين، لفٽ ذريعي هيٺ لهي، ٽيڪسيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ ۾ سيف کان موڪلائي، اڻ ڄاتل منزل ڏانهن روانا ٿياسين. سيف الله سان منهنجي ملاقات هتي ٿي، هو منهنجي دوست ڊاڪٽر عبدالقيوم سومري جو دوست آهي، هُن ئي مون کي هن جي ائڊريس ڏني هئي، سيف هِتي (Ph.D) پيو ڪري ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ علم ڪيميا جو استاد آهي. هن جنهن نموني، هن ديارِ غير ۾ منهنجي مدد ڪئي، مون کي وقت ڏنو ۽ جنهن نموني سان پيش آيو، اهو مون کي اڄ بہ ياد آهي.

هوٽل کان اسٽيشن ويندي، روسي خاتون مون کان پڇيو "توهان جو

نٿا پُڇو تہ اسان جي منزل ڪھڙي آھي ۽ اسان ڪاڏي وڃي رھيا آھيون" وراٿيومانس، "مان تو سان دوزخ جي در تائين ھلڻ لاءِ تيار آھيان" ھن شرمائيندي پڇيو، "ڇا تون دوزخ ۽ جنت ۾ يقين رکين ٿو" ڇيومانس، "اگر مون کي هِتي ئي جنت ملي تہ ٻي جنت جي آرزو نہ رھندي." منھنجو جواب ٻڌي سندس ڳاڙھا ڳل وڌيڪ ڳاڙھا ٿي ويا ۽ سندس چھري تي قوس و قزاع جا رنگ وکري ويا.

ماسڪو ريلوي اسٽيشن تمام وڏي آھي، رات ڏينھن گاڏيون پيون ھلن. ماڻھو حسب معمول، قطارن ۾ آھستي آھستي ٽڪيٽون وٺي، پليٽ فارمن ڏانھن وڃي رھيا ھُئا. منھنجي لاءِ اڳ ۾ ئي برٿ (Reserve) ڪرايل ھئي. اسان سامان کڻائي پليٽ فارم تي آياسين، اسان واري گاڏي اڳ ۾ ئي پليٽ فارم تي بيٺي ھئي، منھنجي ميزبان خاتون، گارڊ سان، جيڪا پڻ خاتون ھئي، تعارف ڪرائي مون کان موڪلايو. ھت جھازن ۽ ريلن جو ڪرايو لڳ ڀڳ ھڪ جيترو ٿئي. اھو ماڻھوءَ جي پنھنجي صوابديد تي آھي تہ ھو ريل ۾ سفر ڪري يا جھاز ۾! ھتي اھو تصور بنھہ ڪونھي تہ جھاز جو سفر فقط امير ماڻھن لاءِ آھي يا سرڪاري ڪامورن لاءِ مخصوص.

منھنجي ھن سفر جي منزل "ڪراس نادار" شھر ھو، جيڪو ماسڪو کان اٽڪل پندرھن سؤ (1500) ڪلوميٽر اولھہ طرف آھي، ريل ذريعي اھو فاصلو ستاويھہ (27) ڪلاڪن ۾ طئہ ٿئي ٿو، جڏھن تہ ھوائي جھاز اڍائي ڪلاڪ وٺي ٿو، اسان جو ملڪ پڻ روس جي اولھہ طرف آھي ۽ گاڏي بہ اولھہ طرف ھلڻ لڳي. اولھہ روس، اتر روس جي مقابلي ۾ نسبتاً گرم آھي ۽ سرسبز پڻ، "ڪارو سمنڊ" (Black Sea) شھر کان گھڻو پري نہ آھي. گاڏيءَ ھڪ منٽ ليٽ اسٽيشن کي ڇڏيو، مون ڏٺو تہ اھو ھڪ منٽ بہ روسين کي ناگوار لڳو. ھر ھڪ بوگيءَ سان ريلوي جو ھڪ عملدار(1) مقرر ٿئي ٿو ۽ اھو اتان جو مڪمل انچارج ٿئي. اسان واري بوگيءَ ۾ ھڪ خاتون مقرر ھئي، سندس عمر پنجاھہ سال کن ٿيندي. گاڏي ھلڻ کان ٿوري دير اڳ آئي ۽ سينيءَ کان ٽڪيٽون وٺي پاڻ وٽ سوگھيون ڪيائين. ڪجھہ دير ترسي، سيني کان بسترن جو معلوم ڪيائين تہ سيني ھائوڪار ڪئي، ھن ھر مسافر کي ٻہ ڪمبل، ھڪ چادر، ھڪ وھاڻو ۽ ھڪ ٽوال ڏنو ۽ ان جو ڪرايو ھر ھڪ

(1) ريلوي جو ڪو ملازم.

ڪان هڪ روبل ورتو، اهو ڪرايو اِن ڪر ورتائون جو بسترا بلڪل نوان ۽ ڌوتل هُئا ۽ هر دفعي استعمال ٿيڻ ڪان پوءِ انهن کي ڌئارڻ لازمي هوندو هو. منهنجي ٽڪيٽ ۾ بسترو به شامل هو، ان ڪري مون کان اهو هڪ روبل به ڪونه ورتائين. شام ٿي ته چانهن جو پڇيائين، جن پيتي انهن ڪان پئسا وٺي، خالي ڪوپ واپس ڪٺي ويٺي. هر اسٽيشن جي اچڻ مهل، هن لهندڙ مسافر جي ٽڪيٽ واپس پٺي ڪٺي ۽ ڪيس لهڻ ۾ مدد ۽ هر نئين مسافر کي چڙهڻ ۾ مدد پئي ڪيائين. مون کي ڪيترن ئي ڏينهن جو ٿڪ هيو، ان ڪري سويل سمهي پيم، نه ڄاڻ ته ان مائيءَ جو اهو سلسلو ڪيستائين هلندو رهيو ۽ هن آرام به ڪيو يا نه! صبح جو جڏهن اک کلي ته مائي بلڪل تيار نظر آئي ۽ اچي سيني ڪان چانهه جو پڇيائين. ان ڪم ڪان واندي ٿي، پهارو ڪٺي گاڏو صاف ڪيائين ۽ آلو ڪپڙو ڪٺي ويٺي ان کي اگهڻ!

ريل جي سفر دوران ماني کائڻ جو تجربو ته وطنِ عزيز ۾ سيني کي رهيو هوندو، ان لاءِ مون پڻ ريل ۾ ماني کائڻ کان لهرايو پئي، پر هيڏي طويل سفر ۾ ماني کائڻ کان سواءِ پيو ڪو چارو به ڪونه هو، آخر همت ڪري ريل جي ريسٽوران ۾ وڃي پهتس. ريسٽوران جو سمورو عملو خواتين تي مشتمل هو، صاف ۽ سترو ماحول ۽ کائڻ پيئڻ جون تقريباً سموريون شيون موجود، کاڌو لذيذ ۽ عمدو، کاڌي جو سئو هٽڻ ريستوران جي ملازم عورتن جي بدن مان صاف ظاهر هو، تن مٿن کان گهٽ ته کابه کانه هوندي. ريل ۾ کاڌل اها ماني، مون کي اڄ تائين ياد آهي. ريل ۾ سفر دوران سگريٽ پيئڻ سخت منع آهي، سگريٽ ڇڪڻ لاءِ خاص جايون مخصوص آهن، جن کي (Smoking Corners) چيائون ٿي، اُتي هر ڪو وڃي، سگريٽ ڇڪي واپس پئي آيو. هر هڪ گاڏي ۾ ريڊيو لڳل آهي، جتان خبرون ۽ ميوزڪ وغيره برابر پئي آيو.

"ڪراس نادر" اسٽيشن اچڻ ڪان ٿورو اڳ اُها خاتون مون وٽ آئي، ٽڪيٽ واپس ڪيائين ۽ اسٽيشن جي اچڻ جو اطلاع ڪيائين، مون سان گڏ ويٺل هڪ مسافر، سامان لاهڻ ۾ منهنجي مدد ڪٺي. ٻاهر ان وقت بارش ٿي رهي هُئي، ڪجه ڪجهه هوا به گهلي رهي هُئي، ان ڪري سيءُ ۾ شدت پڻ هُئي، گاڏيءَ مان لهڻ کان اڳ اوور ڪوٽ، گرم ٽوپ ۽ گرم گلوز سان هٿ

ڍڪي ٻاهر نڪتم، بهرحال سيءُ ماسڪو ڪان وري بہ گهٽ هيو، هيٺ لهي مون پنهنجي ارد گرد نظر ڊوڙائي، مون کي بہ خواتين ڪنهن جي انتظار ۾، چٽيون جهلي، بيٺل نظر آيون، جيڪي هر لهندڙ مسافر کي غور سان ڏسي رهيون هيون، مون وٽ پهتيون تہ بيهي رهيون ۽ همت ڪري پڇيائون تہ "پاڪستاني" مون ها ڪئي تہ هنن پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو.

هُو ٻئي خواتين دراصل يونيورسٽيءَ پاران مون کي (Recieve) ڪرڻ خاطر موڪليو ويون هُيون، مان ساڻن گڏ هلڻ لڳس، هاڻي منهنجي منزل (Kyban State University) هئي.

# ڪراس نادار شهر ۾ شروعاتي ڏينهن

يونيورسٽيءَ طرفان موڪليل ميزبان خواتين مون کي هاسٽل نمبر- 4 ۾ ڇڏيو. جيئن تہ هاسٽل ۾ ان وقت ڪوبہ ڪمرو خالي ڪونہ هو، ان لاءِ انتظاميہ اسٽاف لاءِ مخصوص ٿيل هڪ ڪمرو، عارضي بنيادن تي مون کي ڏنو. هاسٽل جي 9- ماڙ عمارت ۾ منهنجو هي ڪمرو گرائونڊ فلور تي هُيو. مون کي مليل ڪمري جي ڪافي عرصي کان نگهداري نہ ٿي هئي، جنهن ڳالهہ کي هاسٽل واردن پڻ محسوس ڪيو ۽ هن، مون واري ڪمري کي رنگ ڪرائڻ جو بندوبست ڪرائي ورتو. جنهن دؤران منهنجي رهائش جو بندوبست هڪ ٻي جاءِ تي ڪرايو ويو.

هاسٽل ۾ هڪ دفعو ٻيهر مون سان ٻوليءَ جو مسئلو پيش آيو. ڳالهيون اڪيلائيءَ کي ختم ڪن ٿيون، پر مان آخر ڳالهايان ڪنهن سان؟ منهنجي اِن احساس تنهائيءَ کي محسوس ڪندي، واردن ان هاسٽل ۾ موجود ڪجهہ بنگالي شاگردن ظهير السلام ۽ تسليم کي نياپو موڪلي گهرائي ورتو. ظهيرالسلام تہ تعارف ڪرائي رمندو رهيو. البتہ تسليم ڏاڍو زنده دل شخص ثابت ٿيو. جنهن سان باقي چار سال منهنجو واسطو رهيو. اُن کي ياد ڪري، اڄ بہ اڻ چاتل خوشي محسوس ڪندو آهيان.

جيئن تہ اڳ ۾ ئي ذڪر ڪيو اٿم تہ منهنجي ڪمري کي رنگ روغن ٿيڻ لڳو هو. ان دؤران تسليم روز مون وٽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اچي ويهندو هو. هن کي يونيورسٽيءَ ۾ ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ ۾ بلڪل مزو ڪونہ ايندو هو ۽ اڪثر چوندو هيو تہ ان کان وڌيڪ هو پاڻ ڄاڻي ٿو. هو مون وٽ گهٽ مگر ڪمري ۾ ٿيندڙ رنگ ۾ مگن رهندو هو. دراصل هن جي دلچسپي رنگ ۾ نہ بلڪہ رنگ ڏيڻ واري ڇوڪريءَ ۾ هئي، جنهن سان هُو ڪلاڪن جا ڪلاڪ روسي زبان ۾ ڪچهري ڪندو رهندو هو. جيئن تہ مون کي روسي

زبان جو هڪ لفظ به سمجهه ۾ نه ايندو هو. ان ڪري لائونج ۾ ويهي تسليم جو انتظار ڪندو هوس يا اخبارون ڏسندو هوس، جيڪي به ڪافي بور لڳنديون هيون ۽ سمجهه ۾ نه اينديون هيون. ٻن ڏينهن اندر، ڪمرو مڪمل تيار ٿي ويو، در ۽ دريون به رنگجي ويون ته پتيون به نيون ٿي ويون. رنگ ڪرڻ واري ڇوڪري، پنهنجو ڪم پورو ڪري، مون کان اجازت طلبي، هن جي وڃڻ کان پوءِ تسليم بلڪل اُداس ٿي ويو، سندس اُداس ٿيڻ جو سبب بعد ۾ مون کي سمجهه ۾ آيو، جڏهن هن ٻڌايو ته، رنگ ڪرڻ واري ڇوڪريءَ کي هن ڏاڍا دم دلاسا ڏنا ۽ ان سان دوستي رکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ان ڇوڪريءَ جو هڪڙو ئي جواب هو ته هو شادي شده آهي ۽ پنهنجي مڙس سان بيوفائي نه ٿي ڪري سگهي ۽ ڪنهن به شخص سان دوستي رکڻ پنهنجي لاءِ سخت برو ٿي سمجهي. روس ۾ گذاريل ڇهن سالن ۾ يانت يانت جي ماڻهن سان واسطو رهيو، پَر رنگ ڪرڻ واري ان ڇوڪريءَ جو ڪردار اڄ به منهنجي دل تي نقش آهي.

مان جڏهن هاسٽل ۾ سيٽ ٿي ويس ته مون کي اطلاع مليو ته يونيورسٽي اڄ "غير ملڪي شاگردن جي ڊين" سان ملاقات ڪريان. ان ملاقات جو پروگرام هڪ وسيع آفيس ۾ رٿيو ويو هو، اتي پهچي ڏٺم ته تقريباً اڌ درجن کن ماڻهو منهنجي انتظار ۾ ويٺل هئا. دراصل اها "High Level" جي ميٽنگ، منهنجي رهائش، اسڪالرشپ، تعليم، گائيڊ ۽ ٻين معاملن کي نبيرڻ لاءِ رکي ويئي هئي، جنهن جي صدارت غير ملڪي شاگردن جو ڊين (Dean for Foreign Students) ڪري رهيو هو. جڏهن ته باقي شريڪ ميمبرن ۾ مائڪرو بايولاجي ڊپارٽمينٽ جو سربراه، باٽني ڊپارٽمينٽ جو سربراه، انگريزي ڊپارٽمينٽ جو سربراه ۽ برسر وغيره هُئا. اِها ميٽنگ ساندهه ٽي ڪلاڪ هلي، انهن ٽن ڪلاڪن دؤران چانهن وغيره به نه آئي. هنن مون کي پنجن سالن جي اسڪالرشپ جو مڪمل پروگرام ڏنو، جنهن ۾ هڪ سال روسي زبان سکڻ لاءِ، باقي چار سال (Ph.D) لاءِ مخصوص هُئا. جڏهن ته مون اهو سڀ ڪجهه ڇهن سالن ۾ ڪرڻ ٿي گهريو، جيڪو هنن کي ناممڪن ٿي لڳو.

انهن وٽ جيڪي به غير ملڪي شاگرد هئا، خاص ڪري ايشيا، لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا وغيره جا، اهي سڀ ايترا ته خوش هُئا، جو هو سوس

پوري ڪرڻ ڪان پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان اتي رهيل پيا هئا. ۽ واپس موٽڻ جو نالو بہ نہ پئي ورتائون. جڏهن تہ يونيورسٽيءَ وارا انهن مان بيزار هئا، ان ڪري ئي منهنجو پنجن سالن جي جاءِ تي ڇهن سالن جو مطالبو ٻڌي حيران ٿيا. هنن سوچيو هو تہ، مان هتي ڪان پنجن سالن بجاءِ ڇهہ سال گهرندس. آخر اهو طئہ ٿيو تہ ٽي مهينا مون کي هو روسي زبان سيکاريندا ۽ ان ڪان پوءِ ليبارٽريءَ ۾ مان پنهنجو ڪم بہ شروع ڪندس. باقي زبان وارو امتحان سال ڪان پوءِ ڏيندس. جو تہ اهو امتحان ٽن مهينن بعد ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ورتو ويندو هو، ان دؤران مون کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ مون کي هڪ سؤ روبل اسڪالرشپ طور ملندا.

جيئن آئون ٻڌائي آيو آهيان تہ ان ميٽنگ ۾ مائڪرو بايولاجي ۽ باٽنيءَ جا سربراهہ بہ ويٺل هئا، جن مون کي دلچسپي سان ويٺي ٻڌو، انهن اڳيان مون پنهنجي دلچسپي مائڪرو بايولاجي ۾ ظاهر ڪئي. جنهن تي ان پروفيسر چيو تہ ايتري ٿوري وقت ۾ اهو مُمڪن نہ آهي، ڇو تہ ان سبجيڪٽ ۾ منهنجو ڪوبہ بيڪ گرائونڊ نہ رهيو آهي، جڏهن تہ باٽنيءَ واري پروفيسر خاموش رهڻ ئي مناسب سمجهيو.

جيئن تہ اڳ ۾ ئي عرض ڪري آيو آهيان تہ روسي زبان سکڻ، منهنجي لاءِ ضروري قرار ڏنو ويو هو. ان مقصد لاءِ يونيورسٽي انتظاميہ انگلش ڊپارٽمينٽ جي هڪ استاد ارينا اگاريونا (Irina Igorevna) جو انتخاب ڪيو، جيڪا لڳ ڀڳ منهنجي عمر جي هئي. هِن فرشتہ صفت عورت مون تي وڏي محنت ڪئي، هن عمر ۾ نئين سري سان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ هڪ انتهائي ڏکيو عمل تصور ڪيو ويندو آهي، مگر پڙهڻ منهنجي مجبوري هُئي، جڏهن تہ پڙهائڻ سندس فرضن ۾ شامل. هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي رويي ۾ سخت ٿي ويندي هئي. مگر اڪثر هو مون کي هڪ استاد کان وڌيڪ دوست پائيندي هُئي، ڪيس فقط هڪ نياڻي هُئي، سندس گهر وارو، گِٽار واهہ جو وڄائيندو هو، هو ٻئي پنهنجي گهر ۾ ٿيندڙ هر دعوت ۾ مون کي ضرور گهرائيندا هئا.

سندس محنت ۽ سچائي جي، مون جڏهن بہ کيس موٽ ڏيڻ چاهي تہ هن انڪار ڪيو. منهنجو اصرار هوندو هو تہ اگر اوهان کي ڪجهہ گهرجي تہ مان پاڪستان، يا ڪنهن ٻئي هنداني اوهان کي ڪجهہ گهرائي ڏيان، سندس

جواب سدائين انڪار ۾ هوندو هو، چوندي هئي تہ مان سندن مهمان آهيان ۽ مهمانن کان ڪجهہ وٺبو ناهي، بس هڪ دفعي پاڪستان آيم تہ هُن جي فرمائش تي سندس لاءِ انگريزي ترجمي وارو قرآن شريف ڪٺي ويس، ڏاڍو خوش ٿي. هن چڱيءَ طرح اسان جي مقدس ڪتاب جي قدر و منزلت ڄاتي پئي ۽ جڏهن پڙهي پورو ڪيائين تہ مون کي ٻڌايائين تہ هن وٽ بائيبل مقدس بہ آهي ۽ پوءِ مون بہ ان کي پڙهيو.

هُن مون کي پهرئين ڏينهن ئي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ ٺيڪ ٽن مهينن بعد اسان جي وچ ۾ تمام گفتگو روسي زبان ۾ ٿيڻي آهي، ان لاءِ هن ڪمري ۾ ٽي. وي رکڻ ۽ روسي اخبارون گهرائڻ جي هدايت ڪئي، جنهن تي فوراً عمل ڪيم، حالانڪہ مون کي سمجهہ ۾ بنهہ ڪجهہ نہ پئي آيو، مگر ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو بہ تہ نہ هيو.

اسان واري شهر ۾ ٽي. وي تي ٻہ چينل هلندا هئا، هڪ لوڪل ٽي. وي ۽ ٻيو ماسڪو ٽي. وي، نائين وڳي هر روز خبرنامو ٻنهي چينلن تي هلندو هو، خبرنامي کان اڳ ۾ ۽ بعد ۾ روز روسي فلم ڏيکاري ويندي هئي، ٻئي ڏينهن ضرور هو فلم جي باري ۾ مون کان منهنجا تاثر پڇندي هئي.

روسي ماڻهو تہ فلمن جا تمام گهڻا شوقين ٿين، سندن وچ ۾ رهندي، مون کي پڻ ڪافي فلمون ڏسڻيون پيون. انهن فلمن لاءِ هڪ خاص "Taste" پيدا ڪرڻي پئي، ڇو تہ منجهن پروپيگنڊا جام هوندي هئي، جڏهن تہ تفريحي فلم، ڪاورلي ڏسڻ لاءِ ملندي هئي.

روسي زبان جي ان استاد مون کي پورو سال پڙهايو. شروع شروع جا ٽي مهينا تہ سچو سچو ڏينهن بس اهو ئي ڪم هوندو هيو. ان کان پوءِ جڏهن ڊپارٽمينٽ ۾ وڃڻ شروع ڪيم ۽ گائيڊ طرفان ڪم ملڻ شروع ٿيو تہ پوءِ ٻولي سکڻ لاءِ تائير ڪجهہ گهٽ ڪيو ويو، جڏهن 6 مهينا ڪن گذريا تہ فلاسافيءَ جا ڪلاس شروع ٿيا، هنن جي فلاسافيءَ وارو سبجيڪٽ ڏاڍو ڏکيو ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ هيو، ان ڪري سالانہ امتحان ۾ مون ان سبجيڪٽ ۾ ڪي چڱيون مارڪون ڪونہ ڪنيون. البتہ روسي زبان ۾ سٺيون مارڪون آيون ۽ ان کان پوءِ ارينا اگاريونا جي صلاح سان مون روسي ٻوليءَ ۾ ڊپلومہ بہ ڪيو.

روسي زبان سکڻ، مون لاءِ انتهائي ڏکيو ڪم هو. پهريون مهينو تہ ڪنهن آزمائش کان بہ گهٽ ڪونہ هو. مون واري استاد نہ پاڻ موڪل ڪري ۽ نہ ئي مون کي گسائڻ جو موقعو ڏي. مهيني کن جي سخت تڪليف کان پوءِ وڃي ڪنهن حد تائين ان نئين ماحول کي قبول ڪيم.

هِڪ اهڙي ماڻهوءَ کي واپس بئنچ تي آڻڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ هيو، جنهن ڏهہ سال ساندهہ، پاڪستان جهڙي مُلڪ ۾ ليڪچرار جهڙي انتهائي آرام واري نوڪري ڪئي هجي. اهيو سڄو ڪريڊٽ ان روسي زباني واري ٽيچر کي ڏيندس، جنهن همت نہ هاري.

انهن ڏينهن ۾ مون کي پنهنجو وطن ڏاڍو ياد ايندو هو، جتي روز هڪ اڌ پيرڊ وٺي آرام ڪبو هو. سال جا اڌ کان بہ وڌيڪ مهينا سرڪاري، غير سرڪاري موڪلون ماڻبيون هيون، ان جي پيٽ ۾ هتي، ڪتابن مان فرصت ئي نٿي ملي. ايتري قدر جو اخبار پڙهڻ ۽ ٽي. وي ڏسڻ بہ هوم ورڪ ۾ شامل هوندو هو، جو ٻئي ڏينهن ان جي باري ۾ سوال جواب ٿيندا هُئا.

جيئن تيئن ڪري جڏهن ڪنهن حد تائين سختي گهٽي تہ يونيورسٽي کي ڏسڻ ۽ گهمڻ شروع ڪيم، ائين هڪ ڏينهن گهمندي ڦرندي باٽني ڊپارٽمينٽ (Botany Department) وڃي نڪتس تہ سامهون اهو ئي پروفيسر نظر آيو، جيڪو ڊين وٽ ٽيل ميٽنگ ۾ بلڪل خاموش ويٺل هو، مون کي ڏسي هن هڪدم سڃاتي ورتو ۽ قرب سان مليو. هن هڪ ساهيءَ ۾ سمورا حال احوال ورتا ۽ هر طرح جي اخلاقي مدد جي خاطري ڏنائين، آخر ۾ هن پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو تہ جيڪر مان (Ph.D) وٽس ڪريان.

دراصل ان يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ مان پهريون غير ملڪي ريسرچ اسڪالر هوس، جنهن کي روسي وزارت تعليم (Ph.D) ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. ۽ هن چاهيو پئي تہ اهو اعزاز کيس ملي. سندس خواهش ڏسي مان سوچ ۾ پئجي ويس ۽ ڪانئس ڪجهہ مُهلت گهريم تہ جيئن سوچي ويچاري ڪو حتمي فيصلو ڪري سگهان.

هاسٽل موٽي اچي پنهنجي بنگالي دوست تسليم سان سمورو احوال ڪيم تہ هن مائڪرو بايولاجي جي پروفيسر جي پيٽ ۾ هن کي ترجيح ڏني. تسليم ٻڌايو تہ هُو ڏاڍو (Reserve) آهي، جڏهن تہ باٽني وارو پروفيسر انتهائي

سادو ۽ نماڻو آهي. واندڪائي به اٿس، وڌيڪ اهو ته هن پاڻ آفر ڏني آهي، ڪم ۾ مدد ضرور ڪندو، ورنه صبحاڻي گهاٽي واڌي ۾ ڪيس ڏوراپو ته ڏيئي سگهبو.

مون ڪي تسليم جو مشورو وٽيو ۽ مون وٽي ڪيس ٻڌايو ته مون ڪي سندس آفر قبول آهي، اهو ٻڌي، خوشيءَ وچان سندس واڇون ٽڙي پيون، ڊوڙي وڃي سمورا استاد گڏ ڪيائين ۽ کين پنهنجي خوش نصيبيءَ کان آگاهه ڪيائين ته يونيورسٽيءَ جو پهريون غير ملڪي ريسرچ اسڪالر، سندس نصيب ۾ آيو آهي.

هن ڪنهن به وقت ڪم شروع ڪرڻ جي دعوت ڏني، مگر مون سان ته ٻوليءَ جو مسئلو هو، ان لاءِ مون ڪانئس هڪ اڌ مهيني جي مهلت طلبي، گڏوگڏ ڪيس يقين ڏياريم ته مان پنهنجو ڪم، سندس نئي نگرانيءَ ۾ ڪندس.

ڪراس نادار، اسان جي سکر جيترو شهر مس ٿيندو، ان ۾ هڪ يونيورسٽي (اسان واري ڪوبان اسٽيٽ يونيورسٽي) هڪ زرعي انسٽيٽيوٽ، هڪ ميڊيڪل ڪاليج ۽ هڪ پولي ٽيڪنيڪ انسٽيٽيوٽ ۽ ٻيا ننڍا وڏا تعليمي ادارا موجود هئا. زرعي انسٽيٽيوٽ ۾ ته اعليٰ درجي جي ريسرچ ٿيندي هئي، ۽ ان کي اقوام متحده جو تعاون به حاصل هو. هي شهر، ماسڪو جي اولهه ۾ سمنڊ جي ويجهو هو ۽ هتي جون چارئي موسمون انتهائي موافق هيون، ان لاءِ هن کي خاص ڪري غير ملڪي ماڻهو ڏاڍو پسند ڪندا هئا.

اتي مون کان علاوه پاڪستاني شاگرد ٻيا به آيل هئا. ڪامل بنگش، محمود ۽ ظفر. سندن باري ۾ جڏهن معلوم ٿيو ته ڏاڍي خوشي ٿي ۽ تسليم کي ساڻ ڪري ساڻن ملڻ ويم. پوري هفتي کان پوءِ اتي ڪنهن سان اڙدو ڳالهائڻ جو موقعو مليو هو، ان لاءِ دير تائين ڪچهري ڪندا رهياسين ۽ هڪ ٻئي سان حال احوال وغيره ڪياسين.

هاڻي جيتوڻيڪ ٻولي به سکي ويو هوس ۽ دوستن جو حلقو به وسيع ٿي ويو هو، پر تنهن هوندي به ڪڏهن ڪڏهن اُداس ٿي پوندو هوس، منهنجي اُداسائي ۽ جوهڪ سبب هتان جي يڪسانيت هئي ۽ ٻيو پنهنجي ديس جي سار، اهڙن لمحن ۾ مان سوچيندو هوس ته پنهنجو ديس وسارڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي.

صبح کان وٺي شام تائين يونيورسٽي، رات جو موٽڻ ته پنهنجي ماني پاڻ پچايون، تنهن بعد وري هوم ورڪ. هتان وري ماني روز هڪجهڙي. صبح

جو روز آنو ۽ ڊبل روٽي، رات جو ڳائو گوشت ۽ پٽاٽا، منجهند جو سوپ، چڪن ۽ ڊبل روٽي. ان جي مقابلي ۾ اسان جي غريب وطن ۾ ڪاڏي جي ڪيڏي نہ چوائس آهي! گوشت ننڍو، توٽي وڏو، مڇي، پلو، سبزيون وغيره، الاءِ ڇا ڇا!!! ڳڻي نہ ڳڻجن. لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي روڊ تي وينل" ڪاڪي منگل" جا ڀِڀہ تہ ڪو ناهي ڏيکاري! اسان جي سنڌ ۾ موسمي ڦلن جو ڪاٽو ئي ڪونهي، مگر هتي تہ ڳائو گوشت ۽ پٽاٽا ڪائي ڪائي ڪَلين ۾ ئي سور تي پيو هو. مٿان وري روز روز اوور ڪوٽ پائي پائي تنگ تي پيس، ٻاهر نڪرجي تہ رڳو اڇي برف، ان ڪان تہ اسان جي لاڙڪاڻي ۾ وڏيڪ مزو آهي. روڊن ۽ رستن تي هلندڙ ڏاند گاڏين ۽ ٻڪين جا چيڪڻ ۽ انهن جي هلڻ سان هوا ۾ اُٿندڙ مٽيءَ جي خوشبو سان هتان جي ڪابہ شيءِ پيتي نہ تي سگهجي. هتان جي صفائي ۽ سنائيءَ ڪان تہ اصل بيزار تي پيس. اسان جي شهر ۾ گاڏڙي تي شيون رکي ڪير هوڪو ڏيندو هو تہ مزو پيو ايندو هو. مگر هِتي تہ لکن ماڻهن جو شهر خاموشيءَ جي چادر ۾ ائين ويڙهيل هو، چڻ ڪو راڪاس گهمي ويو هجي.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي پياري ڀاءُ رفيق احمد جو خط آيو. جنهن دوستن جي سار ۽ هتي گذرندڙ وقت جي باري ۾ معلوم ڪيو. ان دؤران هڪ رات 3-2 وڳي ڌاري هڪ خواب بار بار ڏٺم تہ منهنجو وچون پٽ اعجاز گم تي ويو آيو. جنهن باري ۾ مون کي اطلاع نہ ڪيو ويو آهي. فوراً ڳوٺ فون بڪ ڪرايم، مگر ساندهہ ٽن ڏينهن تائين ڪال نہ ملي سگهي، سڄو سڄو ڏينهن ويهاري شام جو جواب ملي تہ صبحاڻي اچجو! ان عجيب ذهني ڪيفيت ۽ (Depression) ۾ فيصلو ڪيم تہ بَس روس ۾ وڌيڪ ناهي رهڻو. اهو سوچي آهستي آهستي سامان سڙو ٻڌڻ شروع ڪيم، پر حجاب وچان ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ بہ نہ پئي ڪري سگهيم، تہ ڪٿي ٺٺوليون نہ ڪن. ايتري قدر جو پنهنجن ٻنهہ ويجهن دوست کي بہ آگاهہ نہ ڪيم ۽ سوچيم تہ ڳوٺ پهچي ڪين خط لکندم ۽ واپس نہ اچڻ جو ڪين ڪو معقول بهانو بہ ٻڌائيندس.

اهو خيال دل ۾ رکي، لڳس تياري ڪرڻ. سڀ ڪان پهريائين، زبان واري استاد کي، گرميءَ جي موڪلن لاءِ ڳوٺان چڪر ڏئي اچڻ جو بهانو

ڪيم، جنهن وڏي جتن کان پوءِ اجازت ڏني، تنهن بعد اڪائونٽس برانچ کي ائڊوانس اسڪالرشپ جي درخواست ڏنم، ڇو تہ مون وٽ ٽڪيٽ جا پئسا بہ ڪونہ پئي ٿيا، جڏهن تہ ڪجهہ ڊالر بچيا پئي، جيڪي مان خرچ نہ ڪري سگهيو هوم، مگر ٽڪيٽ اجان بہ مهانگي هُئي، مگر جيئن تيئن ڪري پئسا گڏ ڪري ورتم ڇو تہ ڳوٺ پهچي اچڻ لاءِ اهو وقت مؤزون ترين هيو، جو، جُون جي آخر ۾ پن مهين جون موڪليون ٿيڻ واريون هيون، ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ، شهر جي مشهور هوٽل " ڪوهہ قاف"ويس جتي (Aero Flot) وارن جو دفتر هيو، مگر انهن ٽڪيٽ نہ ڏني، ڇو تہ اونهاري جي وئڪيشن ڪري تمام تر سيٽون اڳ ۾ ئي ڪپي چڪيون هيون، مگر انهن هڪڙو حل ٻڌايو تہ ماسڪو وڃان ۽ اتي ٽڪيٽ لاءِ ڪوشش ڪريان، مون کي تہ بهرحال هر حال ۾ روس ڇڏڻو هو، پوءِ ان لاءِ يلي وايہ لنڊن يا جرمني اچڻو پوي ها.

ماسڪو لاءِ تمام تياري وٺڻ بعد پنهنجي باتني واري مهربان پروفيسر وٽ ويم ۽ ڪيس گرمين جي موڪلن ۾ ڳوٺ وڃڻ واري پروگرام کان آگاهہ ڪيم تہ هو تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ اتان پنهنجي ريسرچ لاءِ گهربل سامان (Material) کڻي اچان ۽ تازو توانو پڻ ٿي اچان. اها تہ ويچاري کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ منهنجي من ۾ ڇاهي. بهرحال مسلسل پن ڏينهن تائين هن وٽ ايندو رهيس ۽ سندس ضروري هدايتون نوٽ ڪندو رهيس.

اهڙيءَ طرح روسي ٻوليءَ واري ٽيچر بہ جام هوم ورڪ ڏنو ۽ چيائين تہ مان روسي ريڊيو تان خبرون ضرور ٻڌندو رهان، تہ جيئن ٻولي وساري نہ ويهان. ائين آخرڪار مان سيني کان موڪلائي، پنهنجو سامان وغيره کڻي، ڪمري جي چابي وارڊن حوالي ڪري، ماسڪو لاءِ روانو ٿي ويس.

اهو ٻڌائيندو هلان تہ ماسڪو کي 800 سال اڳ سلاو "Slav" نسل جي ماڻهن اچي آباد ڪيو. ٿي سگهي ٿو تہ مختلف ڪتابن ۾ اختلاف هجن مگر اڪثر حوالا 1147ع جا ملن ٿا. ٻن ندين "وولگا" ۽ "اوڪا" جي قربت هئڻ ڪري هن شهر ترقي ڪرڻ ۾ دير ڪانہ ڪئي، مٿان وري ماسڪو نديءَ جي ڪناري تي آباد هئڻ جي ڪري هن شهر جي خوبصورتي ۾ چار چنڊ لڳي ويا. هن شهر تي اهو نالو پڻ ماسڪو نديءَ پٺيان ئي پيل ٿو ڏسجي. قديم دؤر ۾ چند جهوپڙين تي ٻڌل هي شهر، هن وقت دنيا جي جديد ۽ وڏن مصروف ترين شهرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هن وقت هن شهر جي آبادي هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ٻڌائي وڃي ٿي.

ماسڪو کي آباد ڪندڙ ڀريان ماڻهو، هُنرمند ۽ ڪاريگر هئا، آهستي آهستي سُرخ چوڪ جي چئني طرفن کان آبادي وڌڻ لڳي، سڀ کان پهرئين پَڪي عمارت "ڪريملن" جي نالي سان، سُرخ چوڪ جي وچ تي قائم ڪئي ويئي. 1237ع ۾ منگول سردار باتو خان ماسڪو جي گورنر کي مارائي هن شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ بي درديءَ سان شهر کي ساڙايو ۽ تباهہ ڪيو. ان عرصي دؤران ماسڪو وارن ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا. سندن پناهگاهہ ڪريملن بہ سڄي تباهہ ٿي چڪي هئي. جنهن کي ڪافي عرصي کان پوءِ روسين جي هر دلعزيز حڪمران دمتري اوانو وچ (Dimitri Ivanovich) 1317ع ۾ ٺهرائي راس ڪيو.

تاتاري ۽ منگول، سراسري طور اڍائي سؤ سالن تائين روس مٿان حملہ آور ٿيندا رهيا ۽ هتي تباهيون آڻيندا رهيا، سمجهيو وڃي ٿو تہ اگر روسي ڪين نہ روڪين ها تہ هُو پوري يورپ تي قابض ٿي وڃن ها. آهستي آهستي هن شهر ترقي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ 15هين صديءَ ۾ هي شهر يورپ جو وڏو تجارتي مرڪز بنجي ويو. مگر هن شهر جي مقدر ۾ اڃا بہ اهنج لکيل هُئا. 1547ع ۾ هن شهر کي هڪ وڏي باهہ ساڙي رک ڪري ڇڏيو، مٿان وري ٿهر جي ٿڏ رهيل سهيل ڪسر پوري ڪري ڇڏي، هزارين ماڻهو بي گهر ٿي ويا ۽ ڪيترائي ٻُک وگهي مري ويا. مگر جس هُجي هتان جي ماڻهن کي، جن نئين سر هن شهر کي ٺاهڻ شروع ڪيو.

روس کي فتح ڪرڻ لاءِ جڏهن بہ ڌارين قومن حملا ڪيا تہ انهن سڀ

ڪان پهرئين ماسڪو کي ئي نشانو بنايو، ان لاءِ سڀ ڪان وڏيون جنگيون به ماسڪو کي بچائيندي لڙيون ويون. رڪارڊ ۾ ڏيڪاريل سڀ کان وڏي جنگ 18هين صديءَ ۾ لڙي وئي. جنهن ۾ سوئيڊن جو بادشاهه 'ڪارل' ماسڪو تي ڪاهي آيو، جنهن کي پيٽر ون شڪست ڏني. 1812ع ۾ وري فرانس جي عظيم سپهه سالار ۽ بادشاهه 'نيپولين بونا پارٽ' ماسڪو تي حملو ڪيو، مگر 30000 هزار سپاهه ۽ آفيسر مارائي ڪيس واپس موٽڻو پيو. روسين ان کان پوءِ به ڪيتريون ئي جنگيون لڙيون ۽ عظيم قربانيون ڏنيون. پنهي وڏين جنگين ۾ پڻ دشمن جي نظر ماسڪو تي ڪتل هئي. هٽلر ته خواب ۾ به ماسڪو جي فتح ڏسندو هو. ماسڪو جي مرڪز ۾ سرخ چونڪ (Red Square) آهي، جيئن ماسڪو روس جي دل، ائين ماسڪو جي دل وري سُرخ چونڪ ۽ سُرخ چونڪ جي دل وري ڪريملن. روس ۾ ڪريملن (Kremlin) جي اها ئي حيثيت آهي، جيئن آمريڪا ۾ "وائيٽ هائوس" جي ۽ برطانيه ۾ "10 - ڊائوننگ اسٽريٽ" جي، درياهه جي ڪناري تي آباد ماسڪو، هڪ وسيع ۽ عريض علائقي تي ڦهليل آهي، جنهن ۾ آباد قديم دؤر جي ماڻهن هڪ ننڍڙو قلعو ٺاهيو ۽ ان جي اڳيان خالي پيل جاءِ تي ڳاڙهيون سِرون هڻي هڪ کُليل چونڪ ٺاهيو ويو، جنهن جو نالو سُرخ چونڪ پئجي ويو. بعد ۾ اُن علائقي جي چوڌاري آهستي آهستي آبادي وڌڻ لڳي، ان لاءِ ڪريملن کي ماسڪو جي پهرئين عمارت به سڏيو ويندو آهي. روسي هن عمارت سان تمام پيار ڪن ۽ زار جي زماني ۾ ته حڪومت جا جاري ڪيل فرمان هتان ئي ماڻهن کي پڙهي ٻڌايا ويندا هُئا. هِن وقت موجود ڪريملن جي عمارت هڪ عظيم الشان قلعو آهي. جنهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٽي وڏا دروازا آهن، جن مان هر طرح جون گاڏيون آرام سان اچي وڃي سگهن ٿيون. دروازن جي مٿان وڏا مينار ٺهيل آهن ۽ ڳاڙها ستارا لڳل آهن، جيڪي تمام پري پري تائين رات توڙي ڏينهن جو چمڪندي نظر ايندا آهن. شايد اهي ستارا 1930ع ۾ اسٽالن جي دؤر ۾ لڳايا ويا آهن. هن عمارت جا ٻه دروازا مغرب طرف کُلندا آهن، باقي هِڪ دروازو مشرق طرف سُرخ چونڪ ۾ کُلي، اُتي ئي لينن جو مقبرو آهي، اُتي ته عام ماڻهو اچي وڃي سگهن ٿا، جڏهن ته مغربي دروازي کان سرڪاري آفيسر ڪريملن جا ملازم اچن وڃن. سُرخ چونڪ تي 'يوم انقلاب' 'يوم مئي' ۽ ٻيون سرڪاري تقريبات منعقد ٿين. جتي گيلريءَ مان، حڪومت جا اعليٰ ترين عهديدار عوام

جي سامهون اچن. فوجي پريڊ به أتي ئي ٿئي، هر هڪ دروازي جو خاص نالو رکيل آهي. البته مشرقي دروازي کي خاص شهرت حاصل آهي، جيڪو سُرخ چؤنڪ ڏانهن کُلندو آهي ۽ ان جو نالو آهي 'اسپاسڪي دروازو' جنهن جي مٿان هڪ عظيم الشان گهڙيال لڳل آهي، جنهن جون سُيون سون جون ٺهيل آهن. وڏي هئڻ جي ڪري تمام پري کان نظر ايندو آهي. گهڙيال جي گهنڊ جو آواز "ريڊيو ماسڪو" سان مُنسلڪ ٿيل آهي ۽ اهڙيءَ طرح ريڊيو ماسڪو جي ذريعي ڪريملن جي اُن گهڙيال جو آواز ساري دنيا ۾ ٻُڌڻ ۾ ايندو آهي.

ڪريملن ۾ اندر، ڪيئي عمارتون آهن، جن جا ڪيترائي ڪمرا آهن، هڪ هال ۾ عوامي ميڙ ٿيندا آهن، جنهن ۾ 6000 ڪرسيون رکيل آهن، انهن تقريبات ۾ ڏاڍي رونق لڳي. ان هال کي سينگاريو به واهه جو ويو آهي ۽ روسين جي شان شوڪت جو چڱو خاصو نمونو پيش ڪري ٿو.

ماسڪو ۾ قيام دوران، هڪ ڏينهن صبح سان أتي وڃي ان قطار ۾ بيٺس، جنهن ۾ ماڻهو لينن کي ڏسڻ لاءِ مون کان به اڳ ۾ بيٺل هيا. ان ڏينهن، خوش نصيبيءَ سان موسم ڪنهن قدر خوشگوار هئي ۽ اس به نڪتل هئي. مان به اوور ڪوٽ ڪونه پاتو ۽ صرف هڪ جيڪٽ ۾ آيو هيس، پر سيءُ ڪونه پئي لڳو ۽ هوا به وٺندڙ هئي. اٽڪل ڇئن ڪلاڪن جي صبر آزما انتظار کان پوءِ مس مس منهنجو وارو آيو. لينن جي مقبري ٻاهران به فوجي سپاهي ائين ته سڌا سنوا باادب بيٺا هيا جو لڳي پيو ته ساهه به ڪونه ٿا کڻن. سوويت يونين جو باني، مارڪس ۽ اينگلز جو جانشين ۽ دنيا جي پهرين سوشلسٽ حڪومت جو بنياد رکندڙ، ولاديمير ايليچ اوليانو وسڪي لينن (V.I.Lenin - 1870-1924) شيشي جي هڪ خوبصورت تابوت ۾ اکيون بند ڪيو ائين ستو پيو هو، جو ڄڻ ته هينئر ئي ٿڪي ٿڪي اچي ستو آهي ۽ لڳو ٿي ته اجهو ٿو اُٿي. سندس منهن تي ڪنهن به قسم جا گهنج وغيره نه هيا ۽ سندس شيو بلڪل تازي ٿيل پئي لڳي.

ڪنهن به وفات ڪيل ماڻهوءَ کي محفوظ رکڻ جو اهيو طريقو روسين جي پنهنجي ايجاد هئي، ان کان اڳ ڪنهن به ملڪ ۾ ان طرح سان ڪنهن کي به محفوظ نه ڪيو ويو هيو. البته قديم مصري "مميون" ٺاهڻ ۾ شهرت رکندا هيا، سندن طريقه ڪار موجب ماڻهوءَ جو جسم خراب ٿيڻ کان محفوظ

رهي ٿو پر سُسندو ٿو وڃي. ان ڪري انهن کي سجاڳي ڪون سگهبو ته ڪنهن جي ’ممي‘ آهي. مصري ميون مون برطانيه جي ’برٽس ميوزم‘ ۾ ڏٺيون. روسي طريقو بعد ۾ چين وارن به اختيار ڪيو ۽ پنهنجي انقلابي رهنما ’چيئرمين مائوء‘ کي به محفوظ ڪيائون. تازو ڪوريا وارن به پنهنجي ليڊر ’ڪم ال سنگ‘ کي به ان طرح محفوظ ڪيو آهي.

روسي فوج جي هر سپاهيءَ جي اِها خواهش هوندي هئي ته سندس ڊيوٽي لينن جي مقبري تي لڳي. اسان واري يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ڊپارٽمينٽ ۾، اليڪسي نالي هڪ مهمان اُستاد هوندو هو. جيڪو انگريزيءَ سان (Touch) ۾ رهڻ لاءِ اڪثر مون وٽ ايندو رهندو هو. هُو 35 سال فوج ۾ نوڪري ڪرڻ بعد رٽائر ٿيو هو. ٽائيم پاس ڪرڻ خاطر، مهمان استاد طور هتي پارٽ ٽائيم جاب ڪندو هو. هُن پنهنجي عسڪري ڊيوٽي دؤران پورا 35 سال انتظار ڪيو ته سندس ڊيوٽي لينن جي مقبري تي لڳي مگر، سندس اِها خواهش رٽائر ٿيڻ تائين پوري نه ٿي. جنهن جو ڪيس اڄ تائين ارمان هو! بعد ۾ ٻين ڪيترن ئي رٽائرڊ فوجن سان ملاقاتون ٿيون، جن کي اهو اعزاز مليو هو. جنهن جو هُو ۽ سندن دوست احباب فخر سان ذڪر ڪندا هئا.

روس ۾ لينن جا پڌا ته مجسما لڳل آهن جو ڏسي حيرت ٿيندي، سندس وڏيون وڏيون تصويرون به هر جاءِ تي لڳل نظر اينديون. دُڪانن ۾، آفيسن ۾، گهرن ۾، مطلب ته هر هنڌ ۽ هر جاءِ تي لينن ئي لينن هو. مون چئن سالن جي طويل عرصي دؤران ڪنهن به ماڻهوءَ جي واتان، لينن لاءِ غلط (Remarks) نه ٻڌا.

لينن جي زندگيءَ تي هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ لکجن پيا. سندس مٿان ڪيتريون ئي فلمون ٺاهيون ويون آهن. هُن کي اديبن ۽ شاعرن بي انتها خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ميڪسم گورڪي جهڙي عظيم ليکڪ به لينن تي لکيو ۽ کيس ساراهيو. سندس راءِ هئي ته اگر لينن ڪنهن مذهبي دؤر ۾ هجي ها ته ماڻهو کيس ولي ڪري مڃين ها.

لينن جي زندگيءَ جو تجزيو ڪبو ته خبر پوندي ته هُن ڪافي ڪشالا ڪڍيا ۽ تڪليفون ڏٺيون. سندس وڏي ڀاءُ کي زار مٿان حملي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو ۽ کيس سائبيريا ۾ جلاوطني واري زندگي گذارڻي پئي. هُو هڪ بهترين مقرر ۽ ليکڪ هو ۽ اٽڪل 30 ورهيه لڳاتار جدوجهد

ڪيائين. ادبين لينن کي تَنڌي طبيعت جو مالڪ قرار ڏنو آهي، جيڪو جوش ۾ گهٽ ايندو هو ۽ آرام سان ٻين جي ڳالهه ٻڌندو هو. پنهنجن مخالفن کي به ٻڌندو هو ۽ پنهنجي ارادي تي هميشه قائم رهڻ وارو. شروع واري زماني ۾ ڪيس مخالف ماڻهن جي سخت تنقيد جو نشانو بنايو ويو.

ماسڪو ۾ وڏي ۾ وڏي لائبرري لينن لائبرري آهي، جنهن ۾ لکين ڪتاب موجود آهن ۽ جتي روزانو هزارين ماڻهو اچي مطالعو ڪن ٿا. ماسڪو ۽ لينن گراڊ کي اگر ميوزمن جا شهر چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، ماسڪو ۾ لڳ ڀڳ 70 ميوزيم آهن، هتي سياحن لاءِ مسئلو ٿيندو آهي ته هو ترجيحي بنيادن تي ڇا ڏسن ۽ ڇا نه ڏسن. هن شهر ۾ 150 ته فقط سئنيما گهر آهن، روس جون به وڏيون اخبارون ”پراودا ۽ ازوسيتيا“ ماسڪو کان علاوه هڪ ئي وقت ٻين 45 شهرن مان ڇپجي پڌريون ٿين، شهر جي وچ ۾ ”بلشوئي ٿيٽر“ (Bolshoi Theater) اگر ڪنهن نه ڏٺو ته انهيءَ چڻ ماسڪو ۾ قدم ئي نه رکيو. ماسڪو ۾ ڏسڻ لاءِ ”پانوراما“ نالي هڪ جنگي ميوزيم به آهي، جيڪا هڪ انتهائي وسيع ۽ خوبصورت عمارت ۾ موجود آهي. 1812ع ۾ جڏهن نيپولين بوناپارٽ ماسڪو تي ڪاهي آيو ته روسي فوج اُن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي شهر خالي ڪري ويئي هُئي، اها سندن جنگي چال هُئي، نيپولين کي سمورو شهر خالي مليو، مٿان وري غضب جي سردي ۽ کاڌ خوراڪ جي کمي، انهيءَ صورتحال ۾ روسين مٿان حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ کين بَري طرح شڪست ڏني، هن ميوزيم ۾ اهو سمورو جنگي سامان رکيو ويو آهي، ان جي ترتيب اهڙي آهي جو ائين ٿو لڳي چڻ جنگ هينئر هلندي هجي.

ٻه ڏينهن مڪمل طرح ماسڪو جو سير ڪيم، ٻارڙن لاءِ ننڍڙا وڏا رانديڪا به خريد ڪيم، جن ۾ مشرقي جرمنيءَ جي ٺهيل ترين مون کي ڏاڍي چڱي لڳي، سُرخ چوڻڪ جي ويجهو گم "Gum" ۽ سُم "Cum" نالي ٻه ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن، جن ۾ هڪ ئي وقت ٻه ٽي هزار گراهڪ ماپيو وڃن، اُتان خريداري ڪري پوءِ ڳوٺ رواني ٿيڻ لاءِ سوچڻ لڳس.

ٽين ڏينهن صبح سويل ئي ايروفلوٽ "Aero Flot" جي آفيس پُهتس ۽ ڪراچيءَ لاءِ ٽڪيٽ گهريم ته جواب ڏنائون ته ايندڙ ٻن مهينن تائين هڪ به سيٽ نه آهي، انچارج آفيسر سان ملي ڪيس پنهنجي مجبوريءَ کان آگاهه ڪيم

مگر هن بہ لاچاري ڏيکاري، لتل مَنهن سان جڏهن واپس هاسٽل آيم تہ سيف سمجهي ويو تہ ٽڪيٽ ڪونہ ملي آهي، هُن مون کي آٿت ڏني ۽ صلاح ڏنائين تہ مايوس ٿيڻ بجاءِ يورپ گهمي اچان ۽ واپس اچي پڙهائي شروع ڪريان، مگر دل هُئي جا ڪجهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هُئي، اُن رات هڪ پل لاءِ بہ اک ڪانہ لڳي ۽ سموري رات پاسا ورائيندي ورائيندي صبح ٿيو. بس پوءِ تہ اهو روز جو معمول ٿي ويو ۽ صبح جو تيار ٿي ايرو فلوٽ "Aero Flot" جي آفيس ويندو هوس ۽ انڪار ٻڌڻ کان پوءِ شهر گهمڻ لاءِ نڪري ويندو هوس، شهر ۾ گهمڻ لاءِ زمين دوز ريل جنهن کي 'ميٽرو' سڏن، سا ڏاڍي سستي ۽ آرامده سواري هُئي، مان بہ بلڪل واندو، هڪ اسٽيشن تي لهي گهمي ڦري وري اچي ان ۾ چڙهان، بس ائين ڪندي شام ٿيندي تہ واپس هاسٽل.

پنجين ڏينهن تي ائين ئي آفيس ۾ مايوس ويٺو ايندڙ ويندڙ مسافرن کي حسرت ڀريل نگاهن سان ڏسي رهيو هوس تہ هڪ اوپرو، قدري پريشان ۽ گهٻرايل شخص آفيس ۾ داخل ٿيو. 'واند ڪائيءَ کان وندر ڀلي' وارو محاورو سوچي ڪانئس انگريزيءَ ۾ حال احوال ورتم، هُو ٽڪيٽ لاءِ پريشان هو.

هن ٻڌايو تہ هُو ڪراچيءَ جو واپاري آهي ۽ 'زينت گارمينٽس' جو مالڪ، هتي پنهنجو مال کپائڻ واسطي آيل هو ۽ هاڻي ڪيس ويٺو هو، جو ڪراچيءَ ۾ ڪجهہ آمريڪي امپورٽر اچٽا هئا، انهن کان آرڊر وٺڻا هُئا، هن ٻڌايو تہ واپارين لاءِ رزرو سيٽون رکندا آهن، جو انهن کي ترجيحيح بنيادن تي سهولتون ميسر هونديون آهن، حڪومت پاڪستان پاران ان قسم جو هڪ خط بہ وٽس هو. ڪانئس اهو خط وٺي Aero Flot جي هڪ سينئر آفيسر سان مليس، خط ڏسي هن چيو تہ اگر هن خط جي تصديق پاڪستاني سفارت خانو ڪري تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهبو. مون واپس اچي کيس ٽيڪسي ڪري ڏني، ٽيڪسي ڊرائيور کي پاڪستاني سفارتخاني جو ڏس سمجهايو، ويندي ويندي هن مون کان انجام ورتو تہ مان سندس انتظار ڪندس ۽ کيس ڇڏي هليو نہ ويندم، ڪيس ڪهڙي خبر تہ مان وٽ سواءِ انتظار جي ٻيو ڪوبہ (Option) ڪونہ هيو.

هُو دوست ٻن ڪلاڪن جي اندر اندر، ساڳي ٽيڪسيءَ ۾ اچي پهتو، سفارتخاني وارن تصديق ۾ ڪيس هڪڙو خط بہ ڏنو، جيڪو کڻي مان وچي، اُن آفيسر سان مِليس، هُن خط پڙهي فقط ايترو پُڇيو تہ "گهڻيون ٽڪيٽون

گھرجن" "ہ" مون کان بي اختيار نڪري ويو. اڪ چنبي ۾ حساب ڪري، ٻن ٽڪيٽن جا پئسا گھريائين.

اُن لمحي نہ چاڻ ڪھڙي احساس تحت واپسيءَ تي ٽڪيٽ پڻ وٺي ڇڏيم، اھو سوچي تہ اگر موٽي آيم تہ واہ واہ، ورنہ ھڪ طرف جا پئسا ويندا نہ! ٻيو ڇا؟!!!

اھڙي طرح ڊپلوميٽس (سفارتخانہ جا آفيسر) لاءِ رزرو فرسٽ ڪلاس جون ٻہ ٽڪيٽون مليون، واپس اچي سامان تيار ڪرڻ لڳس ۽ سيف ڪي ڪراچيءَ لاءِ اُڏام جو ٻڌايم، حيران ٿيندي چيائين، "ائين بہ ٿيندو آھي ڇا؟ بس ائين اچي اوچتو ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿاسين...!!

ھتي ڪراچيءَ ۾، جيئن تہ ڪنھن کي منھنجي واپس اچڻ جو اطلاع ڪونہ ھيو، ان ڪري ايئرپورٽ تي لھي، ٽيڪسي ڪري، اسٽيشن تي پھتس ۽ ٽرين ذريعي اچي لاڙڪاڻي نڪتس. مون کي پنھنجي سامھون ڏسي ڪو يقين ئي نہ پيو ڪري تہ مان ايترو جلدي واپس اچي سگھان ٿو. گھر جي مڙني ڀاتين جي چھرن تي خوشي ۽ حيرانگيءَ جا مليل جليل جذبات ھُئا، روس جھڙي مُلڪ مان ايترو جلدي موٽي اچڻ، بھرحال عجب کان خالي نہ ھو. سڀ کان پھريائين بابا سائين واپسيءَ جو پروگرام پُڇيو ۽ پوءِ واري واري سان گھر جي تمام ڀاتين اِھو سوال ڪيو، ۽ ان سان گڏ ھو روس جي باري ۾ طرحين طرحين جا سوال ڪرڻ لڳا، دوستن دعوتون ڏيڻ شروع ڪيون، اڻ سڌيءَ طرح انھن مون کي پنھنجو مھمان تصور ڪيو ۽ مختصر عرصي ۾ واپس موڪلڻ جا سانياھا ڪرڻ لڳا، مطلب تہ مون کي ذھني طرح ايترو تہ منجھائي ڇڏيائون جو مان ڪين پنھنجي دل جي ڳالھہ بہ نہ پئي ڪري سگھيس، تہ منھنجي من ۾ ڇا ھي! مان ڪو واپس وڃڻ لاءِ ڪونہ آيو ھوس، پَر مجال آھي جو مُنھنجي بہ ڪو ٻڌي. ائين ٻہ ٽي ھفتا ٻيا بہ ڪچھرين ۾ گذري ويا، سيني پنھنجو پنھنجو پيار ۽ قرب ونڊي بس ڪيو تہ ھِڪ ڏينھن مون ڇا ڪيو جو ڪمرو بند ڪري، اڪيلائيءَ ۾ ويٺس تمام معاملہ تي غور ۽ ويچار ڪرڻ ۽ پاڻ کان سوالن جوابن جو سلسلو شروع ڪري ڏنم، سوال بہ پاڻ پئي ڪيم تہ جواب بہ پاڻ پئي ڏنم، آخرڪار ان فيصلي تي پھتس تہ مونکي واپس وڃڻو آھي ۽ (Ph.D) ڪرڻي آھي، اھو فيصلو ڪرڻ بعد مون پاڻ کي ڪافي مضبوط اندر محسوس ڪيو ۽ پاڻ تي فخر ڪرڻ لڳس، جنھن بعد ھوم ورڪ وارا

فائيل ڪولي باقي رهيل پنجن هفتن جي موڪلن وارو پروگرام ترتيب ڏيڻ لڳس.
(Ph.D) لاءِ منهنجي ٿيسز جو عنوان هو ”سنڌ جا دوائون پيدا ڪندڙ ٻوٽا“ (Medical plants of Sind) ان لاءِ مون کي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ وستين مان ڪُجهه ٻوٽا گڏ ڪرڻا هُئا. ان مقصد لاءِ ڪئميرا کڻي سنڌ جي سفر تي نڪتس، فوٽو گرافي ڪرڻ سان گڏوگڏ گهربل مقدار ۾ ٻوٽا به گڏ ڪيم. لائبرريون به گهميس ته حڪيمن ۽ طبيبن سان به ملاقاتون ٿيون. ان سلسلي ۾ آخري منزل اچي ڪراچي ڪيم، جتي ناظم آباد ۾ حڪيم سعيد صاحب جي قائم ڪيل لائبرري جو تفصيل جائزو ورتم. جتي طب تي هر ٻوليءَ ۾ ڪتاب موجود هئا. اگر نه هيو ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪتاب نه هُيو! ايتري قدر جو لائبريرين ان سلسلي ۾ پنهنجي لاعلميءَ جو اظهار ڪيو ته ڪو سنڌي زبان ۾ طب تي ڪتاب لکيل آهي. موٽ ۾ مون کيس طب تي لکيل سنڌي ڪتابن جي هڪ ڊگهي لسٽ تيار ڪري ڏني. خدا کي خبر ته بعد ۾ اهي ڪتاب گهرايائون يا نه!

اهڙيءَ طرح وڃڻ جي ويل به اچي ويئي، واپسيءَ جي سيٽ ته بوڪ ڪرايل هئي، ضروري سامان ۽ مواد گڏ ڪري، اچي ايئر پورٽ تي پهتم ڪراچي وارن ته ان سامان تي ڪو اعتراض ڪونه ڪيو. البته ماسڪو ۾ چڱيءَ طرح چيڪنگ وغيره ٿي، جتي پروفيسر پاران ڏنل ليٽر ڏيکاريم. دراصل مون سان گڏ ڪافي تعداد ۾ ٻوٽا هيا، جن تي اعتراض ٿيڻ قدرتي ڳالهه هئي، ماسڪو جي شريميتوا ايئر پورٽ تان سڌو لوڪل ايئر پورٽ تي آيم. اُتان لوڪل فلائيٽ ذريعي اچي ڪراس نادار نڪتس، ڪمرو کولي، سامان رکيم، ڪپڙا وغيره بدلائي، جڏهن ليٽي پيس ته صدين جا ٿڪ لهي ويا ۽ پهريون دفعو ڪمرو پنهنجو محسوس ٿيڻ لڳو ۽ گذريل دفعي واري ڪيفيت دل جي ڪنهن به گوشي ۾ موجود نه هئي.

پنهنجي ڇهن سالن جي قيام دؤران مان به پيرا موڪلن ۾ پاڪستان آيم ۽ اٽڪل به به مهينا رهيم. شيڊول بس اهو هوندو هيو جو ساري سنڌ مان ٻوٽا گڏ ڪيا هيا. انهن کي پريس (Press) ڪري، سڪائي اوڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ ٺاهي رکيا هئا. هڪ - به جوڙا نوان ٺهرائيا هيا. يارن دوستن سان ڪچهه ڪچهريون ڪيون هيون. لائبريريون گهمبيون هيون.

اهو هوندو هو موڪلن ۾ گهاريل وقت جو معمول ۽ مصروفيتون.

# روس ۾ گهاريل ڏينهڙا

هينئر جڏهن واپس روس پهچي ويو هوس ته پاڻ سان گڏ اطمينان کڻي آيو هوس، يا ائين کڻي سَمجهو ته سيئي پيڙا ساڙي پوءِ موٽيو هوس، ان ڪري پهرئين ڏينهن تي ننڊ به ڏاڍي مٺي آئي، هونئن به پويان لاڙڪاڻي ۾ پنهنجن ٻارڙن کي ڏاڍو خوش ۽ مطمئن ڏسي آيو هوس. دوست ۽ احباب به نيڪ تمنائن سان مون لاءِ دعاگو هُئا. والدين هر لمحي مون کي دعائون ڏيئي رهيا هئا. گهر جا سيئي معاملا حسبِ دستور پئي هليا، ان ڪري واپس موٽڻ لاءِ منهنجي دل اڳ ۾ ئي تيار ٿي چڪي هئي، مطلب ته هر ماڻهوءَ چاهيو پئي ته ماِن "Ph.D" ڪري موٽان ۽ مون ۾ اها سگهه ڪانه هئي ته سندن خواهشن جو خون ڪري سگهان. مون کي واپس ڏسي "Russian Language Teacher" ڏاڍي خوش ٿي. جيئن ته هتان ڪان سندن لاءِ ڪجهه ننڍڙا تحفا وٺي ويو هُوس، ان لاءِ به سندن خوشي ڏسڻ وٽان هُئي، حالانڪه تحفا قيمتي نه هُئا، پلا ڪلفٽن مان ورتل سپون، ڪوڏ ۽ انهن جا ٺهيل هار، سنگ مرمر جون ٺهيل ننڍڙيون سستيون شيون ۽ ڪجهه رومال جيڪي اسان وٽ عام جام آهن، مگر هن اصل انهن احساسن ۽ جذبن جو قدر پئي ڪيو، جن تحت مان ايترو پري ڪان سندن لاءِ تحفا کڻي ويو هوس. هن اهي تحفا سنڀالي رکيا ۽ هر ايندڙ ويندڙ مهمان کي ڏيکاري چوندي هُئي ته، ”هي تحفا منهنجي لاءِ پاڪستاني شاگرد آندا آهن.“

ٻئي ڏينهن ڊپارٽمينٽ ويس ته معلوم ٿيو ته اتي مون واري گائيڊ وٽ هِڪ روسي خاتون پڻ "Ph.D" ڪرڻ واسطي آئي آهي، جنهن پنهنجو ڪم شروع به ڪري ڏنو آهي، گائيڊ هڪدم اُن خاتون کي گهرائي مون سان سندس تعارف ڪرايو ته هي واليا (والنيتينا ولادو ميرووناياسرگيوا) "Valentina Vilado Mirovnaya Sergeva" آهي، ڊپارٽمينٽ ۾ ڪا به اضافي جاءِ

نه هٽڻ ڪري اسان پنهنجي ڪي هڪ ٽي تيل ڏني ويئي، هن کي ڪجهه ڪجهه انگريزي زبان آئي پئي، جو اسڪول ۾ انگريزي سندس "Second Language" هُئي، ٿوري گهڻي روسي مان به سکي ويو هوس، ان لاءِ هڪ ٻئي کان حال احوال وٺي پئي سگهياسين. مون ڪيس سنڌ مان گڏ ڪيل "Material" ڏيکاريو. هن اهو سامان ڪبٽ ۾ رکيو ۽ چيو ته اگر مان چاهيان ٿو ته، Ph.D وقت اندر ڪريان ته پوءِ ڪم شروع ڪرڻ ۾ دير نه ڪريان. اڄ ايترن سالن جي گذري وڃڻ بعد سوچيان ٿو ته اگر اُها خاتون مون سان گڏ داخلا نه وٺي ها ته مون کي ڊگري وٺڻ ۾ هڪ اڌ سال ٻيو به لڳي وڃي ها. هي سندس توجهه ۽ محنت جو ئي نتيجو هو جو اسان هڪ ئي ڏينهن ڪم پورو ڪيو. امتحان ڏنوسين ۽ پاس ٿياسين. هو انتهائي خلوص واري ۽ سهاجهي خاتون هُئي، هن منهنجي تلخ ۽ ٽڪائيندڙ ڪم کي جنهن نموني آسان بنايو ۽ منهنجي مدد ڪئي، اُهو آئون ڪڏهن به ڀلائي نٿو سگهان.

جيئن ته هيل روس واپسي اطمينان سان ٿي هُئي، اِن لاءِ ڪم شروع ڪرڻ ۾ ڪابه دير ڪانه ٿي. والدين کان سکيل سويل اٿڻ واري عادت وڏو فائدو ڏنو. منجهند تائين لاڳيتو ڪم ڪندي جڏهن ٿڪجي پوندو هوس ته هاسٽل اچي، لنچ وغيره ڪري ڪجهه آرام ڪندو هوس. مگر بعد ۾ معلوم ٿيو ته مُنهنجي اِن "Routine" تي چرچا ٿيهي ويا آهن. اگر منهنجي غير موجودگيءَ ۾ ڪو منهنجو پڇڻ ايندو هو ته ڪيس ڊپارٽمينٽ وارا ٻڌائيندا هئا ته، "صاحب جن ماني کائيندا، پوءِ آرام ڪندا. بعد ۾ گهمندا ڦرندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن پڙهندا به" بعد ۾ جڏهن دوستن واتان مون تي ٺاهيل چرچن جي خبر پيئي ته تڪليف پهتي ۽ شاهه صاحب جون هي سٽون ذهن جي ڪينواس تي ايرڻ لڳيون:

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
جو تو پانيو ساٿيهه، سو مانجهادي جو ماڳ.
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

منجهند جو ننڊ ڪرڻ وارو اهو آخري ڏينهن هو، وري چئن سالن ۾ ڪڏهن به پنهرن جو حرام جو اک به پوري هجي. يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو گهڻي کان گهڻو وقت صرف ڪرڻ لڳس ۽ ليبارٽري ۾ ڪم ڪرڻ دؤران

پنهنجو "Sitting Power" ايترو تہ وڌائي ڇڏيم، جو يونيورسٽيءَ وارن ڊپارٽمينٽ جون چاہيون ئي مون کي ڏيئي ڇڏيون جو سيني کان بعد ۾ ويڄڻ وارو مان ئي هوس، جنهن تي واليا ماضيءَ جي حوالي سان ڪڏهن ڪڏهن مذاق بہ ڪندي هُئي.

شام جو سج لٿي مهل واپسي ٿيندي هُئي، ۽ ڪِچن ۾ ماني وغيره تيار ڪبي هُئي، هاڻي جنهن ڪمري ۾ مان رهندو هوس، اهو پنجين منزل تي هوندو هو، جتي مون سان گڏ هڪ سينئر روسي شاگرد "Misha" بہ رهندو هو، هُن سموري ڪمري ۾ مارڪس، اينگلز، لينن ۽ برزنيف جون تصويريون آويزان ڪري ڇڏي هيون، جيڪي مون کي عجيب لڳنديون هيون، جو اهو ڪمرو ئي اسان جو سڀ ڪُجھ هو. سمهڻ، پڙهڻ، کائڻ پيئڻ وغيره سڀ ڪُجھ اتي ئي هو.

آهستي آهستي مون کيس سمجهايو تہ زندگيءَ ۾ سياست کان علاوه بہ گهڻو ڪجھ آهي، خدا تعاليٰ انسان کي ڏاڍو حسين بڻايو آهي، اگر ڪمري ۾ تصويرون لڳائڻ ضروري آهن تہ ڇو نہ ڪي چڱيون تصويرون لڳايون. مس مس آماده ٿيو ۽ پنهنجي پسند جو اظهار ڪندي ٻڌايائين تہ کيس هندوستاني اداڪاره شبانہ اعظمي پسند آهي، هڪ دوست انهن ئي ڏينهن ۾ يورپ پئي ويو، اُن هٿان بہ بهترين پوسٽر گهرايم، هڪ شبانہ اعظميءَ جو ۽ ٻيو يورپين اداڪاره بروڪ شيلڊ جو، ۽ باقي ڪمري ۾ وال پيپر لڳايوسين تہ ڪمرو نڪري پيو، جنهن کي اسان ٻنهي جي دوستن ڏاڍو ساراهيو. ميشا هڪ روسي ڳوٺاڻو هو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڏاڍو سچو ۽ مخلص هو. جڏهن بہ ڳوٺان ايندو هو تہ سڪايل مڇي، ماکي ۽ مکڻ جام آڻيندو هو، هن کي پنجاهہ روبل اسڪالرشپ ملندي هُئي، اُن لاءِ خرچ انتهائي احتياط سان ڪندو هو. حجاب ۽ حيا وارو شخص هو. منهنجي روسي ٻولي، مُسلسل ساڻس ڳالهائڻ جي ڪري وڌيڪ سُڌري، رات جو مان ماني وڌيڪ تيار ڪندو هوس، جو ڪونہ ڪو دوست وغيره اچي مانيءَ ۾ شامل ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هي بہ ساٿ ڏيندو هو. ڪيس خشڪ ڪيل مڇي ۽ بيئر ڏاڍو وڻندا هُئا، ان مڇيءَ جي بوءِ مخصوص ٿئي. پهرياڻين تہ مون کي ان بوءِ بيزار ڪري وڌو، مگر بعد ۾ آهستي آهستي مُون بہ اِن (Taste) کي (Develop) ڪري ورتو.

ڪيترن سالن کان پوءِ 1990ع ۾ جڏهن جده ۾ شيرٽن هوٽل جي

افتتاحي تقريب ۾ وياسين تہ مون کي اُها مڇي "Smoke Fish" نظر آئي، جيڪا مون ڪائڻ لاءِ ڪنئي تہ مُنهنجي گهر واري اُن جي ڏپ کان ڪافي پري وڃي بيٺي ۽ چيائين تہ ايڏي وڏي هوٽل ۾ ڪائڻ لاءِ اوهان کي فقط اها مڇي لڌي؟!!! مگر مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيان تہ اِنهيءَ سان منهنجون ڪهڙيون ڪهڙيون يادون وابستہ آهن...!

شروع شروع ۾ هتان جي ماني بنهہ ڪانہ وڻندي هُئي ۽ رڳو ڊبل روٽي تي گذارو ڪندو هوس، ڪڏهن بنگالي دوست تسليم ماني تيار ڪندو هو تہ وڃي وڻس ڪائيندو هوس، بنگالي جڏهن پاڻ ۾ گڏ ٿيندا هئا تہ چمچا ۽ ڪانٽا ڇڏي هٿن سان ڪائيندا هئا. جنهن کي تسليم جي نهايت پياري دوست "Aiona" ناپسند ڪندي هئي ۽ اهڙن موقعن تي مون سان گڏ ڪمرو خالي ڇڏي ويندي هئي، البتہ تسليم، اسان سان گڏ هوندي ڪانٽا ۽ چمچا استعمال ڪندو هو.

انهن شروعاتي ڏينهن ۾ سوڊان جو هڪ شاگرد محمد حسن الودود سان بہ ملاقات ٿي، جنهن پنهنجي روسي دوست ’تانيا‘ سان شادي رچائي هُئي، جنهن مان ڪيس ’ماريا‘ نالي ٻن سالن جي نياڻي بہ هُئي، هو اتي آخري سال ۾ هو ۽ وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. هُن منهنجي دعوت جهلي، اُتي سندس گهر واري تانيا کي مون سنڌي پرت پريل چولو پاتل ڏٺو تہ نظرون اتي ئي ڄمي ويون، منهنجو يڪ ٽڪ ڏسڻ هُن محسوس ڪيو ۽ پڇيو تہ، سچاتو اٿئي ڇا" ڪيس جواب ڏنم تہ ”هن پرت پريل چولي مان مون کي پنهنجي ديس جي خوشبو ٿي اچي“. محمد حسن ٻڌايو تہ گذريل سال هو اتلي ويا هُئا، جتان هنن هي چولو 40 ڊالرن ۾ خريد ڪيو هو، مون کي حيرت ٿي تہ اهو سنڌ جي ڪنهن مارئي مٺل نينگريءَ ڪيئن نہ نُور نچوئي پريو هوندو، ڇا ڪيس چاليهہ ڊالرن جو چوٿون حصو بہ مليو هوندو!

مون لمحي پر لاءِ سوچيو تہ سنڌ جو هي شاهڪار سنڌ مان هليو، اتلي پهتو، اتان روس آيو ۽ هاڻي سوڊان جا سانپاها اتس ۽ يورپ کان آفريڪا کنڊ ويندو. سنڌي چولي جو اهو سفر الاءِ جي ڪيستائين جاري رهندو.

روس ۾ ڳائي گوشت جي ڏاڍي قلت هوندي هُئي، مڇي، مرغي وغيره تي ٻـي ويندي هُئي، مگر دعوت وغيره ۾ اهي شيون ناڪافي سمجهيون

ويندي هئي، بعد ۾ اتي ڪئنٽين ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڪراڙي عورت سان عليڪ سليڪ ٿي، جيڪا هفتي ۾ هڪ دفعو ٻيٽي اگهه تي سٺو ڳائو گوشت صاف ڪري ڏيندي هئي، وتائنس گوشت حاصل ڪرڻ جو اهو سلسلو آتي رهڻ تائين جاري رهيو.

گوشت جو ذڪر نڪتو آهي ته، هلندي هلندي اوهان کي هڪ دلچسپ واقعو ٻڌائيندو هلان، اسان جي هاسٽل ۾ آفريڪي شاگرد ڪافي رهندا هئا، آهي ڏاڍا سٺا ڊانسر ۽ سنگر هئا، ۽ طبيعت ۾ ڏاڍا زنده دل، انهن مان هڪ همراهه کي گوشت کاڌي ڪيترائي مهينا گذري چڪا هئا، هُو گوشت جو نالو ٻڌي جذباتي ٿي ويندو هو. هڪ رات هن جاڳڻ جو فيصلو ڪيو ۽ فجر مهل وڃي قطار ۾ بيٺو ته جيئن سرڪاري دڪان کلي ۽ ڪاسائي اچي ته گوشت وٺي سگهي. اهڙي طرح هو يڪا سارا ڏهه ڪلو گوشت وٺي اچي ڪمري تي پهتو ۽ وڏي اهتمام سان سمورو گوشت ڊنر مهل تيار ڪرايائين ۽ ڪافي دوستن کي دعوت ڏيئي گهرايائين. ماني تيار ٿي ته وڏي شوق مان وينو کائڻ، هُو ۽ سندس ٻيا آفريڪي دوست گوشت کائي رهيا هئا ۽ ڳڙوڳڙ هڏا به چوسي رهيا هئا، سندن اِهو لقاءُ ڏسي هڪ روسي دوست کانئس پڇيو ته، ”آفريڪا ۾ ڪتا ڇا کائيندا آهن؟“ اهو ٻڌي وڏي اطمينان سان چيائين ته، ”آلو!!“ دراصل سڄي يورپ ۾ آلو صبح - شام واپريا ويندا آهن.

مون واري شهر ”ڪراس نادار“ جون چارئي مؤسمون برداشت جوڳيون هُيون، دراصل منهنجي داخلا پهريائين ماسڪو اسٽيٽ يونيورسٽي "Moscow State University" ۾ ٿي هئي، مگر سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڇهن مهينن تائين فائيل "Under Process" ۾ رهڻ ڪري، مون واري "Seat" ڪنهن ٻئي شاگرد کي ڏنائون ۽ اهو طئہ ٿيو ته ڇهه مهينا ڪراس نادار جي يونيورسٽيءَ مان ٻوليءَ جو ڪورس ڪري نئين سيشن ۾ اچي ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺان، سندن ڳالهه "Reasonable" هئي جو دير اسان پاران ٿي هئي، بهرحال جڏهن ڪوبان اسٽيشن يونيورسٽي آيس ۽ پنج ڇهه مهينا گذاري ٻولي سکڻ واري مرحلي مان پار ٿيس ته سفارتخاني جي معرفت وزارتِ تعليم کي پنهنجي خواهش کان آگاهه ڪيم ته مان "Ph.D" هتان ئي ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪا ڳالهه هنن قبولي ورتي.

ماسڪو ۽ لين گراڊ جهڙن انتهائي ٿڌن شهرن ۾ کائڻ جي شين جي

ڏاڍي اٿاٿ هوندي هئي، خاص ڪري گوشت، سبزيون ۽ فروٽ تہ ڪافي تڪليف ڪان پوءِ ملندا هئا، جڏهن تہ ڪراس نادار ۾ اهي شيون عام جام ملنديون هيون، شهر جي چوڌاري ٻهراڙيءَ مان پوڙها ۽ پوڙهيون توڪرن ۾ روزمره جي ضرورت واريون شيون کڻي اچي فٽ پاٿ تي ويهندا هئا ۽ شام ٿيندي ئي پنهنجن پنهنجن شهرن لاءِ اُسهندا هئا. ڳائو مکڻ تہ عامُ جامُ ملندو هو ۽ دڪانن کان ٻاهر خوشبو ڪاهي ايندي هئي، اتي اسان بہ واهہ جو مکڻ ڪاڌو. ان دؤران مون کي پنهنجو اباڻو ڳوٺ ٻُٺ سرائي (تعلقو ميهڙ) ڏاڍو ياد ايندو هو، جتي اسان وٽ جام مينهون هونديون هُيون، اسان جي ڏاڏيءَ، جنهن کي سيئي "مٺي امان" ڪري سڏيندا هئا، اسان کي لازمي طور صبح جو مانيءَ سان مکڻ ڏيندي هئي.

گهڻو ڪري گهڻي انهن ڏينهن ۾ اچوڪا مضر ڪاڏا تہ ڪونہ هئا. يورپ جا ماڻهو اُس جا سِڪايل ۽ اسان ايشيا ۽ آفريڪا وارا اُس جا ستايل، سنڌ ۾ مينهن گهڻي پون، شاعرن بہ ان موسم کي واه جو ڳايو آهي، ڀٽائي رحہ تہ اِن موسم کي ملاقات جي موسم سڏيو آهي.

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،<br>
وڇونَ وسڻ آيون، ڪري لعل لبيس،<br>
پرين جي پرديس، مون کي مينهن ميڙيا.

پر اسان يورپ وڃي ان موسم کان سخت بيزار ٿي پياسين، برساتي پائي، هٿ ۾ ڇتي کڻي ۽ مٿي تي ٽوپلو رکي تنگ ٿي پياسين، دعائون گهرندا هئاسين تہ ڪڏهن ٿي اُس نڪري ۽ سُک جو ساهہ کڻون، هت تہ بس اُس نڪتي نہ آهي. زائفائون ۽ ٻار باغن باغيچن ۾ ليٽي پوندا تہ جيئن سندن جسم کي وڌ ۾ وڌ اُس لڳي، هونئن بہ هرويرو اسان واري شهر ۾ اُس ناياب بہ ڪانہ هئي پر ماڻهن جي من ۾ اُس جي سڪ پيڙهي در پيڙهي سمايل هئي.

اسان جي هاسٽل سامهون هِڪَ وڏو لان هو، جنهن جي چوڌاري گلن جون خوبصورت قطارون هيون، جڏهن بہ اُس نڪرندي هئي تہ هاسٽل ۾ رهندڙ ڇوڪريون يونيورسٽي وڃڻ بدران اچي لان ۾ ويهنديون هيون ۽ دنيا ڀر جون مستيون وغيره ڪنديون هُيون، اگر ٿڪجي پونديون هيون تہ چادرون وڇائي اُتي ئي ليٽي، اخبار پڙهنديون هيون، سندن ڪوشش هوندي هئي تہ سندن بدن

تي جيترو به ٿي سگهي ڪپڙا مختصر هجن، ته جيئن سندن بدن گهڻي کان گهڻي اُس حاصل ڪري سگهي، انهن يورپي ڇوڪرين کي اُس ۾ وهنجندو ڏسي، ڪجهه آفريڪي ڇوڪرن پڻ "Sun Bath" ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، جن کي ڏسي يورپي (گوريون) هڪ ٻئي کي ڪَن ۾ چونديون هيون ته، "ڇا هنن کي اجان به اُس ۾ سڙڻ جي ضرورت آهي" روسي ماڻهو "Sun Bath" کي "Zagarth" چون، جنهن جو مطلب آهي اُس ۾ سڙڻ.

اسان پاڪستاني دوست، هفتي ۾ هڪ دفعو گڏجاڻي ضرور ڪندا هئاسين، اها گڏجاڻي، ڪڏهن مون وٽ ٿيندي هئي ته ڪڏهن ڪنهن ٻئي دوست وٽ، محمود ۽ ظفر ڪچن سنڀالي وٺندا هئا، جڏهن ته ڪامل ۽ مان خريداريءَ لاءِ ٻاهر نڪري ويندا هئاسين، جڏهن به اهڙو ڪو پروگرام رٿيندا هئاسين ته مان بنگالي دوست تسليم کي ضرور گهرائيندو هوس جو هُو، انتهائي سُلجهيل هو، پيا بنگالي همراهه به اچي گڏ ٿيندا هئا. شروع شروع ۾ ته پاڪستان وارن جي باري ۾ پُڇ پُڇ ڪندا هئا ته انهن ماضيءَ ۾ مٿن ڪافي ظلم ڪيا آهن، مگر آهستي آهستي هُو اسان سان هِري مِري ويا ۽ يومِ پاڪستان جي سلسلي ۾ ٿيندڙ اسان جي پروگرامن ۾ پڻ شرڪت ڪرڻ لڳا ۽ تعريفي ڪلمات ادا ڪندا هئا، جو موٽ ۾ اسان به سندن مُلڪ جي تعريف ڪندا هئاسين، ائين منجهن پيدا ٿيل اوپرائپ دُور ٿي.

هاسٽل جي هر منزل تي هڪ ڊانسنگ هال هوندو هو، جتي آچر رات واه جي محفل مچندي هئي، لاطيني آمريڪا جي ملڪن ڪيوبا، اڪيوڊر ۽ سلوا ڊور وغيره جي ملڪن جا شاگرد ۽ شاگرديائيون، جڏهن اسپيني زبان ۾ ڳائڻ لاءِ اُٿندا هئا ته اتي وجڻ وارا ماڻهو به ويهي رهندا هئا ۽ ڪين وري ڳائڻ لاءِ زور پريندا هئا. حالانڪ اسپيني زبان اسان کي سمجهه ۾ ڪونه ايندي هئي، پر اُن ٻوليءَ ۾ جيڪو سرور هوندو هو، ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ورلي ملندو؛ لانگ فيلو جي چواڻي ته "موسيقي تمام انسانن جي مشترڪ زبان آهي".

روسي ماڻهو فلمن جا ڏاڍا شوقين ٿين، سئنيما هال سدائين ڀريل نظر ايندا، اُتي انگلش، اٽالين ۽ فرينچ فلمون ڏاڍو مقبول هونديون هيون، انڊين فلمن جا به ڪافي شوقين نظر آيا، انهن ڏينهن ۾ اُتي هڪ هندستاني فلم "ڪيي ڪيي" ڏاڍي مقبول ٿي ۽ ماڻهن شوق سان ڏٺي. غير ملڪي فلمون

روسي زبان ۾ "ڊب" ڪري ڏيکارين، مگر هندستاني فلمن جا گانا جيئن جو تيئن رهڻ ڏين، انهيءَ فلم جون "آڊيو ڪيسٽس" عرب شاگردن وٽ به موجود هيون، جيڪي زور زور سان وڄائيندا هئا. يورپي فلمن جي چڱي طرح چڪاس ٿيندي هئي، جنهن بعد ئي انهن کي نمائش لاءِ اجازت ملندي هئي، جو انهن ۾ ڪجهه گالهيون اهڙيون ضرور هونديون، جيڪي روسي معاشري ۾ ممنوع هيون. هندستاني فلمن جي ٽڪيٽ ڊبل ونٽي پوندي هئي.

هندستان کي متعارف ڪرائڻ ۾ اُتان جي ٻين شين کان علاوه فلمن پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. فلمن ۾ ڏيکاريل سيٽ ۽ منظر انهن کي حيران ڪريو ڇڏين ۽ هو ڪيترن ئي ڏينهن تائين انهن جو ذڪر ڪندا رهن. منهنجو جنهن به شهر وڃڻ ٿيو، اُتي هڪ نه هڪ هندستاني فلم لڳل نظر آئي. البته مون ڪڏهن به ڪا پاڪستاني فلم نه ڏٺي، مگر ٻڌم ته ڪڏهن ڪڏهن ماسڪو ۾ ڪا پاڪستاني فلم ايندي آهي.

رات جو جڏهن به دير سان موٽندا هئاسين ته ڪنهن نانيءَ وانگر، واليا تڏ ڪان احتياط لاءِ ضرور چوندي هئي، سندس صلاح هوندي هئي ته بلئڪ ڪافيءَ ۾ ڪنيناڪ (1) جا ڪجهه قطرا وجهي ضرور پئجن، خبر ناهي ته ڪيس اُن جو ڪڙو ذائقو ڪيئن ٿي وڻيو. پر اها حقيقت هئي ته ڪنياڪ جا ڪجهه قطرا ڪافي ۾ ملائي پيئڻ سان جسم ۾ حرارت وڌي ويندي هئي، ۽ اوور ڪوٽ لاهڻ بلڪ ڦٽي ڪرڻ تي دل چوندي هئي.

جڏهن مهيني جي شروعات هوندي هئي ته شهر مان، هاسٽل تائين هميشه ٽيڪسي ذريعي ايندا هئاسين، ڏيڍ روبل ڪرايو لڳندو هو، اتي ڪيترائي ماڻهو، پنهنجون ذاتي ڪارون شام جو ٽيڪسي ڪري هلائيندا هئا، ۽ اهي به روبل وٺندا هئا. ٽيڪسيءَ جو استعمال عام طور تي پئسي جو زيان سمجهيو ويندو هو، اهو هيو به سچ جو بسون ۽ ٽرامون هر وقت تيار ملنديون هيون ۽ ڪرايو به فقط پنج پئسا، بس سڄو ڏينهن ماڻهو وتي گهمندو، ڪٿان به ڪاڏي به وڃي، ڪرايو فقط پنج پئسا.

اسان جي يونيورسٽي ۽ ٻين تعليم ادارن ۾ سڀني، ملڪن جي شاگرن جون تنظيمون ٺهيل هيون ۽ "فارين اسٽوڊنٽس" وارو ڊپارٽمينٽ سال ۾ هڪ

(1) روسي برانڊي. (Konyak).

ٻه پيرا، دعوتِ عام ڪري، انهن تنظيمن جي نمائندن کي گهرائيندا هئا. ان يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ مان پهريون پاڪستان شاگرد هوس، ان ڪري اُتي نه اسان جي مُلڪ جو نالو هو، نه جهنڊو ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي نمائندگي. ڪجهه مهينن کان پوءِ جڏهن مون روسي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪئي، ته ڏين سان مليس، ۽ ڪيس پاڪستاني تنظيم کولڻ جي باري ۾ چيم، هُن ان لاءِ ماسڪو لکي موڪليو. جتان اسان جو جهنڊو ٻه ٽهي آيو ۽ اجازت به گڏوگڏ ملي ويئي. ڏين مون کي گهرائي چيو ته پنهنجي تنظيم جي عهديدارن جا نالا ڏيو، مون سيني دوستن کي گهرائي ورتو ۽ فوراً گڏجاڻي ڪئيسين، سيني يڪراءِ سان، مون کي چئن سالن لاءِ صدر مقرر ڪيو. يونيورسٽيءَ کي ان فيصلي کان آگاهه ڪيم ته هنن جلدئي انقلاب آڪٽوبر جي موقعي تي ٿيندڙ فنڪشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏياري موڪلي ۽ ٻڌايائون ته مون کي تقرير پڻ ڪرڻي پوندي. ساٿين سان صلاح مشورو ڪيم، اسلام آباد مان آيل دوست صلاح ڏني ته مون کي روسي نظام تي تنقيد ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته ڪامريڊ افضل بنگش جي پُٽ ڪامل بنگش جو مشورو هو ته مان ان نظام جي تعريف ۾ تقرير ڪريان. جڏهن ته ٻين دوستن ظفر ۽ محمود اعتدال پسنديءَ کان ڪم وٺڻ لاءِ چيو. جنهن بعد مون مضبوط دليلن سان اعتدال ۾ وچ ٿري تقرير لکي تيار ڪئي. جنهن ۾ پنهنجي ملڪ جي تاريخ سان گڏ جملي پڙهندڙ شاگردن جي مسئلن تي روشني وڌي. جيئن ته الفابيٽ جي حساب سان پاڪستان جو نالو ڪافي دير سان ٿو اچي. اِن لاءِ منهنجو وارو تقريباً آخر ۾ آيو، شايد ڪو هِڪ اڌ آفريڪي ملڪ رهجي ويو هو. مون کان اڳ ۾ آيل سيني، شاگردن روسي نظام جي بي انتها تعريف ڪئي، خاص طرح بنگلاديش، ويٽنام، لائوس منگوليا ۽ ڪيوبا وارن ته روس جي تعريف ۽ ثناگوئيءَ ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو، يورپي ملڪ مناسب ۽ وچٿرا رهيا. منهنجي تقرير ان موقعي تي ڪافي پسند ڪئي ويئي، خاص طرح جڏهن مون شاگردن جا مسئلا بيان ڪيا ته ٻڌندڙ حيران ٿي ويا، جو ڪنهن کي به ان قسم جي اميد نه هئي ته ڪو سندن (System) تي به تنقيد ڪري سگهي ٿو. هال ۾ موجود شاگردن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪيئن (React) ڪن، تاڙيون وڄائڻ چاهيائون پئي پر وڄائي نه سگهيا، اهو فنڪشن شام جو ٿيو

هو، جنهن کان پوءِ اسان هاسٽل موٽي آياسين تہ سيئي شاگرد مون کي ورائي ويا ۽ چيائون تہ تو جيڪو چيو سو آهي تہ بلڪل سچ، مگر اِن جا نتيجا خراب نڪري سگهن ٿا. اُتي مون کي سيئي علي پائي جي نالي سان پُڪاريندا هُئا. اڪثر شاگردن مون کي چيو تہ ”علي پائي هاڻي واپس وڃڻ جون تياريون شروع ڪر“!

مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مون اهڙو ڪڏو ڪم ڪهڙو ڪيو آهي، جو يونيورسٽيءَ وارا ماڻهين مون کي واپس ڳوٺ موڪليندا. بهرحال صبح جو تيار ٿي رهيو هوس، تہ هاسٽل واردن ڏڪندي آئي ۽ چيائين تہ هڪدم ڊين سان وڃي ملان، جو هن مون کي ياد ڪيو آهي. هونئن تہ مان عام ڪپڙن ۾ تياري وٺي رهيو هوس، پر جڏهن ڊين سان ملڻ جو ٻڌم تہ سڀ کان بهترين فل سوٽ پائي فرانس جي هڪ وٽندڙ خوشبو لڳائي وڏي آرام سان يونيورسٽي آيم تہ اتي ساڳيو نياپو مليو، مون پنهنجو بيگ سيٽ تي رکيو، برساتي ۽ هيٽ محفوظ جاين تي ٽنگي، ڊين سان وڃي ملڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳس، تڏهن واليا ڊين جي ان اوچتي سڏ ڪرڻ جو سبب معلوم ڪيو، ڪيس ڪالهہ واري فنڪشن ۽ ان ۾ ڪيل تقرير جو پورو پورو احوال سربستو ٻڌايم، تہ ڏاڍي تشويش جو اظهار ڪيائين، پوءِ معلوم ٿيو تہ ڊين منهنجي گائيڊ کي بہ گهرائي پاڻ وٽ ويهاريو آهي ۽ منهنجي انتظار ۾ آهن. مان چند منٽ ڪرسي تي ويهي Relax ٿيس ۽ بعد ۾ ڊين سان ملڻ لاءِ روانو ٿيس، واليا آهستي آهستي چپن ۾ دعا ڪرڻ لڳي تہ شل خير ٿي وڃي، ڊين جي آفيس ۾، منهنجي گائيڊ کان علاوه ٿي چار ڇٽا پيا پڻ ويٺل هئا، جن کي مون ڪونہ سڃاتو. اُتي ويهڻ شرط ئي ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي وئي. رڳو ڊين ۽ مون ڳالهايو، ٻين ويٺي ٻڌو. ڊين ڳالهائڻ کان اڳ ۾ منهنجو ٿورو مڃيو تہ مون کي شاگردن سان وابستہ اهم مسئلن کان آگاهہ ڪيو آهي، جن جي باري ۾ انهن ڪجهہ بہ نٿي ڄاتو. مسئلا وري ڪهڙا هُئا، گرمين ۾ شاگردن کي Aero Flot ۾ سيٽ جو نہ ملڻ، ڪينٽين ۾ پوري صفائي نہ هجڻ، هاسٽل ۾ ايندڙ مهمانن مٿان غير ضروري سختي ڪرڻ وغيره. اسان جي ملاقات مشڪل سان 15 منٽ هلي. اٿڻ مهل ڊين هڪ دفعو ٻيهر ڪرسيءَ تان اُٿي منهنجو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو تہ آئينده بہ اگر ڪو مسئلو هجي تہ ڪيس ضرور

آگاهہ ڪريان.

واپس پهتم تہ واليا کي ورانڊي ۾ اچ وڃ ڪندي ڏٺم. مون کي ڏسي ڊوڙندي آئي ۽ پڇيائين تہ ڇا ٿيو؟ مون کي دل ۾ شرارت سجهي آئي، ڪيس چيم تہ مون کي هڪدم ملڪ ڇڏڻ جو حڪم مليو آهي. اهو ٻڌي سندس اکين ۾ ماڪ جا موتي ترڻ لڳا ۽ نيڻن ۾ مينگهہ ملهار جي موسم لهي آيس، سندس آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. وڏي مشڪل سان پاڻ کي ڪنٽرول ڪيائين، ٽڪڙي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ پنهنجا لڙڪ صاف ڪري واپس آئي ۽ يونيورسٽيءَ جي وي. سي کي اپيل ڪرڻ جي صلاح ڏنائين. جڏهن ڪيس حقيقت کان آگاهہ ڪيم تہ ٿڌو ساهہ ڀري اطمينان جو اظهار ڪيائين.

هاسٽل آيس تہ شاگرد ورائي ويا. يقين نہ پئي ڪيائون تہ مون کي بنا ڪنهن سخت قدم يا تنبيهہ جي ڇڏيو ويو آهي، بلڪ الٽو شاباس ملي آهي. ان دؤران محسوس ٿيو تہ ماڻهو چڱا آهن، پر ان نظام جو رعب ۽ دهشت ايڏي آهي جو ان خلاف ڪير بہ ڳالهائڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. جنهن ڪري ان مان ننڍا ملازم غلط فائدو حاصل ڪري پيا تحفا تحائف وٺن ۽ عيش ڪن. منهنجي تقرير جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان سيني شاگردن ۾ ڏينهن اندر هڪ وڏو فرق محسوس ڪيو.

روس ۾ گذاريل ڇهن سالن دؤران، بنان کير جي چانهن (قهو) پيئڻ جي عادت ايتري تہ پڪي ويئي جو پاڻي پيئڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪونہ ٿيندي هئي. ان ڪري پاڪستان مان روانو ٿيڻ مهل گورين جا ڪيترائي پاڪيٽ ساڻ ڪري آيو هوس، جون مون کي گئس جي شڪايت رهندي هئي، مگر هتي بنان کير واري چانهہ واپرائڻ جي ڪري نہ رڳو گئس ختم ٿي ويئي پر جسم تان واڌو چرٻي بہ ختم ٿي ويئي.

روس ۾ ڪتاب ڏاڍا سَستا، ان ڪري ڪتاب گهر هميشہ ماڻهن سان سٽيا پيا هوندا هئا. مون کي سدائين اها حيرت ٿيندي هئي تہ روسي حڪومت ايڏا سُٺا ۽ سَستا ڪتاب ايتري گهڻي مقدار ۾ ڪيئن ٿي مهيا ڪري سگهي. انگريزي زبان ۾ بہ ڏاڍا گهڻا ڪتاب ملي سگهندا هئا. اها حقيقت آهي تہ مغربي معيار مطابق سياسيات ۽ اقتصاديات جي موضوعن تي لکيل ڪتابن ۾ اها دلچسپي نہ ملي سگهندي هئي، جنهن جي ضرورت هئي، هتان جو تقريباً سمورو

"Literature" روسي نظام جي تعريف ۽ مغربي نظام جي تنقيد سان پريو پيو هوندو هو، مگر ادب، سائنس ۽ تاريخ جي موضوع تي هتان جو نظام ڏاڍو سگهارو رهيو آهي. خاص ڪري ٻي عالمي جنگ جي باري ۾ مغربي ملڪن کان بهتر هتان جي ڪتابن ۾ مواد ملي سگهندو هو، جنهن ۾ حُبِ الوطني جا لازوال مثال ملي سگهيا ٿي.

عيدالفطر آئي ته سيني دوستن کي فون تي اطلاع ڪيم ته هو صبح جو اچن ته هاسٽل جي ڪمري ۾ ئي نماز پڙهون، عرب ۽ بنگالي دوستن کي به اطلاع ڪيم پر صبح جو صرف هڪ پاڪستاني دوست ظفر آيو، ٻيو ڪوبه نه آيو، بس پوءِ اسان ٻنهي ڄڻن نماز ادا ڪئي، هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملياسين، ٿورو مٺو وغيره کائي، وري روز وارا ڪپڙا پائي يونيورسٽي وڃي ڪلاسن ۾ ويٺاسين، اها ٿي اسان جي روس ۾ عيد.

ٻي عالمي جنگ جو موضوع منهنجي لاءِ هميشه باعثِ ڪشش رهيو آهي، يونيورسٽيءَ جي ڏينهن ۾ هٽلر جي شخصيت ڏاڍي وڻندي هئي، ۽ سوچيندو هوس ته ٻي عالمي جنگ ۾ اگر هٽلر کي فتح نصيب ٿئي ها ته دنيا جو نقشو ڪجهه ٻيو هجي ها، مگر بعد ۾ مغربي ادب پڙهڻ سان اهو ٿيو جو من ۾ ويٺل هٽلر جو چٽو ۽ صاف عڪس ڪجهه ڌنڌلو ٿيو ۽ ان تمام صورتحال جو جائزو ڪجهه ٻئي نموني سان وٺڻ لڳس. مگر جڏهن روس ۾ پڙهڻ واسطي آيس ۽ هتان جي ماڻهن واتان، هٽلر پاران مٿن ٿيل ظلمن جا داستان ٻڌم ته هٽلر جو رهيل سهيل عڪس به من تان ميسارجي ويو.

مغربي يورپ جي تاريخدانن پنهنجي قلم کان منصف جو ڪم نه ورتو آهي ۽ انهن روسين جي قربانين ۽ مٿن ٿيل ظلمن کي گهٽائي پيش ڪيو آهي، جڏهن ته پنهنجن ڪارنامن کي ضرورت کان وڌيڪ پيش ڪيو آهي، روس ۾ قيام دوران ٻي جنگ عظيم جي باري ۾ ڪجهه انگريزي زبان ۾ ڪتاب مليا * جيڪي خريد ڪري مون ذاتي لائبرري ۾ رکيا، انهن ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته روسين ٻي عالمي جنگ ۾ قربانين جا اهڙا مثال ڇڏيا آهن، جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

*
(1) A Life Long cause (By Marshal Vasilevslcy).
(2) General Chernyua Khivik (By A. Shaviper).

هتي اخبارون ۽ رسالا به ڪافي سَستا. قومي اخبارون فقط ٻن پئسن ۾ ملي وينديون هيون ۽ ماهانه رسالا ڏهن پندرنهن پئسن تائين. هر هڪ ماڻهو به ٽي اخبارون ۽ به ٽي رسالا ضرور خريد ڪندو هو. سندن گهر ڪتابن ۽ رسالن سان ڀريا پيا هوندا هئا. مون کي هتان جي اخبارن ڪڏهن به متاثر ڪونه ڪيو، ان ڪري باقائده خريد ڪونه ڪندو هوس. ڪڏهن ڪو رسالو وغيره خريد ڪندو هوس، ورنه پيو مڙوئي ٺيو خير. البته هفتيوار "ماسڪو نيوز" ۽ لنڊن مان شايع ٿيندڙ "مارننگ اسٽار" ضرور خريد ڪندو هوس. 'ٽائيم' ۽ 'نيوز ويڪ' عام جام نه ملي سگهندا هئا. انڊيا جي هفتيوار اختيار "نيو ايج" به ملي ويندي هئي، جيڪا آتان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ترجمان هئي، انهن تمام اخبارن ۾ ماسڪو نيوز قدري بهتر هئي، جيڪا ڪنهن قدر خبرون مهيا ڪندي هئي، "نيو ايج" ۾ مضمون بهتر هوندا هئا، توڙي جو اهي سوشلسٽ نظام جي تعريف ۾ لکيل هوندا هئا، مگر انهن تي محنت تمام گهٽي ٿيل هوندي هئي.

ان کان علاوه هر شهر ۽ هر ريپبلڪ مان، هر زبان ۾ اخبارون ۽ رسالا ڏاڍا نڪرندا هئا. انگريزيءَ کان علاوه هر غير ملڪي ٻوليءَ ۾ رسالا شايع ٿيندا هئا.

ماڻهو ڪتاب جي هڪ ڪاپي ته اصل خريد نه ڪندا هئا، پنهنجن دوستن احبابن لاءِ به وٺندا هئا ۽ ڪيس تحفي ۾ ڏيندا هئا، انڪري ڪنهن چڱي اديب جو ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪلاڪن جي اندر ئي ختم ٿي ويندو هو. روسي صدر برزنيف جي ڪتاب" ملاياز مليا" (ڪنواري زمين) جي اشاعت ته ڪروڙن ۾ ڪيائون ۽ تقريباً دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرايائون، ڪتاب ۾ ته ڪا خاص ڳالهه ڪانه هئي پر ڇپائڻ وارن کان وٺي پڙهڻ وارن تائين سڀ مجبور هئا، مون ان جو انگلش ترجمو پوري توجهه سان پڙهيو ۽ پوءِ پنهنجي ٽيچر کان پڇيم ته ان ۾ آخر آهي ڇا جو ڪروڙن جي تعداد ۾ ڇپرايو ويو آهي!؟ جنهن تي خاموش رهڻ لاءِ چيائين. ان ڪتاب تي پيو ڪنهن واقفڪار به تبصرو نه ڪيو، موٽ ۾ مون به خاموشي اختيار ڪئي.

مارچ 1979ع ۾ مان جڏهن روس آيم ته افغانستان جون حالتون ڪافي خراب ٿي چڪيون هيون، اتان جي بادشاهه ظاهر شاهه جي سبڪدوشي کان

پوءِ سردار دائود حڪومت جون واڳون سنڀاليون، جنهن کي نور محمد تراڪي ڏڪالي ڪڍيو، جنهن بعد سَتت ئي حفيظ الله تخت سنڀاليو.

روسي افغانستان جي سياست ۾ ڪيترن ئي صدين کان ملوث رهيا آهن. هي ملڪ سندن انتهائي قريبي پاڙيسري آهي، زار جي زماني کان وٺي، انگريزن، افغانستان کي روس جي خلاف استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو ۽ هاڻي آمريڪا وارا به ان ملڪ کي ان مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ لڳا هئا. جلد ئي روسي فوجون افغانستان ڪاهي ويون ۽ ظاهر اهو ڪيو ويو ته اها مداخلت افغان حڪومت جي درخواست تي ڪئي وئي آهي. جنهن بعد روز افغانستان مان هزارين افغان پناهه گزين سرحد پار ڪري پاڪستان اچڻ لڳا. پاڪستان آهستي آهستي ان سموري معاملي ۾ ملوث ٿي ويو ۽ موٽ ۾ روسي حڪومت پاڪستان مٿان سخت ناراض ٿي، اِن سموري سلسلي جو اثر روس ۾ رهندڙ پاڪستانين تي پوڻ لڳو، ڪين روسي چڱين نگاهن سان نه ڏسندا هئا.

مون وٽ ڪمري ۾ بليڪ اينڊ وائيٽ روسي ٽي. وي ۽ هڪ عدد جاپاني ٽيپ ته هيو پر ريڊيو ڪونه هئو، جنهن ڏينهن ڀٽي صاحب کي شهيد ڪيو ويو هو، اُن ڏينهن مان معمول موجب تيار ٿي يونيورسٽي ويو هوس ۽ مون کي ان سلسلي ۾ ڪجهه به معلوم نه هيو. جڏهن اتان موٽيم ته بنگالي دوست ظهير السلام مون وٽ ڊڪندو آيو ۽ هن اها ڏکائيندڙ خبر ٻڌائي. منهنجا ته ڏيل ئي ڏڪي ويا، هن اها خبر بي. بي. سي تان ٻڌي هئي. مون هڪدم پاڪستاني دوستن سان رابطو ڪيو، ته هو به مون وٽ اچي گڏ ٿيا، پوءِ اسان اها خبر رات جو نائين وڳي ماسڪو ٽي. وي تان خبرنامي ۾ ٻڌيسين. ان خبر جي اچڻ کان پوءِ تقريباً سيني غير ملڪي شاگردن جو اسان جي ڪمري ۾ هجوم گڏ ٿي ويو، اهي سڀ ان دردناڪ واقعي تي ڏک جو اظهار ڪرڻ لڳا. اسان کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪريون ۽ ڇا چئون!؟ صبح جو يونيورسٽي ويس ته گائيڊ گهرائي پڇيو ته هي ڇا ٿي ويو؟ هيتري ساري عرصي ۾ منهنجي گائيڊ، مون سان ڪڏهن به ڪنهن به سياسي موضوع تي گفتگو ڪانه ڪئي هئي. مون ڪان ڪو ڪم ئي نه پئي ٿيو ۽ مان واپس اچي ڪمري تي ويهي رهيس. ناقابل يقين حادثو ٿي چڪو هو. روس ۾ جناح صاحب کان پوءِ ڀٽو صاحب ئي واحد ليڊر هو، جنهن کي سڃاتو ويندو هو.

روس سان گئس ۽ تيل ڳولهڻ وارو ماهدو به پتي صاحب هڪ وزير جي حيثيت سان ڪيو هو. وري سيٽو ۽ سينٽو کان علحدگي اختيار ڪرڻ، اتر ڪوريا کي تسليم ڪرڻ ۽ ڪراچي ۾ روس جي تعاون سان اسٽيل مل جو قيام آڻڻ، اُهي ڪارناما هئا، جيڪي روس ۾ ياد ڪيا ويندا هئا.

روس ۾ قيام دوران، ڪافي دوستن سان واسطو رهيو، جن ۾ خاص طور سان منهنجي روسي زبان واري ٽيچر ايرينا منهنجي ڪلاس ميٽ واليا، روم ميٽ ميشا، گائيڊ پروفيسر سيريدين ۽ غير ملڪي ساگردن جو ڏين، انهن سڀني سان منهنجو چئن سالن تائين واسطو رهيو، ساٿن اٿڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ روز جو ونهوار هوندو هو. انهن سڀني کي ياد ڪري ائين ٿو لڳي ته روسي به سنڌين، خاص ڪري لاڙ واري علائقي جي ماڻهن وانگر ڏاڍا مٺڙا، سادڙا، نرم ۽ محبت ڪرڻ وارا نسان هئا، انهن جي سادگي ڏسي ڪڏهن ڪڏهن رحم به ايندو هو ۽ سوچيندو هوس ته ايتري گهماگهمي واري زندگي ۾ به هي ماڻهو ڪيڏا نه صاف شفاف ۽ بي ضرر آهن. سموري سوويت يونين ۾ شراب ڪافي مقدار ۾ واپرايو ويندو آهي. اعليٰ "Quality" جو شراب سڀني رياستن ۾ ٺهي، شراب ٺاهڻ جون بنيون 24 ڪلاڪ ڪم ۾ مصروف، هر قسم ۽ رنگ جا شراب ٺاهين ۽ نالي ماتر اگهن ۾ وڪرو ڪن. معاشري تي، وڏي شراب نوشيءَ جو اثر واضح ۽ چٽو نظر ايندو. مزدورن جون پگهارون چڱيون خاصيون مقرر ڪيل هيون، مون پاڻ ڏٺو ته روڊ جي مرمت لاءِ مزدور پاڻ ڪارن تي چڙهي ايندا هئا، انهن جي گهرن جو ڪرايو به معمولي ۽ هو بچت به چڱي خاصي ڪري سگهندا هئا پر انهن بچيل اضافي پئسي جو استعمال به شراب نوشيءَ ۾ ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ روس جو ڏاهو طبقو فڪر مند رهندو هو. حڪومت جيڪڏهن شراب جون قيمتون وڌائيندي هئي ته ماڻهو گهرن ۾ ڪچو شراب ٺاهڻ شروع ڪندا هئا، جنهن جي ڪري موت جي شرح وڌڻ جو خطرو هوندو هو. ان لاءِ حڪومت اگر ڪو سخت قدم کڻندي به هئي ته پوءِ جلدي ئي پنهنجو فيصلو واپس وٺندي هئي.

روس ۾ بئنڪن جي حالت ڏاڍي خراب هوندي هئي، مان جنهن بئنڪ ۾ پنهنجا پئسا رکندو هوس، ان ۾ ويهڻ جي جاءِ به ڪونه هوندي هئي. ڪائونٽر تي فقط ٻه ڇوڪريون هونديون هيون، جيڪي نهايت سُست رفتاريءَ

سان ڪم ڪنديون هيون ۽ ماڻهو ويچارا ماٺ ڪري ويٺا هوندا هئا. هڪ دفعي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار به ڪيو ۽ کين سندن سست رفتاري. جو احساس به ڏياريو، موٽ ۾ چيائون ته اوهين پئسا خرچ ڇو نٿا ڪري ڇڏيو، بچت ڪري بئنڪ ۾ ڇو ٿا رکو؟! هاڻي کين آخر ڪهڙو جواب ڏيان!.

ان ڳالهه جو ڏک هميشه رهندو ته مان روس ۾ رهندي روسي ادب، ايترو پڙهي نه سگهيس، جيترو مون کي پڙهڻ کپندو هو. ان ۾ منهنجو ڪو گهڻو ڏوهه به ڪونه هو، صبح کان شام تائين ڊپارٽمينٽ ۾ ويهي "Micro Scope" ۾ نگاهون چمائيون پونديون هيون، اکين ۾ ته اصل سُور پئجي ويندو هو. چار سال مسلسل اهو ڪم ڪري نظر به ڪمزور ٿي چڪي هئي، رات جي ماني پاڻ ڪرڻي پوندي هئي، جنهن بعد ايتري سگهه ساري نه سگهندو هوس ته فقط هڪڙي اخبار به پڙهي سگهان. ان صورتحال ۾ روسي ادب پڙهڻ ته ڪُجا، ڪتاب ڏسڻ جو به وقت ڪڏهن نه سگهندو هوس. بهرحال جڳ مشهور ڪتاب "ماءُ" (1) ۽ پُشڪن جون تخليقيون ضرور پڙهيم ۽ انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو خريد ڪري ذاتي لائبرري لاءِ ڪٺي به آيس، باقي ڪافي ڪتاب اُتي ڇڏڻا پيا جو وزن کان وڌيڪ هئا.

سوويت يونين ۾ آڪٽوبر واري انقلاب کان پوءِ، مذهبي ۽ ٻين روايتي ڏينهن واريون موڪلون منسوخ ڪري، انقلاب ۽ جدوجهد جي پس منظر ۾ اهم ڏينهن جون موڪلون ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو هو، جن ۾ عوامي شرڪت کي خاص حيثيت ڏني ويئي. يومِ انقلاب ۽ يومِ مئي ته انتهائي متبرڪ ڏينهن تصور ڪيا ويندا هئا. اُنهن ٻن ڏينهن تي عوامي ريلي، جلسا ۽ جلوس نڪرن، جنهن دؤران عورتون ۽ مرد نوان ويس وڳا پهري گهرن کان ٻاهر نڪرن، ڳائن، نچن ۽ خوش ٿين دڪانن تي کائڻ پيئڻ جون شيون عام جام ملن، هرطرف ميلي جو سمان هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ جمع بازار جي طرز تي ٽن ڏينهن لاءِ "يارمارڪا" نالي عوامي بازار به لڳي ته جيئن روزمره جون شيون عام جام ملي سگهن. هڪ اهڙي موقعي تي مون کي پاڪستان قميصون به مليون، جيڪي اُتي ڏاڍيون پسند ڪيون ويندڙيون هيون، مون به قميصون ورتيون، هڪ پاڻ پاتم ۽ ٻي تسليم کي تحفي طور ڏنم. مون واري

(1) مئڪسم گورڪيءَ جو لکيل شاهڪار ناول.

قميص ته ڪيترائي سال هلي ۽ واپس پاڪستان اچڻ کان پوءِ به پئي پاتم، اُتي مشرقي يورپ جي مُلڪن جُون قميصون وغيره به ملنديون هيون. مگر انهن ۾ اُها "Quality" ڪانه هوندي هئي. ويتنام ۽ هندوستان جا چانور به ملندا هئا جيڪي بنگالي بورين ۾ پاڇڪا پرائي اچي جمع ڪندا هئا. بنگالي روز چانور نه کائين ته بنگالي ڪيئن سڏائين! البته پاڪستاني چانور ڪافي پسند ڪيا ويندا هئا. اهڙي طرح گرم مصالحي جا پاڪيٽ گهڻو تڻو هندوستان مان ايندا هئا. سکر ۾ قائم ڪيل فيڪٽري جون آڪسفورڊ جرسيون به ڪافي پسند ڪيون وينديون هيون، پر اُهي هونديون هُيون ڪافي مهانگيون ۽ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر. ڪراچيءَ مان "Mercury Garments" ۽ "Zeenat Garments" وارن جون قميصون نهايت خوبصورت ۽ پائيدار هونديون هيون. ماڻهو انهن لاءِ ديوانا ڏٺم. اگر خبر پوين ته پاڪستاني قميصون آيون آهن ته قطار در قطار دوڪانن ٻاهران جمع ٿي ويندا ۽ وٺندا به پنج پنج ۽ بعض اوقات پنجن کان به مٿي.

روس ۾ پنهنجي ڇهن سالن جي قيام دؤران ڪافي شهر گهميس، مشرقي يورپ ۽ مغربي يورپ به وڃڻ ٿيو. ڪافي مُلڪ گهمي ڏٺم، هر هنڌ مونکي هندوستاني شيون نظر آيو، پر يورپ ۾ موڪليل مال سٺو ۽ معياري نظر آيو، جڏهن ته روس ۾ سا ڳيون شيون ساديون ۽ بدنما نظر آيون. اُن جي مقابلي ۾ پاڪستاني شيون هر مُلڪ ۾ ٿوريون نظر آيون، مگر معياري ۽ دلڪش. هندوستاني واپاري ڪامياب ۽ ذهين ٿين. اُنهن پنهنجو غير معياري مال روس جي مارڪيٽ ۾ موڪليو آهي جو اُتي ڪوبه مقابلو نه آهي ۽ اُنهن جي هڪ هٽي قائم آهي. مگر يورپ ۾ اُن جي ابتڙ سخت مقابلو آهي اِن لاءِ اُتي معياري مال موڪلين، روس به ڇا ڪري، سندن هٿيارن جو سڀ کان وڏو خريدار هندوستان آهي. ٻئي ملڪ اڪثر واپار مال جي بدلي مال جي بنياد تي ڪن. ڪڏهن ڪڏهن مون روسين کي پاڻ ۾ پڻ پڻ ڪندي ٻُڌو ته هندوستان سَستي ۽ غير معياري مال تي عياشيون پيو ڪري.

روس ۾ لينن جي سالگره ڪنهن به ڇنڇر جي ڏينهن تي ملهائيندا هئا، اُن کي "سبوتنڪ" ڪري سڏين. اُن ڏينهن تمام ادارن جي صفائي ۽ رنگ و روغن ڪيو ويندو هو. اسانجا ساٿي شاگرد ۽ اسٽاف جيئن يونيورسٽيءَ جي

ڪم ڪار ۽ صفائيءَ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ هئا. ان لاءِ اهڙن موقعن تي زمين يا فارم تي ويندا هئا. هڪ اهڙي ڏينهن تي مان به ساٿن هڪ حڪومتي فارم تي گڏجي ويس. جتي پٽاٽا تيندا هئا.اسان صبح کان شام تائين پٽاٽا ڪڍياسين. شام جو اسان جڏهن موٽڻ لڳاسين ته فارم جي ڊائريڪٽر سيني کي چيو ته پنهنجي گهر لاءِ جيڪو به جيترا به پٽاٽا کڻي سگهي، اهو کڻي وڃي سگهي ٿو. اِها خبر سيني کي هئي ۽ انهن وڏا وڏا ٿيلا پاڻ سان گڏ اڳ ۾ ئي آندا هئا، جيڪي اُنهن ڀري کنيا ۽ خوش خوش گهر روانا ٿيا.

اُتي 8 مارچ کي ”يومِ خواتين“ ڪري ملهائين، اِن ڏينهن تي عورتون ڏاڍيو خوش ٿين. هو اِن ڏينهن جي مناسبت سان پنهنجن دوستن، عزيزن ۽ سهيلين سان اڳواٽ ئي پروگرام رٿيو ڇڏين. ان ڏينهن مردن جي هٿن ۾ تحفن جا انبار هوندا، جيڪي هُو پنهنجين شناسائن ۽ عزيز خواتين کي ڏين. عورتن کي سوَن جي تعداد ۾ مبارڪباد ملن. ڪارڊن، گلن ۽ تحفن تي اُن ڏينهن اسان غير ملڪين جو ڪافي خرچ ٿيو وڃي جو جهڙو ويس تهڙو ديس. نئون سال به سُهٺو ڪري ملهائين ۽ به دفعا ڪري ملهائين. هڪ عام سرڪاري ڪئلينڊر جي حساب سان ته ٻيو قديم روسي ڪئلينڊر جي حساب سان، جنهن جي وچ ۾ ٻن هفتن جو فرق ٿئي. انهن ڏينهن کان علاوه، ماڻهو سالگرهون به وڏي اهتمام سان ملهائين. هر گهر ۾ اهڙيون پارٽيون ٿين. هڪ ڳالهه جيڪا مون محسوس ڪئي ته سيني ڏينهن تي هو زبردست خوشي ڪن، بي تحاشا شراب پين، ڊانس ڪن، خوبصورت ۽ نوان نوان جوڙا پهرين،جڏهن ته اسان مسلمان پنهنجا تهوار مختلف انداز سان ملهايون، جن ۾ انفراديت ٿئي. ۽ هر خوشي ٻيءَ خوشيءَ کان ڌار ۽ مختلف اسان واريون شاديون ته پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هتي شادي جو انداز ئي نرالو، گهوٽ ۽ ڪنوار پاڻ وڃي نڪاح رجسٽر ڪرائين، بعد ۾ گهر ۾ ڪجهه چوند دوستن ۽ احبابن جي دعوت ڪن ۽ ٻيو مڙيئي ٺيو خير! گهوٽ ۽ ڪنوار ته هڪٻئي لاءِ بلڪل اوپرا ڪونه ٿين ۽ هڪٻئي کي چڱي طرح سڃاڻن. اسانجي سماج وارو حجاب، شرم ۽ شاديءَ جون انيڪ رسمون هتي بنهه نه ٿين، جڏهن اِهي سڀ ڳالهيون ياد ٿيون اچن ته دِل هِڪ دفعو ٻيهر شادي ڪرڻ لاءِ تڙپي اٿي ٿي، مگر ڇا ڪجي، هر خواهش ته پوري به نه ٿيندي آهي.

اسان واري يونيورسٽيءَ ۾ هڪ خاتون ٽيچر ڪڏهن ڪڏهن، پنهنجي ڏهه ساله نياڻيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندي هُئي. هو نيڻگر رنگ روپ جي ڏاڍي خوبصورت ۽ وڻندڙ هُئي. پر سندس اکيون يورپي نه هُيون، جڏهن ته سندس ماءُ جون اکيون بلڪل يورپي هُيون، هڪ ڏينهن اُن خاتون جي مڙس سان ملاقات ٿي، جيڪو ڪنهن مقامي اسپتال ۾ ڊاڪٽر هو. اُن جون اکيون ڏٺم ته بلڪل ڏيءَ جهڙيون هُيس، وري هاسٽل موٽي تسليم جي گرل فرينڊ، جيڪا منگوليا جي هُئي، جون اکيون نهاريم ته ڪافي هڪجهڙائي نظر آئي. بعد ۾ ڪتابن مان معلوم ٿيو ته منگولن روس تي ڪافي عرصي تائين حڪومت ڪئي هُئي ۽ اِن دؤران اُنهن مقامي روسي خواتين سان شاديون به رچايون هُيون، عام طور تي فاتح قومون مفتوحن تي ڪافي زيادتي به ڪنديون آهن ۽ وري منگول ته هُيائي ظالم ۽ سرڪش، سائنسي اصولن "Laws of Genetics" تحت منگولن جا اُهي اثرات ڪي عارضي ۽ وقتائتا نه هُيا جو هڪ ٻن نسلن تائين ختم ٿي وڃن. منگولن جا قد ڊگها، جسم مضبوط ۽ اکيون گهريون ٿين ٿيون، جن جا اثرات "Dominant" رهيا، شايد اِهو ئي سبب آهي جو عام روسين جا، تاتارين ۽ منگولن لاءِ ڪي چڱا جذبا ڪونه هُئا ۽ روسي تاريخ ۾ به سندن ذڪر ڪو چڱن لفظن ۾ ڪونه ٿو ملي، روسي تاريخ دانن چنگيز خان ۽ اُن جي اولاد کي وحشي ۽ ظالم ڪري لکيو آهي. روسين ڪڏهن به ڪونه پئي چاهيو ته ڪين "Mangol-Tatar Connection" سان ڏٺو وڃي. هُنن هميشه چاهيو آهي ته ڪين يورپي "Slav" نسل ڪري ميڃيو ۽ سمجهيو وڃي.

روسين سان ڪير ڪيترو به اختلاف رکي، پر اِها ڳالهه اسان چڱي طرح محسوس ڪئي سين ته روس جي ڪنهن خطي يا ڪنڊ ۾ نسلي برتري جو ڪوبه احساس نه آهي نه ئي اهڙوڪو واقعو يا مثال ملي ٿو. اسان کي هميشه غيرملڪي نه پر مهمان جي حيثيت سان ڏٺو ۽ سلوڪ ڪيو ويندو هو، ۽ عزت ڏيندا هُئا. روُس جون خوبصورت ترين ڇوڪريون پنهنجن ايشيائي ۽ آفريڪي دوستن سان بنان ڪنهن احساس برتريءَ جي گڏ گهمنديون ڦرنديون هيون، شادي ڪنديون هيون ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به فرد يا اداري کي مجال نه هُئي ته هو ڪنهن به قسم جا "Coments" پاس ڪري. ان جي مقابلي ۾ لنڊن، روم، برلن ۽ برسلز ۾ اسان رات جو سويل ئي پنهنجن ڪمرن تي موٽي

ايندا هُئاسين ته ڪٿي ڪنهن نسل پرست تنظيم جو شڪار نه ٿي وڃئون.

ڪراس نادار شهر جي مرڪز ۾ هڪڙو هوٽل هوندو هو، جتي مان ڪڏهن ڪڏهن رات جو ماني کائيندو هوس. ائين تڏهن ٿيندو هو، جڏهن مونکي ڪنهن ڪم سانگي هاسٽل دير سان ورڻو پوندو هو ۽ شهر ماني کائي اچڻي پوندي هئي ته جيئن هاسٽل ۾ مانيءَ جو خفو نه ڪرڻو پوي. هڪ دفعي مان ۽ واليا ماني کائڻ وياسين ته اسان کي پوڙ "Curry" ۾ گوشت جو هڪ وڏو ٽڪڙو"(Piece)" مليو، جيڪو رنگ ۾ ڳاڙهو ۽ سائيز ۾ به وڏو هو. آرڊر ڏيڻ واليا ويٺي هُئي ۽ کيس چڱي طرح خبر هئي ته مان گوشت کائڻ مهل هر طرح جو اطمينان ڪندو هوس، واليا منهنجا تاثرات سمجهي ويئي ۽ منهنجي سوال کان اڳ ۾ ئي چيائين ته هي گوشت مان کائي سگهان ٿو جو اِهو "Reindeer" جو آهي، جيڪو هرڻ ۽ ڦاڙهي جي نسل مان آهي، هي جانور سائبيريا ۾ ٿئي ٿو. ۽ اُتي اهم سرمايو ڪري پاليو وڃي ٿو. ڪُجهه مهانگو ٿئي پر ماڻهو وڏي شوق سان پاليندا آهن، هن جانور کي برف تي گسڪڻ واريون گاڏين ۾ به استعمال ڪن، هاڻي ته سرڪاري فارمن ۾ به ان جانور کي پاليو وڃي ٿو. سائبيريا ۾ سندس گوشت کاڌو وڃي، گرم گرم رَت پيتو وڃي ۽ کل مان ڪوٽ ٽوپيون ٺاهيون وڃن. روس جي سيني علائقن ۾ ان جو گوشت محفوظ ڪيو وڃي. مهانگي هجڻ جي باوجود به ڪافي مقدار ۾ خريد ڪيو وڃي ٿو، جو ان جو گوشت گرم ۽ طاقتور آهي، مونکي به کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ لڳو. مگر چئن سالن ۾ وري ڪڏهن به اِهو گوشت کائڻ جو اتفاق نه ٿيو.

گوشت جو ذڪر نڪتو آهي ته هِڪڙو ٻيو واقعو به پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش آهي. تسليم جي گرل فرينڊ منگوليائي ڇوڪري "آيونا" جو ذڪر هن ڪتاب ۾ اڳ ۾ ڪيو اٿم. هڪ دفعي پنهنجي وطن مان موڪلون گذاري جڏهن واپس پهتي ته هُن اسان سيني جي دعوت ڪئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ گهُرايائين، جنهن دعوت ۾ هُن ڪيترن ئي قسمن جا کاڌا پيش ڪيا. هُن هِڪ پليٽ ۾ "گهوڙي جو گوشت" به پيش ڪيو. جيڪو تيار ٿيل صورت ۾ منگوليا وارا دٻن ۾ بند ڪري ٻاهرين مُلڪن ۾ موڪليندا آهن. اسان ٿورو ٿورو چکيو، پر آيونا ۽ سندس هم وطنن وڏي رَغبت سان کاڌو.

انهن جي واتان ٿي معلوم ٿيو ته منگوليا وارا گهوڙا پالڻ ۽ اُنهن جو منافع بخش واپار ڪرڻ پنهنجي حياتيءَ جو حصو تصور ڪندا آهن. منگوليا جا ماڻهو چنگيزخان جي دؤر کان وٺي گهوڙن کي پاڻ کان جُدا ڪري نه سگهيا آهن. ڀهراڙين جا ماڻهو ته وڏا وڏا ڌڻ چاريندا نظر ايندا آهن.

روس جي ڪجهه علائقن ۾ ڪنييون به عام جام ٿين، ماڻهو وڏي شوق سان ڀهاڙن تي وڃي گڏ ڪن ۽ وڏي حفاظت سان صاف ڪري شيشن جي مرتبانن ۾ محفوظ ڪري رکن، پاڻ به کائن ۽ دوستن جي دعوتن ۾ خاطر تواضح به ڪن ۽ ڪين تحفا به موڪلين. اسان وٽ ڪنييون ٽرواري علائقي ۾ ٿين ۽ شوق سان کاڌيون وڃن، جڏهن ته سنڌ جي اترئين علائقن ۾ ڪُنييون ڪونه ٿين ۽ نه ٿي انهن جي خاص سڃاڻپ ڪري سگهجي. دراصل سَڀ ڪُنييون کائڻ لائق "Edible" ڪونه ٿين، اُنهن ۾ ڪي قسم ته کاڌا وڃن، باقي ڏاڍا زهريلا ٿين، جن جي کائڻ سان مرڻ جو انديشو به ٿئي ٿو. روس ۾ ڪُنيين جو اڪثر ذڪر هلندو هو، پر مان خاموش رهندو هوس، جو ان باري ۾ مونکي ڪا خاص ڄاڻ ڪونه هوندي هئي، هڪ ڏينهن واليا ڪُنيين سان ڀريل مرتبان کڻي آئي ۽ کائڻ لاءِ چيائين مگر مون دل پٺي هنئي، منهنجي گهبراهٽ ڏسي هن خاطري ڏياري ته هو ڪُنييون چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿي ته کهڙيون کائڻ لائق آهن ۽ کهڙيون نه، ان لاءِ بنان ڊپ جي کاوان، مون به الله توهار ڪري کائي ڏٺيون ته ڏاڍيون لذيذ لڳيون پر کائڻ کان اڳ ۾ ڪيس تاڪيد ڪيم ته اگر مري وڃان ته مهرباني ڪري هتي نه دفنائجو، منهنجو مڙهه ڳوٺ موڪلي ڏجو. ڊپ جو لهي ويو ته پوءِ هُن جي پاران موڪليل ڪنييون وڏي چاهه سان کائيندو هوس، البته بازاري ڪنيين کان پاسو ڪندو هوس.

هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو ٻه ڏينهن واليا يونيورسٽي ڪونه آئي، اِن کان اڳ ۾ ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيو هو، ڊپارٽمينٽ ۾ سڀنيءَ کي تشويش ٿي، بعد ۾ معلوم ٿيو ته سندس طبيعت خراب ٿي پيئي آهي ۽ ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. مون پنهنجي "Language Teacher" مادام ايرينا کي اِها ڳالهه ٻڌائي ته هُن مونکي سندس "Colleague" هئڻ جي حيثيت سان صلاح ڏني ته کائڻ پُڇڻ وڃان. دوستن صلاح ڏني ته سندس لاءِ گُل وغيره وٺي وڃان جو اهو ڏاڍو سٺو سمجهيو ويندو آهي. ان لاءِ مارڪيٽ وڃڻو پيو، جتان

ٽيولپ جا 3 گل 10 روبل يعني تہ 140 روپين ۾ خريد ڪيم ۽ ٽيڪسي ڪري جنرل اسپتال پهتس. سياري جي موسم هئي ۽ شام جو پنجين وڳي تائين ملاقات ڪري ٿي سگهيس، ان ڪري مِلڻ ڏنائون مگر اوورڪوٽ. ۽ ٽوپلو وغيره ٻاهر لهرائي رکيائون ۽ اندر وڃڻ لاءِ ايپرن ڏنائون ۽ پيرن ۾ هوائي چپل. گل ڪٽي جڏهن، چپل جو مخصوص آواز ڪيندو واليا جي ڪمري ٻاهران پهتس تہ ڏاڍو کِلي ۽ چيائين تہ ڪير چوندو تہ تون ڪو غيرمُلڪي آهين. اسان ملاقاتين جي مخصوص ڪمري ۾ ويٺاسين. مون سندس مزاج پُرسي ڪرڻ کان پوءِ اوچتو بيمار ٿيڻ جو سبب معلوم ڪيو. مگر هُن سبب ٻڌائڻ کان پٽي نٽايو آخر زور ڀرڻ تي ٻُڌايائين تہ ڪي زهريليون کنڀيون کائڻ ڪري مري مري بچي آهي. اِهو ٻُڌي منهنجا تہ وارئي ڪانڊارجي ويا ۽ مون روس ۾ کنڀيون کائڻ کان توبهہ ڪئي.

# سوويت يونين- هڪ مختصر تعارف

پندرنهن رياستن تي مشتمل هِن مُلڪ جو پورو ۽ مڪمل نالو آهي. يونين آف سويت سوشلسٽ ريپبلڪس "Union of Soviet Socialist Repablics" (U.S.S.R) يا سوويت يونين ۽هن ملڪ جو جملہ ايراضي آهي. 22.400.000 اسڪوائر ڪلوميٽر، جيڪا آمريڪا کان ذري گهٽ ٽيڻي آهي ۽ دُنيا جو وڏي ۾ وڏو ملڪ آهي. زمين جو تقريباً ڇهون حصو هن ملڪ والاريون اهي، جيڪڏهن هن ملڪ ۾، مشرق کان مغرب ڏانهن روڊ ذريعي سفر ڪبو تہ سندس ڊيگهہ اٽڪل 10.000 ڪلوميٽر ٿيندي ۽ يارنهن دفعا ٽائيم کي درست ڪرڻ لاءِ واچ کي صحيح ڪانٽن تي رکڻو پوندي. سوويت يونين جو اٽڪل 75 سيڪڙو حصو ايشيا ۾ آهي. باقي 25 سيڪڙو يورپ ۾ اٿس. يورپ ۾ سندس سرحدون، اُتر کان اولهہ ناروي "Norway" فن ليند "Fin-land" پوليند "Poland" زيڪوسلاويڪيا "Czecho Slavakia" هنگري "Hungary" ۽ رومانيا "Romania" سان ملن ٿيون ايشيا ۾ سندس سرحدون مغرب کان مشرق ترڪي "Turkey" ايران "Iran" افغانستان "Afghnistan" چين "China" منگوليا "Mangolia" ۽ اُتر ڪوريا "North korea" سان ملن ٿيون.

سوويت يونين ۾ 15 رياستون شامل آهن، جن جا نالا ۽ گاديءَ جا هنڌ (ڏنگين ۾) هيٺ ڏجن ٿا.

1- روس، ريشين فيڊريشن (ماسڪو)

2- بيلاروس (منسڪ)

3- يوڪرين (ڪيوِ)

4- مالديويا (ڪشنيف)

5- لاتويا (ريگا)

6- لٿونيا (ولنوئس)

7- استونيا (تالن)

8- جارجيا (تبلسي)
9- آرمينيا (يروان)
10- آذربائيجان (باڪو)
11- قذاخستان (الماعطا)
12- ازبڪستان (تاشقند)
13- ترڪمانستان (اشڪ آباد)
14- تاجڪستان (دوشنبہ)
15- ڪرغزيا (فرونذي)

سوويت يونين جي انهن پندرهن رياستن يا جمهوريتن کي سڃاڻڻ خاطر انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا: پهرئين حصي ۾ يورپي سلاوڪ نسل جا سُرخ ۽ سفيد رنگ وار ماڻهو اچي وڃن ٿا. ان حصي ۾ شامل رياستن ۾ روس بيلاروس، يوڪرين، مالديويا، لاتويا، لٿونيا ۽ ايستونيا شامل آهن، هِتي ڪجهہ عيسائي ۽ يهودي بہ آباد آهن. ٻئي گروپ ۾ ڪوه قاف وارو علائقي اچي وڃي ٿو، جارجيا، آرمينيا ۽ آذربائيجان، انهن ٽنهي رياستن ۾ آذربائيجان جا ماڻهو تہ شيعا مسلمان آهن، البتہ باقي ٻين ٻن رياستن جا ماڻهو عيسائي آهن، هِتان جا ماڻهو جاٺا، قدآور ۽ ويڙهاڪ ٿين ٿا. سندن رنگ ڪٽڪائون ٿئي. ٽئين حصي ۾ وچ ايشيا وارو علائقو آهي. قذاخستان، ازبيڪستان، ترڪمانستان، تاجڪستان ۽ ڪرغزيا. هن خطي ۾ گهڻو ڪري مسلمان آباد آهن ۽ سندن رنگ روپ ڪُجهہ قدر ايشيائي آهي،پر قراخستان ۾ 40 سيڪڙو روسي ۽ 35 سيڪڙو قراخ آهن.

يونين ۾ شامل 15 رياستن يا جمهوريتن جي مختصر تعارف ڏيڻ جو مقصد اهو آهي تہ پڙهندڙ هن عظيم الشان مُلڪ جو تعارف پڙهڻ وقت اِهو سمجهي سگهن تہ يو. ايس. ايس. آر "U.S.S.R" هڪ يونٽ يا قدرتي جوڙجڪ وارو ملڪ نہ پر هڪ فيڊريشن آهي. جنهن ۾ شامل 15 رياستن جي پنهنجي ٻولي، تهذيب، جهنڊو ۽ حڪومت آهي، اهي رياستون تاريخي طور ڪڏهن گڏ تہ ڪڏهن ڌار پئي رهيون آهن. پهرئين گروپ ۾ شامل رياستن روس، بيلاروس، ۽ يوڪرين ۾ رهندڙ قومون تہ سماجي ۽ ازدواجي رشتن ۾ ڳنڍيل آهن ۽ پري بالٽڪ رياستن لاتويا، لٿونيا ۽ استونيا پڻ هڪٻئي جي

ڪافي قريب آهن. انهن ٽنهي رياستن جو سماجي رشتو فن لينڊ "Finland" سويڊن "Sweden" ۽ ناروي "Narway" وارن سان وڌيڪ آهي، جو انهن جون سرحدون هڪٻئي سان ڳنڍيون پيون آهن.

1917ع واري انقلاب کان پوءِ جڏهن بالشويڪين اقتدار تي قبضو ڪيو ته اُنهن اها خواهش ڏيکاري ته روس جون پاڙيسري رياستون به اُن نئين نظام کان متعارف ٿين ۽ اُتي به انقلابي سڏارا اچن. جيئن اڳ ۾ به ذڪر ڪيو اٿم ته اهي رياستون هن کان اڳ ۾ به هڪٻئي سان گڏ رهي چڪيون هُيون ۽ قديم زار واري زماني کان وٺي هڪٻئي جي ويجهو رهي چڪيون هيون ۽ هڪٻئي کان چڱيءَ طرح واقف هيون. ان لاءِ ڪين نئين سرانحاد جوڙڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش ڪانه آئي ۽ سندن انهيءَ اتحاد جي پويان باهمي رضامندي شامل هئي. روسي تاريخدان پاڻ اِن اتحاد ۽ الحاق ۾ رياستن جي رضامنديءَ کي دنيا اڳيان ظاهر ڪندا رهندا آهن، مگر مغربي ليکڪن بار بار لکيو آهي ته روسين ڪين نئين جوڙجڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.

1922ع ۾ جڏهن سوويت يونين جو بنياد رکيو ويو ته اُن وقت رشين فيڊريشن کان علاوه يوڪرين، بيلاروس ۽ ڪوهه قاف واري فيڊريشن شامل ٿي، ڪوه قاف واري فيڊريشن ۾ ٽي رياستون يعني آرمينيا، جارجيا ۽ آذربائيجان شامل هيون. 1924ع ۾ ترڪمانستان ۽ ازبيڪستان جيڪي رشين فيڊريشن جو حصو هيون انهن کي الڳ رياست جو درجو ڏيئي سوويت يونين ۾ شامل ڪيو ويو. 1929ع ۾ وري ازبڪستان کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو ۽ هڪ نئين رياست تاجڪستان جي نالي سان سوويت يونين ۾ شامل ٿي. 1936ع ۾ رشين فيڊريشن منجهان ٻه رياستون پيون ٺاهيون ويون: قزاقستان ۽ ڪرغزيا ۽ اهي به سوويت يونين ۾ شامل ٿيون. اُن ئي زماني ۾ ڪوه قاف واري فيڊريشن کي ختم ڪري، اُن ۾ شامل رياستون آرمينيا، آذربائيجان ۽ جارجيا پنهنجي الڳ الڳ حيثيت سان سوويت يونين ۾ شامل ٿيون. 1940ع ۾ لٿونيا، استونيا ۽ لاتويا کي يونين ۾ شامل ڪري دنيا جو وڏو ۾ وڏو ملڪ ٺاهيو ويو.

1922ع ۾ جڏهن سوويت يونين ٺاهڻ لاءِ تياريون ٿي رهيون هيون ته اسٽالن انهيءَ خيال جو هو ته نئين نالي سان ملڪ نه ٺاهيو وڃي ۽ رشين

فيڊريشن جو نالو ٿي برقرار رکيو ويو. پوءِ جيڪي به رياستون اُن ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿيون. لينن جو خيال هو ته سيني علائقن تي مشتمل هڪ نئون ملڪ "سوويت يونين" ناهيو وڃي ۽ اُن ۾ رشين فيڊريشن جي برابري جي بنياد تي ٻيون رياستون شامل ٿين. لينن جي راءِ کي اهميت ملي ۽ سوويت يونين جي ٺهڻ جو اعلان ٿيو.

1922ع ۾ جڏهن سوويت يونين وجود ۾ اچي رهيو هو ته اُن نئين ملڪ جي ڪُل آبادي ساڍا 13 ڪروڙ هئي، جنهن ۾ فقط رشين فيڊريشن جي آبادي ئي 10 ڪروڙ هئي. باقي 14 رياستن جي مليل جُليل آبادي ساڍا 3 ڪروڙ هئي، اهڙي طرح رشين فيڊريشن ايراضي جي لحاظ کان مُلڪ جو 76 سيڪڙو هو. باقي 14 رياستون 24 فيصد ايراضيءَ تي ڦهليل هيون. سوويت يونين مختلف قومن ۽ قوميتن تي مشتمل هڪ عظيم الشان ملڪ آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 100 کن قومون آباد آهن، جنهن مان روسي 52 سيڪڙو آهن، باقي ٻين قوميتن جي شرع 48 سيڪڙو آهي.

آبادي واري واڌ واري رڪارڊ کي ڏسبو ته "Population Growth" جو "Ratio" يورپي نسل کان وڌيڪ ايشيائي ماڻهن ۾ ملندو، ان لاءِ جڏهن 1989-90ع ۾ آدمشماريءَ جا انگ اکر گڏ ڪيا ويا ته روسي آبادي جيڪا 1979-80ع ۾ 52 سيڪڙو هئي، سا گهٽجي وڃي 51 سيڪڙو بيٺي ۽ سلاونسل جا ماڻهو جيڪي اڳ ۾ پوري آباديءَ جو 80 سيڪڙو هئا. سي 90ع ڌاري گهٽجي 70 سيڪڙو وڃي بيٺا آهن، اِها ڳالهه روسين شدت سان محسوس ڪئي آهي ۽ پنهنجي نسل جي عورتن کي وڌيڪ ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ نت نيون ترغيبون ۽ مراعات آڇيون آهن، مگر ان ڳالهه جو يورپي عورتن ڪو خاص نوٽيس نه ورتو آهي، ڇو ته هو گهڻن ٻارن کي پيدا ڪري پنهنجي صحت ۽ آزادي کي نقصان رسائڻ نٿيون چاهين، هو بس وڌ ۾ وڌ هڪ ٻار جنم ڏين، جڏهن ته ايشيا واري ڀاڱي ۾ 2-3 ٻار ڄڻڻ ته هر گهر ۾ معمول بڻيل آهي.

سوويت يونين جي موجوده مملڪت جو تاريخي حوالن سان مطالعو ڪبو ته خبر پوندي ته اُنهن ۾ روس ئي واحد سرزمين آهي، جتي سڀ کان پهرئين ماڻهو گهر ناهي آباد ٿيا. 2000 B.C اڳ هتي آيل قومون يورال جبل

(1) سفيد روس.

جي علائقي جون هيون. موسمي حالتن جي ڪري انهن قومن جو رهڻ مشڪل ٿي پيو هو. انهن ئي قبيلن مان سلاو نسل جا ماڻهو به هتي اچي آباد ٿيا هئا، جنجو تعلق مشرقي يورپ سان هو، جن جو اباڻو وطن شايد موجوده يوگوسلاويا، چيڪوسلاويڪيا، ۽ پولينڊ هجي. ستين صدي عيسوي ۾ ڪجهه قبيلا ترڪيءَ مان لڏي آيا ۽ ڪجهه قبيلن جو تعلق بلغاريا سان ملي ٿو. ”سلاو“ نسل جا ماڻهو رنگ روپ جا دلڪش، خوبصورت ۽ ڪجهه مهذب ٿين. انهن مان ڪجهه خاندانن ڪي شايد روس ۾ مزو نه آيو ۽ انهن بيلاروس ۽ يوڪرين جو رُخ رکيو ۽ باقي ٻيا اُتي ئي رهيا.

روس ۾ رهجي ويندڙ سلاون ٻين قومن سان چڱو خاصو ناتو ۽ رشتو رکيو ۽ پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون به ٿين. عام طور ان نئين نسل پاڻ کي روسي ڪري سڏايو ۽ سمجهيو. اهو سلسلو موجوده سوويت يونين ۾ به هليو اچي ۽ روسي مرد توڙي عورتون بطور هڪ قوم جي ٻاهر شادي ڪرڻ ۾ ڪوبه عيب يا عار ڪونه سمجهن. اهڙين مخلوط شادين جي نتيجي ۾ اولاد وري به پاڻ کي روسي سمجهيو ۽ سڏايو، پوءِ ڀل ته سندس والد يا والده روسي نه هجن. نئين نسل زبان ۽ تهذيبي طور به روسي ٿيڻ پسند ڪيو. جو ڪين اڳتي وڌڻ ۽ ترقيءَ لاءِ روسي زبان ئي بهتر لڳي، انقلاب ڪانپوءِ ته رروسي زبان کي سوشلزم، مارڪسزم، اينگلزم ۽ لينزم جي زبان طور متعارف ڪرايو ويو ۽ هيءَ زبان پنهنجي ملڪ جون سرحدون ٽپي مشرقي يورپي ملڪن کان علاوه منگوليا، لائوس، ويٽ نام، ڪيوبا، ايٿوپيا ۽ ٻين ڪيترن نون آزاد ٿيندڙ ملڪن ۾ به زور شور سان پڙهائي پئي وڃي.

روس جي سرزمين ۾، قديم زماني کان وٺي ڌارين جون نظرون ڄميل رهيون آهن، جنهن لاءِ هِتان جي رهاڪن سدائين ٻاهرين حملا آورن سان مهاڏو پئي اٽڪايو آهي. 1237ع ۾ منگول سردار باتوخان جڏهن هتي آيو ته هن روس کي تاراج ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي ناحق مارائي مُڇ ڪيائين. هُن پنهنجي دهشت ويهارڻ لاءِ روس جي سِرسِر سان وڃائي ڇڏي. 1380ع ۾ شهزادي دمتري مقامي ماڻهن جي فوج ناهي منگولن کي تڙي ڪڍيو. پر ٻن سالن جي اندر اندر منگول وري ملڪ تي قابض ٿي ويا. سندن اهو روس مٿان ناحق قبضو اڍائي سؤ سالن تائين قائم رهيو، جيڪو 1480ع ۾ ختم ٿيو، جنهن ڪانپوءِ

روسين سڪ جو ساهہ ڪنيو.

1533ع ۾ اوان چوٿون روس ۾ مضبوط ۽ انتهائي جابر حڪمران طور اڀريو، ان لاءِ ئي تاريخدانن سندس نالي پٺيان "خوفناڪ" لفظ جوڙي ڇڏيو ۽ "Ivan IV The Terrible" ڪري لکيو. سندس دؤر ۾ امن امان جي صورتحال ڪافي اطمينان بخش رهي ۽ قازان آستر خان ۽ سائبيريا جا وسيع علائقا روسي سلطنت ۾ شامل ڪيا ويا، هن 50 سال حڪومت ڪئي ۽ 1584ع ۾ وفات ڪئي. هن ڪانپوءِ ملڪ ۾ ڪوبہ طاقتور حڪمران ڪونہ اڀريو ۽ سموري روس ۾ افراتفري ڦهلجي ويئي. ان صورتحال جو فائدو وٺي پولينڊ جو حڪمران "سگسمند" هڪ وڏي حملي ڪانپوءِ ماسڪو تي قابض ٿي ويو ۽ ٻن سالن تائين ماسڪو کي خالي نہ ڪيائين.

1613ع ۾ ميخائيل رومانوف هڪ نهايت سمجهدار حڪمران طور اڀريو ۽ پنهنجي نالي پٺيان "Romanov Dynasty" "رومانوف خاندان" جو بنياد رکيائين. جنهن ڪانپوءِ زار جي واسطي ۾ رهندڙ پراڻا ۽ اهم خاندان غيرمعروف ۽ غير اهم ٿي، پس منظر ۾ هليا ويا. ميخائل رومانوف 30 سال حڪومت ڪئي ۽ 1645ع ۾ پنهنجي ئي خاندان جي هڪ فرد "Czar Alexis" کي پنهنجو جانشين چونڊيائين، جيڪو سلسلو جاري وساري رهيو، روس جي انهيءَ خاندان کي شاهي خاندان جي حيثيت حاصل ٿي ۽ يورپ جي ڪيترن ئي شاهي خاندانن، هن خاندان سان مٽيون مائٽيون ڪيون، اهو سلسلو 1917ع تائين جاري رهيو، جڏهن ان خاندان کي بالشيوڪن (1) نيست و نابود ڪري ڇڏيو ۽ "پرولتاريا ڊڪٽيٽرشپ حڪومت" وجود ۾ آئي. ان رومانوف خاندان جا ڪُجهہ حڪمران نرم مزاج ۽ ٿڌا تہ ڪي وري سخت گير ۽ ڪامياب ثابت ٿيا. انهن ۾ پيٽر اول "Peter I" جو نالو ڪتابن ۾ عزت ۽ تڪريم سان ورتو ويجي ٿو. ايتري قدر جو انقلاب ڪانپوءِ بہ سندس عزت ۽ احترام ۾ ڪمي ڪانہ آئي. سندس حڪومت جو تخت گاهہ 'لينن گراڊ' هو، جيڪو اصل ۾ "پيٽربرگ" جي نالي سان مشهور هو. انقلاب بعد انجو نالو لينن گراڊ رکيو ويو، جڏهن تہ هاڻي سندس پراڻو نالو پيٽربرگ ئي بحال ڪيو ويو آهي.

پيٽر اعظم "Peter The Great" جنهن اٽڪل چاليهہ سال حڪومت ڪئي،

---

(1) انقلابي، جن لينن جي اڳواڻيءَ ۾ 1917ع ۾ انقلاب برپا ڪيو، جنهن جي اڳواڻي مزدورن ڪئي.

هڪ مضبوط ۽ جديد خيالن جو حڪمران طور مڃيو ۽ سڃاتو ويندو آهي، سندس حڪومت دؤران به گاديءَ جو هنڌ لينن گراڊ رهيو. هن ملڪي قانونن ۾ ڪيئي سڌارا آندا ۽ جمود ۾ ويڙهيل تهذيب کي نوان رُخ ڏنائين ۽ مغربي تهذيب کي روس ۾ متعارف ڪرايائين، پيٽر يورپ جو تفصيلي دؤرو ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ فقط 3 مهينا ته لنڊن ۾ رهي اتان جي جهازرانيءَ جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪري وطن موٽيو، جنهن فن کي هن پنهنجي مُلڪ ۾ روشناس ڪرايو ۽ روسي جهاز سازيءَ ۾ حدِڪمال تي پُهتا ۽ نيويءَ جو مضبوط بنياد رکيو ويو. سندس وقت ۾ روس جي سامونڊي فوج ۾ 48 جهاز هئا. جيڪي اُن وقت جي لحاظ کان ڪافي سمجهيا ويندا هئا، روس جي قديم قانونن کي تبديل ڪرڻ خاطر هُن اٽڪل 1200 ڪن حڪم جاري ڪيا، سندس زماني ۾ زرعي اوزار متعارف ڪرايا، جنهن ڪري ڪجهه زميندارن سندس مخالفت به ڪئي.

پيٽراول جي مرڻ ڪانپوءِ ڪيترائي بادشاهه آيا پر ڪو به سندس قد برابر نه نڪتو ۽ عوامي حلقن ۾ عزت حاصل ڪري نه سگهيو ۽ سڀني بس حڪومت ئي ڪئي.

1762ع ۾ ملڪه ڪيٿرين (Catherine-II) پنهنجي مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ واڳون سنڀاليون ۽ هڪ مثالي حڪومت ڪري ڏيکاريائين ته ماڻهن کي پيٽراول جو دور ياد اچي ويو.

روس تي ڪيترن ئي ملڪن جون شڪاري نگاهون هيون، جنهن ڪري ڪيترن ئي ملڪن سان سندس جنگيون ٿيون، ڪڏهن شڪست ته وري ڪڏهن فتح سندن نصيب بنجندي رهي، فقط ترڪن سائن ئي به سؤ سالن تائين وڙهندا رهيا. آخرڪار سلطنت عثمانيه جا ڪيترائي علائقا روسي تسلط هيٺ آيا، جنهن ۾ ڪوهه قاف جهڙو خوبصورت ۽ سرسبز علائقو به شامل آهي.

روس جي وڌڻ ۽ گهٽجڻ جو مختصر احوال اڳ ۾ ئي ڏيئي چُڪو آهيان ۽ مختلف نسلن جي تسلسل جو روسي رنگ ۾ رچي وڃڻ جي باري ۾ ٻڌائي آيو آهيان. اگر غور سان ڏسبو ته روسي قوم هڪ مخلوط نسل طور سامهون ايندي، ڇو ته اتي تقريباً هر نسل ٻاهران شاديون ڪيون آهن. منگولن واري ڏکئي دور ۾ جڏهن روسي اڍائي سؤ سالن تائين سندن قبضي هيٺ

رهيا ته ميل ملاپ جو سلسلو جاري رهيو. هر نئون پيدا ٿيل ٻار جڏهن روس ۾ جوان ٿئي ٿو ته پاڻ کي روسي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو. جو مٿس نفسياتي اثر ويهي ٿو ته هو هڪ طاقتور ۽ وڏي ملڪ جو باشندو آهي. ان سوچ جي پَس منظر ۾ اُهي روسي جيڪي اڳتي هلي جنگجو ۽ ويڙهاڪ ثابت ٿيا، روسي قوم انهن جي تعريف ڪئي ۽ اُهي تاريخ جو حصو بنجي ويا. ان حساب سان اوان چوٿون خوفناڪ ڪمن جي ڪري مشهور ٿيو. پيٽراعظم، ملڪه ڪيٽرين ۽ اسٽالن کي به مختلف حوالن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. شاعرن پنهنجي وطن جي وسيع سرحدن کي به خوب ڳايو آهي. جنهن ڪري به ڪين داد مليو. مغربي مُلڪن جي مفڪرن ان تي روسين لاءِ راءِ قائم ڪئي آهي ته هي ماٺهو توسيع پسند آهن ۽ پاڻ کان ڪمزور مُلڪن کي روس ۾ شامل ڪرڻ سدائين بيتاب رهندا آهن.

20 هين صديءَ جي بلڪل شروعات کان، اگر حالتن جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته پورهيت طبقو تمام بيزار هئو. اُنهن جي ماهانه آمدني 15 کان ويهه روبل مس هئي ۽ هُن جو گذربسر ڏاڍو مسڪل هوندو هو. ٻيو ته بي روزگاري به ڏاڍي هئي، هر خاندان مان مشڪل سان هڪڙو فرد روزگار سان هوندو هو. ۽ سموررو گهر مٿس ڀاڙيتو هو. جنهن ڪري گهر جو خرچ مشڪل سان هلندو هو ۽ سندس ڊيوٽي ساندهه 11 ڪلاڪ هئي، جيڪا نوڪري گهٽ ۽ بيگار وڌيڪ هوندي هئي، انهن ئي ڏينهن ۾ مٿي ڄاڻايل حالتن جي خلاف ننڍا ننڍا جلسا ۽ جلوس ٿيڻ لڳا ۽ مزدور پاڻ متحد ٿيڻ لڳا ۽ مختلف تنظيمون ٺاهيائون. 1901ع ۾ مزدورن ۽ شاگردن هڪ جلسو ڪيو ته اٽڪل 200 شاگرد کي گرفتار ڪيو ويو. جن جي آزاديءَ لاءِ هر هنڌ گوڙ ٿيڻ لڳا. جنوري 1905ع ۾ مزدور لينن گراڊ ۾ هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ۽ پنهنجن مطالبن تي مشتمل هڪ ياداشت روس جي حڪمران "زار نڪولاس-II" کي ڏيڻ لاءِ ان جي محل ڏانهن وڌيا ته شاهي محل جا محافظ (گارڊ) مچرجي پيا ۽ عوام مٿان فائر کولي ڇڏيائون. نتيجي ۾ سوين مزدور مارجي ويا ۽ هزارين ڦٽجي پيا. لينن گراڊ جي ان واقعي کانپوءِ اڪثر سياسي ڪارڪن همت هارائي ويٺا، پر لينن همت نه هاري. هن پوءِ ماسڪو کي پنهنجين سرگرمين جو مرڪز بنائي ڪم کي وڌايو.

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ لينن واري پارٽي يا ڪاهي ڏر وارا ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا. هڪ گروپ کي "بالشويڪ" يعني تہ گهڻائي وارا ۽ ٻئي گروپ کي "مينشيويڪ" يعني تہ ٿورائي وارا ڪري ڪوٺيو ويو. لينن گهڻائي واري گروپ جي قيادت سنڀالي ورتي ۽ ان گروپ ئي انقلاب آڪٽوبر آندو.

مغرب وارن لاءِ روس هميشه ڪشش جو باعث رهيو آهي، آمريڪا کان اڳ ۾ انگريزن کي بہ روس ۾ مداخلت جو شوق پئي رهيو آهي. روسين چواڻي تہ آمريڪا کي روس خلاف تيار ڪرڻ ۾ بہ انگريزن جو ئي هٿ رهيو آهي. برصغير هندوستان ۾ جڏهن انگريزن جي حڪومت قائم ٿي تہ اها ڳالهہ روسين کي بلڪل نہ آئڙي ۽ هنن انگريزن خلاف هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪن جي کُلي عام حمايت ڪئي، هونئن بہ 1917ع واري روسي انقلاب ڪانپوءِ آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جا ننڍا ننڍا مُلڪ جيڪي انگريزن، فرينچن، جرمن ۽ اطالوي تسلط هيٺ ڪالونيون هيون آهستي آهستي آزاد ٿيا. سندن آزاديءَ ۾ روس جي حمايت ۽ امداد جو وڏو هٿ هئو. اگر اُن امداد جو حساب ڪتاب ڪيو وڃي تہ ڪروڙها ڊالر وڃي ٿيندا. روس کان اهي سامراجي ملڪ هميشه ڊڄندا ۽ ڪنبندا رهيا اهوئي سبب آهي جو 20هين صدي ۾ مغرب ۽ آمريڪا ۾ جيڪو بہ (Literature) شايع ٿيو آهي، اهو گهڻو تڻو روس جي مخالفت ۾ لکيو ويو آهي. سندن نشرياتي ادارا پڻ ان مهم ۾ لڳا رهيا تہ ڪنهن بہ قيمت تي ان ملڪ کي ختم ڪجي، ان سلسلي ۾ بي بي سي، وائس آف آمريڪا، وائس آف جرمني ۽ ريڊيو فري يورپ جو اهم ڪردار رهيو آهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ 1917ع کان پوءِ روسي حڪومتن ڏاڍيون سختيون ڪيون، خاص طرح سان اسٽالن (Joschp Stalin-1879-1953) جو رويو عوام ڏانهن ۽ خاص ڪري مخالفن ڏانهن سفاڪانہ رهيو، پر سوچڻو اهو آهي تہ ڇا ان نئين نظام ۾ ڪابہ چڱائي ڪانہ هئي؟. ٿي سگهي ٿو تہ مغربي ملڪن کي اُن ۾ ڪابہ چڱائي نظر نہ ايندي هُجي، مگر ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۽ عرب ملڪ بہ اهو ساڳيو سوچي سگهندا؟

روس جي نئين نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ مغربي ملڪن ڪيترا پيرا ان جي ناڪہ بندي بہ ڪئي ۽ ڪيس اناج، کاڌي خوراڪ ۽ صنعتي ترقيءَ لاءِ گهربل سامان ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن لاءِ هنن کي هزارين بهانا هُئا، پر

روس وارن وڏي همت ۽ حوصلي سان ان سموري صورتحال کي منهن ڏنو.

روس ۾ آيل ان نئين سوشلسٽ نظام جو بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار صنعتي مزدورن ادا ڪيو هو ۽ اُنهن ئي پهريون گوليون کاڌيون ۽ قربانيون ڏنيون هيون، جيڪي هر محاذ تي پارٽي جي حُڪم تي اڳتي وڌيا. جڏهن ته هاري، ڀهراڙين ۾ هُئڻ ڪري شروعاتي دؤر ۾ پٺتي رهيا. انقلاب بعد جڏهن زمينون جاگيردارن کان ڦري هارين ۾ ورهايون ويون ته هو به اڳتي وڌيا ۽ انقلاب جي (Process) ۾ شامل ٿيا. شروعاتي دؤر ۾ اسيمبلي ۽ اسيمبليءَ کان ٻاهر اهم عهدن تي به مزدور رهنما آيا ۽ اُنهن کي ئي ووٽ ڏيڻ جا حق مليا. لينن کانپوءِ جڏهن اسٽالن جو دؤر (1924-53) آيو ته هُن هارين لاءِ ڪافي ڪم ڪيو ۽ مزدورن جي ضرورت کان وڌيڪ وڌايل اهميت کي گُهٽايو. جنهن ڪري اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ ۾ اختلاف چوٽ چڙهي ويا. نتيجي ۾ ٽراٽسڪيءَ (Leon Trotsky- 1879-1940) کي 1940ع ۾ ميڪسيڪو ۾ مارايو ويو.

اسٽالن جڏهن زمينون هارين ۾ (Co-Operative) بنياد تي ورهايون ته اُن جي ورڇ صحيح نه ٿي سگهي، ڪٿي زمين بچي پيئي ته ڪٿي وري هاري بچي پيا. جنهن جي ڪري اُنهن کي پنهنجن اباڻن ڪکن مان جبري طور تي لڏايو ويو ۽ نون علائقن ۾ آباد ڪيو ويو. عوام ۾ حڪومت جي سامهون اچڻ جي سگهه موجود ڪونه هئي، ان لاءِ هو کُلئي عام اسٽالن جي ان قدم جي مخالفت نه پئي ڪري سگهيا، پر اندران ئي اندران سندن بيزاري وڌندي پئي ويئي، اهوئي سبب آهي جو اسٽالن جي مرڻ کانپوءِ ڪيترائي خاندان پنهنجن پراڻن ماڳن ڏي موٽي آيا. انهن مُسلسل تبديلين، لڏپلاڻ، سختين ۽ ذهني دٻاءُ جي ڪري عجيب صورتحال پيدا ٿي وئي. ڪيترا ماڻهو اذيتون برداشت ڪندي ڪندي مري ويا. جانورن جو وڏو انگ هلاڪ ٿيو. پيداوار گهٽجي ويئي ۽ ملڪ کي ڏڪر واري صورتحال جو مقابلو ڪرڻ پيو.

موسم جي لحاظ کان سوويت يونين عجيب وغريب آهي. هن ملڪ جو اڪثر علائقو برف سان ڍڪيل رهي ٿو، پر ان جي باوجود 41% حصو گهاٽن ٻيلن سان ڍڪيل آهي. وڻن جي حفاظت لاءِ سخت قانون جوڙيا ويا آهن، جن تي عمل به ٿئي ٿو، مجال آهي جو ڪنهن به وڻ کي ڪو نقصان پهچائي؟

گئس جا ذخيرا بہ مؤجود آهن. گئس ٻين ملڪن کي بہ سپلاءِ ڪن. بجلي ۾ انتهائي پاڙ پرا، بجلي جو بل چند روبلن کان وڌيڪ اچڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هتي سرخ انقلاب ڪانپوءِ انڊسٽري جو هڪ مضبوط بنياد رکيو ويو ۽ دنيا جو وڏو ۾ وڏو ريلوي نظام بہ سوويت يونين ۾ آهي.

زار واري زماني ۾، تعليم مهانگي ۽ خاص مٿئين طبقي لاءِ مخصوص هئي، اهو تصور عام هيو تہ تعليم حاصل ڪرڻ هرويرو سڀني لاءِ بہ ضروري نہ آهي. خاص ڪري هاري ۽ مزدور تہ تعليم بنان بہ پنهنجو گذربسر ڪري سگهن ٿا. اُن زماني ۾ سليبس اهڙو تيار ڪيو ويو هو تہ جيئن ان جي پڙهڻ سان ٻار ۾ مذهب سان گڏ زار لاءِ بہ وفاداريءَ جا جذبا اڀري سگهن. ائين سمجهجي تہ مذهب ۽ زار هڪبئي لاءِ لازم وملزوم قرار ڏنل هئا.

سوشلسٽ انقلاب تي تنقيد ڪندڙ، جڏهن 1917ع کان پوءِ آيل تعليمي سڌارن تي نظر وجهندا آهن تہ سندن قلم ۾ پڻ لرزش اچي ويندي آهي ۽ هو پڻ اِن عظيم تعليمي انقلاب جي ميچتا ۾ سَرخم ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن جو مثال پوري صديءَ ۾ نٿو ملي. انقلاب کان پوءِ لينن پراڻي فرسوده نظام کي بدلايو. تعليم کي مذهب کان الڳ ڪيو ۽ 1925ع ۾ پرائمري تعليم کي لازمي قرار ڏنو ويو. هر ٻار کي حق مليو تہ هُو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪري. سوويت يونين ۾ موجود سڀني رياستن جي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو مليو ۽ اهڙي طرح سڀني قومن کي برابريءَ جا حق مليا. هن وقت هتي سؤ کان بہ وڌيڪ قوميتون ۽ قومي ٻوليون آهن. ننڍي کان ننڍي ڳوٺ ۾ بہ اسڪول موجود آهن. ڪتاب سڀ مفت ۽ ايترا سَستا جو اسان وٽ هِتي رديءَ ۾ وڪامجندڙ اخبارون بہ مهانگيون ڪيجن ٿيون.

انقلاب کان پوءِ، جيئن تہ هتي ڪارخانن جو هڪ وسيع ڄار وڇايو ويو، ان ڪري مرد ۽ عورتون سڀ جا سڀ ڪم ڪرڻ لڳي ويا. حڪومت وري سندن ننڍڙن ٻارڙن لاءِ هر شهر ۾ K.G. Schools ۽ Day- Care Centre کولي ڇڏيا، جتي سندن تعليم ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست ڪيو ويو. پرائمري تعليم کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين جي تعليم عام ۽ مفت آهي، اڪثر شاگردن کي هاسٽل ۾ رهائش جي سهولت بہ حڪومت طرفان مليل آهي. اسان سان گڏ هاسٽل ۾ جيڪي بہ روسي شاگرد هئا، انهن کي اسڪالرشپ 50 روبل

ماهانو ملندا هئا. جيڪي سندن لاءِ ڪافي هئا.

سوويت يونين ۾ سون جي تعداد ۾ يونيورسٽيون ۽ هزارن جي تعداد ۾ ڪاليج موجود آهن. جڏهن تہ اسڪولن ۽ نيم تعليمي ادارن جو ڪو ڪاٿو ئي ناهي، انهن سڀني ادارن جا دروازا غير ملڪي شاگردن لاءِ کوليا ويا آهن. هڪ اندازي مطابق هڪ لک جي قريب غير ملڪي شاگرد اتي پڙهن پيا ۽ انهن سڀنيءَ جو خرچ روسي حڪومت برداشت ٿي ڪري، هاڻي اندازو لڳايو تہ جيڪڏهن في شاگرد تي ماهانو 100 روبل خرچ ٿئي تہ حڪومت تي سالانو ڪيترو بار پوندو هوندو!.

ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪڏهن بہ اِها ڳالهہ تسليم نہ ڪئي تہ ڪو دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ڪا ”مڪمل آزاد پريس“ وجود رکي ٿي. لينن ان راءِ جو هو تہ هر ليکڪ ڪنهن نہ ڪنهن نظريي يا نظام کان متاثر هوندو آهي، ان لاءِ هن کي مڪمل غير جانبدار نٿو چئي سگهجي. اِن ڪري آڪٽوبر واري انقلاب کان پوءِ آزاد پريس واري تصور کي ختم ڪري، پريس لاءِ لازم قرار ڏنو ويو تہ اها پارٽي ۽ حڪومت جي پروگرام کي وڌائڻ ۾ مدد ڪري. 1921ع ۾ هڪ پريس "Institute" قائم ڪيو ويو ۽ صحافين کي اُن ۾ تربيت ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو تہ جيئن اڳتي هلي صحافي پارٽي ۽ حڪومت لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهن.

حڪومت جي ان نئين پاليسيءَ سان اختلاف ڪيو ويو، نتيجي ۾ صحافين کي ڪافي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا ۽ گهڻا تڻا تہ جلاوطن بنجي ويا. ماٺهن تائين پنهنجو پروگرام پهچائڻ جي خيال سان ڪتابن جي قيمت نالي ماتر رکي ويئي ۽ انهن جي اشاعت ۾ بي پناهہ اضافو ڪيو ويو. جنهن ڪري ڪنهن لاءِ بہ ڪتاب يا اخبارون وٺڻ مسئلو نہ رهيو. روسي حڪومت جي پروگرام کي جڳ مشهور ڪرڻ لاءِ "Izvestia" ۽ "Pravda" نالي اخبارن هڪ "Ogran" طور ڪردار ادا ڪيو ۽ ڏاڍيون مقبول ٿيون، هي اخبارون فيڊريشن جي هر هڪ شهر مان شايع ٿينديون هيون ۽ سندن اشاعت ڪروڙن ڪاپين تي ٻڌل هوندي هئي ۽ قيمت انتهائي گهٽ، تقريباً ٻہ پئسا، ان لاءِ هر گهر ۾ اهي اخبارون مؤجود ملنديون هيون. اسان کي انهن اخبارن کان علاوه انگريزي اخبار "Moscow News" بہ چڱي لڳندي هئي، باقي ٻيون اخبارون پڙهڻ لاءِ نہ اسان

وٽ وقت هوندو هو ۽ نه ئي اُنهن ۾ اسان لاءِ ڪا خاص دلچسپي هوندي هئي.

سوويت يونين جي ڪنهن به شهر يا ڳوٺ وغيره ۾ وڃو اُتي اوهان کي ڪنهن نه ڪنهن اڳواڻ يا جنگي سورمي جي تصوير يا مجسمو ضرور نظر ايندو. سڀ کان وڌيڪ مجسما ته لينن جا نظر ايندا. لينن چوڻڪ، لينن اسٽريٽ به هر شهر ۾ ملندي، جنهن بعد مارڪس ۽ اينگلز جا بُت به ضرور نظر ايندا. مجسمن لڳائڻ جو اهو رواج ته پوري يورپ ۾ قديم زماني کان آهي، مگر هتي انقلاب کان پوءِ جيئن ته مجسما سازن ۽ مصورن کي باقائده پگهارون ۽ سهولتون ڏنيون ويون. ان لاءِ اُنهن پنهنجي فن ۾ حدِ ڪمال کي ڇُهيو.

سوويت يونين ۾ زمين دوز ريلوي "Under ground train" نظام به ڏسڻ وٽان آهي، جنهن کي هو "Metro" ڪري سڏين. دنيا ۾ سڀ کان قديم ريلوي جو اهو نظام لنڊن ۾ قائم آهي، جنهن کي هو "Tube" ڪري سڏين. هتي فقط ماسڪو ۾ 100 جي قريب زمين دوز اسٽيشنون آهن ۽ هر اسٽيشن ڏسڻ وٽان آهي. ڪوبه اشتهار وغيره ڏسڻ ۾ نه ايندو. 20 ڪلاڪ لڳاتار پيون هلنديون، جو سندن اسٽاپ سيڪنڊن کان مٿي بنهه ڪونه ٿئي. لکين ماڻهو پيا سفر ڪن ۽ ڪرايو ڪُل 5 ڪوپيڪ يعني ته لڳ ڀڳ مُنو رپيو پاڪستاني جي برابر!

روس انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ عظيم لکيڪن، دانشورن، موسيقارن، اداڪارن ۽ مصورن جو مسڪن پئي رهيو آهي، هزارن جي تعداد ۾ فنڪار پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا. 1917ع واري انقلاب کان پوءِ اهڙن فنڪارن جي ملازمت کي تحفظ ڏنو ويو. ان کان اڳ ۾ اهڙن شعبن سان وابسته ماڻهن جو مستقبل غير يقيني واري ڪيفيت ۾ رهندو هو. مگر هاڻي سندن عزتِ نفس مجروح ٿيڻ کان بچي وئي ۽ فنڪار طبقو پڻ پاڻ کي عزت وارو ۽ ذميدار شهري تصور ڪرڻ لڳو.

ماسڪو ۾ بالشوئي ٿيٽر "Bolshoi Theater" جنهن نه ڏٺو، تنهن ڄڻ ڪُجهه به نه ڏٺو. عظيم الشان هال ۾ قائم ٿيل اهو ٿيٽر، هميشه هائوس فل وڃي، پري پري کان جڏهن سياح روس جي دوري تي اچن ته هنن جي پروگرام ۾ ريڊ اسڪوائر ۽ بالشوئي ٿيٽر تي اچڻ ۽ ڏسڻ ضرور شامل هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿئي ته پورو هال بُڪ ٿي وڃي، پر اڪثر عوامي هال،

عوام لاءِ خالي ڇڏيو وڃي، پر گئلريون سدائين خاص مهمانن ۽ غير ملڪين لاءِ مخصوص رهن.٠مون کي بہ فقط هڪ دفعو VIP گئلريءَ ۾ سيٽ ملي، تڏهن چيخوف جي ڪا تخليق پيش ڪئي ويئي ۽ فنڪارن واهہ جو پاڻ ملهايو.

فلم ڏسڻ جا تہ روسي ڪافي شوقين آهن، پر بدقسمتيءَ سان ڪين ڏسڻ لاءِ سٺيون فلمون ڪونہ ملن، جو اُتي گهڻو تڻو موضوعاتي ۽ انقلابي پس منظر ۾ ٺهيل فلمون نمائش لاءِ لڳن. البتہ ڪڏهن ڪڏهن مسئلن کي بہ ڇهيو ويندو آهي، اهڙي ئي هڪ فلم "ماسڪو ڳوڙهن ۾ يقين نٿو رکي" "Mascow does not believe in tears" ٺهي ۽ ڪافي مقبول پڻ ٿي، مون اها فلم ڏٺي، جنهن ڪافي متاثر ڪيو.

سئنيمائن ۾ روسي فلمن کان علاوه غير ملڪي فلمون بہ ڪافي هلن، جن کي روسي زبان ۾ ڊب ڪيو ويندو آهي، اسان وٽ هڪ چوڪرو حميد، جيڪو انڊيا مان انٽر پاس ڪري آيو هو، تنهن جڏهن هڪ انڊين فلم روسي زبان ۾ ڏٺي تہ ڪانئس رڙ نڪري ويئي ۽ هن بي ساختہ چيو تہ هندستاني اداڪارن روسي زبان ڪڏهن سکي! جڏهن ڪيس اُن فلم جي "ڊبنگ" جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪيس پنهنجي بي وقوفيءَ تي ڏاڍي کِل آئي.

مغربي موسيقار، اُتي ڏاڍا مقبول هئا، خاص ڪري (Boney M) ۽ "Abba" جا گروپ نؤجوانن ۾ ڪافي مقبول هيا، البتہ سٺين ڪلبن ۾ انهن جا پنهنجا فنڪار هوندا هُئا، جيڪي مغربي ڌنون ۽ لوڪل ڌنون خوب وڄائي سگهندا هُئا.

روسي گلوڪاره آلا پگا چيوا "Ala Puga cheva" جي انهن ڏينهن ۾ ڏاڍي ڌُم هئي ۽ هر گهر ۾ کيس ٻُڌو ويندو هو، اُتي سندس مقام اهو هوندو هو، جيئن اسان وٽ، نورجهان ۽ انڊيا ۾ لتا منگيشڪر يا مصر ۾ اُم ڪلثوم، اها خاتون فنڪاره شڪل تشبيهہ جي بہ موچاري هئي، مغربي گانن سان گڏ لوڪ گيت بہ ڏاڍي مهارت سان ڳائي سگهندي هئي.

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿم تہ روسي ادب ۾ ڪيترن ئي نامور اديبن ۽ شاعرن جا نالا اچن ٿا، جن جو اگر زڪر نہ ڪبو تہ هن ملڪ جو احوال اڌورو لڳندو. گورڪي، پُشڪن، مايا ڪروفسڪي، ٽالسٽاءِ، شولو خوف، اوسترو وسڪي، چيخوف، داستو وسڪي، چند اهي ناليوار اديب ۽ شاعر آهن،

جن جا پڙهندڙ پوري دنيا ۾ هڪ وڏي انگ سان مؤجود آهن.

سوويت يونين جي پندرنهن رياستن ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين وڃڻ ۾ ڪجهه پابنديون به هيون، غير ملڪي ته هونئن به هر ملڪ ۾ نظر ۾ رکيا ويندا آهن.ا سان سان به ائين ٿي هُيو، مگر اتفاق چئو ته مون سان ڪڏهن به اهڙو ورتاءُ نه رکيو ويو ۽ نه ئي ڪا مشڪل پيش آئي. ڪراس نادار شهر ۾ ته رهائش هئي ۽ ماسڪو ته دارالخلافہ هجڻ سان گڏوگڏ اچڻ وڃڻ لاءِ اهم "رُوٽ" هُي، انهن پنهي شهرن کي ڇڏي، مان لينن گراڊ، يالٽا، سمفراپول، سواستا پول سوچي، خارڪوف، ڪشنيوف، باڪو، ريگا ۽ ڪوه قاف کان علاوه ڪيترائي ننڍا وڏا شهر، ڳوٺ ۽ وستيون گهمي ڏٺيون. ڪڏهن بس ذريعي ته ڪڏهن ريلي ذريعي، هوائي سفر ته معمول ۾ شامل هو. ان تمام سلسلي ۾ مون کي ڪڏهن به سفر لاءِ اجازت وٺڻ ۽ قيام لاءِ جاءِ ملڻ جو مسئلو درپيش نه آيو. ماني ته سڄي روس ۾ سستي هوندي هئي ان ڪري اهو به ڪو مسئلو نه هيو ۽ ماڻهن ۾ محبت به جام هئي.

سوويت يونين جو ڪنهن به طرح جو ذڪر ان وقت تائين مڪمل ۽ پورو نه سمجهيو ويندو جيستائين ٻي عالمي جنگ جو ذڪر نه ٿو ڪيو وڃي، هي جنگ، جنهن پوري دُنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آندو سا 1939ع ۾ شروع ٿي ۽ 1945ع جي آگسٽ مهيني ۾ ختم ٿي. ان جنگ دؤران، اسٽالن جي اڳواڻيءَ ۾ روسي قوم شجاعت ۽ بهادريءَ جا اُهي داستان رقم ڪيا، جيڪي تاريخ جي ماٿي تي جهومر بڻجي چمڪن ٿا. جرمني جو روس سان جنگ نه ڪرڻ جو معاهدو هو، مگر مسلسل ڪاميابين ۽ فتح جي نشي ۾ چُور جرمن فوجون، 1941ع ۾ جون جي 22 تاريخ تي، اوچتو سوويت يونين جو سرحدون لتاڙي اندر ڪاهي آيون ۽ ائين روسي به ان جنگ ۾ ڪاهي پيا.

هن جنگ ۾ روس جي باقائده فوج سان گڏ عوام به جنگي محاذ تي وڙهيو. ڪميونسٽ پارٽيءَ جا لکين ڪارڪن محاذن تي پُهچي ويا ۽ پنهنجن جانين جو نذرانو ڏنو. لينن گراڊ ۽ اسٽالن گراڊ جي حفاظت خاطر روسي جنهن بهادريءَ سان وڙهيا ان جي پس منظر ۾ سوين فلمون ٺهي چڪيون آهن، جن کي ڏسڻ سان پٿر دل ماڻهن جي اکين ۾ به لڙڪ تري اچن ٿا.اُج، بُک، مٿان زوردار مينهن، گڏوگڏ بي رحم سردي ۽ سامهون جرمن جهڙو سفاڪ دشمن،

انهن حالتن ۾ وڙهڻ ۽ ملڪ جو دفاع ڪرڻ ڪو مذاق نہ هو. اسٽالن گراڊ تي ايڏي تہ بمباري ڪئي ويئي جو هڪ گهر بہ سلامت ڪونہ بچيو ۽ جڏهن جرمن فوج شهر ۾ داخل ٿي تہ روسي دشمن فوج سان بنان هٿيارن جي ہِڪين پئجي ويا ۽ اها جنگ وڙهيا جنهن جو مثال ويجهي تاريخ ۾ نٿو ملي. سنڌ بي تيغ و ترار وڙهڻ وارو منظر شاهہ ڀٽائيءَ جي انهن سٽن ۾ سمائي سگهجي ٿو:

هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَرَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين. (شاهہ)

مرد تہ وڙهيا ئي وڙهيا پر عورتون بہ پنهنجي گهرن جي در و ديوارن جي حفاظت لاءِ دشمن فوج سان دست و گريبان ٿي ويون، مرنديءَ مري ويون پر دشمن فوج کي اڳتي وڌڻ نہ ڏنائون. فوج ۽ عوام جي تعاون جو هڪ عظيم مثال هو، جنهن کي پوري دنيا جي ملڪن ساراهيو ۽ ڳايو. روسي عوام جيڪو اسٽالن جي سخت گير پاليسين جي باعث، اسٽالن ۽ حڪومت کان ڪنهن قدر بيزار هو، تنهن هن مشڪل گهڙي ۾ سڀ ويڇا وساري ہڌيءَ جو مثال بنجي ويا ۽ دشمن کي شڪست فاش جو منهن ڏسڻو پيو. روسي فوج ۽ عوام نہ فقط پنهنجي وطن جي حفاظت ڪئي، پر شڪست خورده جرمن فوج جو پيڇو ڪندي جرمن ۾ داخل ٿي ۽ مارشل زوخوف جي قيادت ۾ برلن تي قبضو ڪري ورتو ۽ ان خفيہ بنڪر "Bunker" کي بہ ڳولي لڌو، جنهن مان هٽلر ۽ سندس خاتون ايوا جا سڙيل لاش مليا.

اُن جنگ دؤران لکين جرمن سپاهي، هٿيار ڦٽا ڪري، روسين وٽ جنگي قيدي بنيا، اسٽالن انهن جي فني مهارت ۽ قابليت کان چڱي طرح آگاهہ هو، هن ڄاتو پئي تہ پيداواري صلاحيتن جي حوالي سان هڪ جرمن، ٽن روسين جي برابر هو، ان لاءِ اسٽالن ڪافي عظيم الشان تعميراتي منصوبا ترتيب ڏنا ۽ انهن تي جرمن جنگي قيدين کي لڳايو ويو. جيستائين حالتون معمول تي اچن ۽ شرط وغيره طئہ ٿين ۽ جنگي قيدي واپس پنهنجي وطن موٽن، تيستائين ماسڪو ۽ ٻين شهرن ۾ جنگي قيدين اهڙيون تہ عظيم الشان عمارتون تعمير ڪيون، جنهن جو مثال نٿو ملي ۽ اهي عمارتون فن جي تعمير جو هڪ خاص نمونو ثابت ٿيون.

”سيڪنڊ ورلڊ وار“ يا ٻي عالمي جنگ کي اڄ ختم ٿئي پورا پنجاهه سال گذري چُڪا آهن، ان موضوع تي پوري دنيا جي ، اديبن، شاعرن ۽ تاريخدانن هزارن ته ڇا پر لکن جي حساب سان ڪتاب لکيا آهن ۽ اڃا به لکن پيا. ان جنگ ۾ ڪروڙين ماڻهو ماريا ويا ۽ لکين ماڻهو جيئرا آهن، جن ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اُن جنگ ۾ حصو ورتو، مگر ڏسجي ته اِن جنگ ۾ مري ويندڙ لکين معصوم شهرين جو ڪهڙو ڏوهه هيو؟ ڇا انهن سوچيو هو ته هو وڏين طاقتن جي وچ ۾ ٿيندڙ ان جنگ ۾ ڪم اچي ويندا؟ 5 آگسٽ 1945ع تي جڏهن آمريڪا، جاپان جي ٻن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽم بم ڦٽو ڪيا ته هڪ اندازي موجب هڪ لک ٻيانوي هزار شهري موت جي وات ۾ هليا ويا. اڄ دنيا جو مهذب انسان سراپا سوال آهي ته ڇا ايٽم بم جو استعمال ضروري هو؟ اتحادي ملڪ ته هونئن به فتح جي قريب هئا، جرمن ۽ جاپان ته شڪست مٿان شڪست کائي رهيا هئا.

# پيريسترونيڪا ۽ گلاسنوست

هي ٻئي روسي زبان جا لفظ آهن، پيريستروئيڪا (Perestroika) جو مطلب آهي.” نئين سر اڏاوت“ يا Re-construction ۽ گلاسنوست (Glasnost) جي معنيٰ آهي صاف گوئي يا Open-ness.

1917ع وارو انقلاب هڪ عظيم ۽ تاريخ ساز واقعو هو جنهن جي نتيجي ۾ روس جي شاهي خاندان (رامونوف واري خاندان کي) مڪمل طور ختم ڪيو ويو، اُن کان علاوه هزارين امير، وزير، سرمائيدار، جاگيردار، سردار ۽ ڪامورا پڻ قطار در قطار ماريا ويا. هڪ اڻ کٽ لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي، پراڻا قانون ختم ڪيا ويا ۽ نون قانون کي رائج ڪيو ويو، جيڪي انتهائي سخت هئا. زمينون سرڪاري ملڪيتن ۾ ورتيون ويو ۽ بيگار وغيره تي پابندي لڳائي ويئي. انهن سڀني ڳالهين جي نتيجي ۾ ملڪي پيداوار گهٽجي ويئي، بدامني ۽ غيريقيني وڌي ويئي. ٻئي پاسي جنگ عظيم اول به هلندڙ هئي ۽ لکين روسي سپاهي سرحدن تي ملڪ جي حفاظت ۾ مشغول هُئا. انهن حالتن کي ڏسي لينن جرمنيءَ سان هڪ معاهدو ڪيو جيڪو سراسر جرمنيءَ جي فائدي ۾ هو، مگر لينن جي دورانديش نگاهن ۾ فقط اها ڳالهه هُئي ته ڪنهن به طرح امن قائم ٿئي جو نئون انقلاب امن جي صورت ۾ ئي ڪامياب ۽ مڪمل ٿي سگهي ٿو ورنه سموري ملڪ ۾ لاقانونيت، انارڪي (Anarchy) پکڙجڻ ۽ تمام وڏي خون خرابي جو امڪان هو جنهن جو شايد تاريخ ۾ مثال به نه ملي سگهي ها. لينن جي ان فيصلي تي پارٽي وارا ڪاوڙجي پيا، مگر وقت اڳتي هلي اهو ثابت ڪيو ته لينن درست هو، سندس سياڻپ ۽ دوانديشي بعد ۾ سندس مخالفن کي سمجهه ۾ آئي، جڏهن امن قائم ٿيو، لکين فوجي سرحدن تان موٽي آيا، پنهنجن ٻچڙن سان مليا ۽ حڪومت جي حمايت ۾ سرگرمِ عمل ٿي ويا.

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿم ته نئون قانون جي سختي ۽ وڏي پئماني

تي لڏپلاڻ جي ڪري ملڪي پيداوار ۾ ڪافي گھٽتائي آئي، جنھن ڪري بہ مغربي ملڪن کي روسي انقلاب تي تنقيد ڪرڻ جا موقعا ھٿ لڳي ويا ۽ ھنن جي ريڊيو ۽ ٽي وي تان عوام کي نئين حڪومت خلاف اپارڻ ۽ نفرت ڏيارڻ جو ھڪ نہ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. لينن انھن سڀني واقعن جو گھرائيءَ سان مطالعو پئي ڪيو ۽ حالات جو جائزو پئي ورتو. ھو پاڻ بہ ھڪ اعليٰ ذھن ۽ گھري سوچ رکندڙ مفڪر ھيو ان ڪري سندس تجزيو وچي اھيو بيٺو تہ عام ماڻھن لاءِ ڪافي مشڪلاتون آھن ۽ انھن کي ڪجھہ سھوليتون ڏنيون وڃن. 1917ع کان1921ع تائين اقتصادي ميدان ۾ ڪيل فيصلن جو جائزو وٺڻ کانپوءِ لينن انھن ۾ سڌارن آڻڻ جو فيصلو ڪيو. جن کي نيپ يا New Economic Programme (NEP) جو نالو ڏنو ويو. غور سان ڏسجي تہ لينن جو اھو پروگرام "اقتصادي آزادي" ڏانھن ھڪ مظبوط قدم ھيو، ان کي ان مھل "پيريسترائيڪا" جو نالو تہ ڪونہ ڏنو ويو، پر روح ۽ مقصد ساڳيو ھو. 1922ع ۾ اسٽالن کي پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو ۽ ھن کي پارٽيءَ اندر وڏي سگھہ ۽ قوت ملي وئي. سندس مقابلي ۾ لينن جھونو ٿي چڪو ھيو ۽ ھن جا پراڻا ساٿي بہ الڳ ٿي چڪا ھيا. اسٽالن نيپ NEP جو حامي نہ ھيو، ان ڪري ان پروگرام کي پنھنجي جنم وٺڻ کان اڳ ئي سخت مخالفت ڏسڻي پيئي ۽ 1924 ۾ جڏھن لينن وفات ڪئي تہ ھي پروگرام بہ ختم ٿيڻ جي ويجھو پھچي ويو.

لينن جي وفات کانپوءِ جوزف اسٽالن (Joseph Stalin-1879-1953) وڏي دبدبي ۽ رعب تاب سان برسر اقتدار آيو. اسٽالن (جنھنجو حقيقي نالو اِيوسف (Iosif) ھيو) جو تعلق رياست 'جارجيا' سان ھيو ۽ ھڪ غريب موچيءَ جو پٽ ھيو، مارڪسي خيالات ھئڻ ڪري ڪيس اسڪول مان ڪڍيو ويو ھيو. روس جي شروعاتي ڪابي ڌر واري پارٽي "سوشل ڊيموڪريٽڪ ورڪرز پارٽيءَ" ۾ 1898ع ۾ شامل ٿيو ۽ لينن جو ساٿي ٿي اڀرڻ لڳو. 1903ع ۾ لينن جو ساٿ سان "بالشيوڪ گروپ" ۾ ھليو ويو. ڪجھہ سال روپوشيءَ واري حالت (Under Graound) ۾ ڪوھہ قاف واري علائقہ ۾ پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪيائين ۽ 1907ع ۾ لنڊن ۾ سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. ڪجھہ وقت اخبار 'پراودا' جو ايڊيٽر بہ ٿي رھيو ۽ انقلاب آڪٽوبر کانپوءِ 1929ع تائين ملڪ ۾ ھلندڙ خانہ جنگيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ اھم ڪردار ادا

ڪيائين ۽ پارٽيءَ اندر پاڻ کي هڪ بهترين منتظم طور مڃرايو.

1924ع ۾ لينن جي وفات ڪانپوءِ، نهايت سمجهداري ۽ هوشياريءَ سان پارٽي ۽ حڪومت تي قابض ٿيو. چون ٿا تہ 1923ع ۾ هن جا لينن سان سخت اختلاف ٿي پيا ۽ لينن کيس پارٽيءَ مان خارج ڪرڻ جو فيصلو بہ ڪري ڇڏيو هيو، پر پنهنجي بيماريءَ سبب هو ائين نہ ڪري سگهيو.

اسٽالن هڪ مظبوط مرڪزي حڪومت جو حامي هيو ۽ سخت قوانين کي جاري رکيائين. جيئن تہ پاڻ هڪ اعليٰ درجي جو منتظم هيو ان ڪري پارٽي ۽ حڪومت تي سندس ڪنٽرول مڪمل رهيو. اهي ماڻهو جيڪي ڪجهہ نرميءَ جا قائل هيا. انهن کي آهستہ آهستہ ڪري پارٽيءَ مان خارج ڪيائين ۽ انهن جي جاءِ تي پنهنجي خيال ۽ سوچ وارا ماڻهو اڳتي آندائين. هن جي شخصيت جو اثر نهايت نمايان نموني وڌڻ لڳو ۽ ماڻهو خوف ڪائيندي بہ کيس پسند ڪرڻ لڳا. 1928ع ۾ نيپ (NEP) کي باقائده ختم ڪري ان جي جاءِ تي مرڪزي پلاننگ ڪميشن تحت "پنج سالہ پروگرام" جي اسڪيم شروع ڪئي وئي ۽ سڀ اختيار مرڪزي حڪومت وٽ ماسڪو ۾ رکيا ويا. اهڙي طرح بظاهر آئين ۾ تہ صوبائي خودمختياري قائم رهي، پر حقيقت ۾ مرڪز مظبوط ٿيندو ويو.

اسٽالن جي باري ۾ جيئن اڳ ۾ لکيو اٿم تہ نهايت ئي سخت گير حڪمران هيو ۽ تنقيد برداشت ڪونہ ڪري سگهندو هيو، ان ڪري هُن جي زماني ۾ پريس تي سخت سينسر قائم ٿي ويو ۽ اخبارون سندس تعريف سان ڀريل هونديون هيون. صاف گوئي يا سچائي چوڻ يا لکڻ کان ماڻهو ڪيٻائڻ لڳا. اديب، شاعر، صحافي ۽ فنڪار مايوس ٿي، کي خاموش ٿي ويا تہ ڪن روپوشيءَ جي زندگي اختيار ڪئي ۽ گمنام ٿي ويا. خوشامدڙيا ۽ مدح سراحي ڪرڻ وارن کي وجهہ ملي ويو، اخبارون ۽ رسالا ڪميونزم ۽ حڪومت جي تعريف سان ڀريل هونديون هيون. ٻاهرين ملڪن سان لهہ وچڙ کي چڱين نگاهن سان نہ ڏٺو ويو ۽ ٻاهران ايندڙ وفدن جي دل شڪني ڪئي وئي تہ جيئن هو گهٽ تعداد ۾ روس جو رخ رکن. اهڙي ريت آهستہ آهستہ عوام کي سوشلزم سان محبت ۽ ڪيپٽلزم سان سخت نفرت جو درس ڏنو ويو. ماڻهن ائين سوچڻ ۽ يقين ڪرڻ شروع ڪيو تہ هت سڀ ٺيڪ آهي باقي ساري دنيا ۾

گند ۽ فساد آهي.

جڏهن جرمنيءَ ۾ هٽلر، جنگ عظيم دوم جي تيارين ۾ هيو ته روس وارن، پاڙيسري ملڪ هئڻ ڪري نهايت سنجيدگي ۽ توجهه سان حالات جو جائزو پئي ورتو، پوءِ ٻنهي ملڪن جي سربراهن يعني ته روس جي استالن ۽ جرمنيءَ جي هٽلر ”جنگ نه ڪرڻ جو معاهدو“ ڪري سڀني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. آگسٽ 1939ع ۾ ٿيل ان معاهدي تي يورپ وارا روسين کان ناراض به ٿيا، پر استالن کي ڪنهن جي به پرواهه نه هئي، جو کيس خبر هئي ته يورپ ۾ جيڪا به جنگ لڳي ان مان فائدو روس کي ئي ملندو. هٽلر يورپ ۾ ڪاهي پيو ۽ وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪرڻ لڳو. 1940ع ۾ سوويت يونين پري ٻالٽڪ جي ٽن ننڍڙين رياستن لاتويا، لٿونيا ۽ استونيا کي پنهنجي يونين ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

جون 1942ع ۾ فتح ۽ ڪاميابيءَ جي نشي ۾ چُور، نازي فوج اوچتو ئي اوچتو روسي سرحدون ٽپي اندر ڪاهي آئي. ان موقعي تي استالن هڪ عظيم سپهه سالار، ليڊر ۽ مدبر طور پنهنجي عوام جي قيادت سنڀالي ورتي، پنهنجن تقريرن ۽ بيانن ذريعي فوج ۽ عوام جو حوصلو (مورال) بلند رکيو ۽ جرمنيءَ کي شڪست فاش ڏنائين.

جنگ جي خاتمي کان پوءِ اتحادي ملڪن جي سربراهن جون يالٽا، تهران ۽ پوٽسڊام ڪانفرنسون ٿيون ته استالن پاڻ کي هڪ ڀيرو ٻيهر هڪ عظيم مدبر طور مڃرايو ۽ فتح ٿيل علائقن مان پنهنجي ملڪ لاءِ چڱو خاصو علائقو وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

جنگ جي خاتمي کان پوءِ عوام کي اميد هئي ته حڪومت پنهنجي رويي ۾ نرمي آڻيندي ۽ ڪين ڪجهه نه ڪجهه آزاديون به ملنديون؛ اها سندن اميد اجائي به نه هئي جو جنگ دوران عوام بيمثال قربانيون ڏنيون هيون ۽ حڪومت جو ڀرپور ساٿ ڏنو هيو. استالن کي حقيقت ۾ تمام وڏو عوامي تعاون مليو هيو ۽ هن تي لازم هيو ته هو عوام تي اعتماد ڪري ڪين ڪجهه نه ڪجهه آزاديون ۽ ذاتي خوشيون ڏئي ها پر ائين نه ٿيو ۽ استالن مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي سختي برقرار رکندو آيو.

استالن جي وفات کان پوءِ 1953ع ۾ نڪيتاخرو شيف برسر اقتدار آيو.

ڏنڊي جي لحاظ سان هو هڪ ريڊار جو پٽ هيو ۽ پاڻ بہ ان پيشي سان وابستہ رهيو هيو. سندس تعلق رياست 'يوڪرين' سان هيو ۽ تيليم معموني هيس. يوڪرين ۾ هن پارٽيءَ لاءِ چڱو خاصو ڪم ڪيو هو ۽ ٻي عالمگير جنگ دوران "گوريلا گروپ" ٺاهي غاصب جرمن فوج تي لڪي حملا ڪيا ۽ کين ڪافي نقصان پهچايو. جنگ جي خاتمي کان پوءِ ملڪ جي نئين سر اڏاوت ۾ ڀرپور حصو ورتو. 1949ع ۾ ماسڪو ۾ زرعي سڌارن تي عمل درآمد ۾ نالو ۽ شهرت ڪمايائين ۽ پارٽيءَ اندر حيرت انگريز نموني وڌي آيو. نتيجي ۾ جڏهن 1953ع ۾ اسٽالن وفات ڪئي تہ مرڪزي قيادت هن کي فرسٽ سيڪريٽري طور چونڊيو ۽ 1958ع ۾ وزيراعظم طور منتخب ٿيو.

جنگ جي خاتمي کان پوءِ سوويت يونين وري هڪ دفعو ٻيهر لوهي ڪوٽ اندر بند ٿي ويو هيو ۽ ٻاهرين دنيا سان رابطو ڪافي گهٽ ٿي ويو هو. خروشيف اقتدار سنڀالڻ شرط ئي ان ڳالهہ کي محسوس ڪيو ۽ ٻاهرين دنيا سان رابطا ۽ رشتا وڌائڻ تي زور ڏنو. پاڻ جيئن تہ معمولي پڙهيل هيو ۽ وري کيس خارجہ پاليسيءَ جي الف- ب کان بہ واقفيت نہ هئي، ان ڪري سندس بيانن ۾ تسلسل ۽ سنجيدگي نہ هئي. اقتصادي ميدان ۾ هن اسٽالن واري مرڪزي پلاننگ واري سلسلي کان بہ اختلاف ڪيو ۽ اسٽالن تي تنقيد ڪئي. سندس لاش جيڪو سرخ چوڪ تي لينن سان گڏ دفن ٿيل هيو، ان کي اتان ڪڍرائي هڪ عام قبرستان ۾ دفنايو.

آمريڪا ۽ مغربي ملڪ، سوويت يونين جي ان نئين ليڊر جو قريبي مطالعو ڪري رهيا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس بيانن جو خير مقدم بہ ڪيو ويو. آمريڪا وارن پشاور مان هڪ جاسوسي جهاز (U-2) روس مٿان موڪلي خروشيف کي چيڙائي ڇڏيو. وري 'ڪيوبا وارو بحران' بہ ايري آيو. روس ۽ آمريڪا جي باهمي تعلقات ۾ هڪ ننڍڙي ڪاميابي اها ٿي جو 1963ع ۾ آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ 'نيوڪليئر ٽيسٽ' تي پابنديءَ وارو معاهدو ٿيو.

خروشيف بنيادي طور زرعي سڌارا آڻي ملڪي پيداوار وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان مان ڪوبہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو ۽ مختلف زرعي جنسن جي کوٽ ۾ ڪابہ ڪمي نہ آئي. هُنَ "گلاس نوسٽ" وغيره جا اڌوري دل سان نعره بہ هنيا ۽ اڻپوري ڪوشش بہ ڪيائين، پر سڀ لاحاصل ٿيو ۽

عهديدارن جو اجلاس ٿيو تہ سيني جي نگاهہ انتخاب هن تي ئي پئي، ان مهل سندس عمر 58 سال هئي ۽ هو هڪ سنجيده ۽ بردبار ليڊر طور اڀري آيو.

بريزنيف هر مسئلي تي پارٽيءَ کي اعتماد ۾ ورتو ۽ پارٽي ورڪرن ۽ عهديدارن کي همٿايو. پارٽيءَ وارا حالات کي "جيئن جو تيئن" رکڻ جي حق ۾ هيا، ان ڪري ڪنهن بہ نئين سوچ يا نواڻ کي ويجهو بہ نہ آندو ويو، اقتصادي ميدان کي بہ ائين ئي رکيو ويو، اخبارن ۽ پريس تي بہ سنسر کي برقرار رکيو ويو. آهستہ آهستہ رشوت عام ٿي وئي، شيون مارڪيٽ ۾ اٿليون ٿي ويون، سرڪاري رڪارڊ ۾ خانہ پُري ڪرڻ خاطر پيداوار وڌائي ڏيکاري ويندي هئي، پر ان غلط ڪم جي ڪابہ سزا ڪونہ هئي. مسلسل ساڳيو نظام هيو ۽ ماڻهو بہ ساڳيا، ان ڪري سزا ۽ جزا وارو سلسلو تہ ڄڻ رهيو ئي نہ هيو. نالي ماتر انتخابات ٿيندا هيا، جيڪي هڪ ڍونگ کان وڌيڪ نہ هيا. مون پنهنجي قيام دوران انهن انتخابات جو پاڻ مشاهدو ڪيو، ماڻهن ۾ ڪابہ دلچسپي ڪونہ هئي جو ڪين خبر هئي تہ هڪ ئي اميدوار آهي، جيڪو هميشه سالن کان پيو منتخب ٿئي. مخالفت جو سوال ئي ڪونہ ٿئي پيدا ٿيو. سرڪاري طرح روبل، ڊالر کان بہ وڌيڪ قيمت رکندڙ هيو، پر مارڪيٽ ۾ هڪ آمريڪي ڊالر جا 4 روبل ملندا هيا ۽ گرمين ۾ تہ ڊالر اڃان بہ مهانگو ٿي ويندو هيو. جين جي پتلون، غير ملڪي سگريٽ ۽ چيوگم جهڙين معمولي ۽ خسيس شين لاءِ بہ ماڻهو سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار. بريزنيف 17 سال حڪومت ڪري ملڪ کي انهن حالتن کي پهچايو ۽ 75 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. جنهن مهل سندس وفات جو اعلان ٿي. وي تان ڪيو ويو تہ مان هڪ جنرل اسٽور تان خريداري ڪري رهيو هيس. ڪراڙيون هن جي وفات جو ٻڌي روئڻ لڳيون، مون کي روسي عوام جي سادگيءَ تي ڏاڍي حيرت ٿي.

بريزنيف جي وفات کان پوءِ پارٽيءَ اندر اهو ڇڱو خاصو اهم سوال اڀري آيو تہ اقتدار ڪنهن جي حوالي ڪجي. جيڪي حالتن کي ساڳئي نموني رکڻ (Status quo) جا حامي هيا، انهن سينئر ۽ بزرگ ليڊرن منجهان ڪنهن کي اڳتي آڻڻ ٿي چاهيو، جن ڪجهہ نواڻ ٿي چاهي ۽ سڌارن لاءِ پڻ سوچيو، انهن گورباچوف جو نالو تجويز ڪيو پر آخرڪار فيصلو آندروپوف (Yuri Andropov 1914-84) جي حق ۾ ٿيو، جيڪو هڪ سينئر ۽ بزرگ ليڊر هيو، ان مهل

سندس عمر 68 سال هئي. جيئن اڳ ۾ عرض ڪيم ته سينئر عهديدارن کنهن به تبديليءَ جي حق ۾ نه هيا، ان ڪري آندرپوف وارو دور بس ائين ئي رهيو ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ ڪابه تبديلي محسوس نه ڪئي، البته خارجه پاليسيءَ ۾ هن ڪجهه گرمجوشي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ افغانستان مان پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ ڪجهه سوچيو ته سندس حياتي به پوري ٿي.

آندروپوف جي مرڻ کان پوءِ وري به هڪ سينئر ليڊر چيرنينڪو (Knostantin Chernenko 1911-85) کي برسر اقتدار آندو ويو، ان مهل سندس عمر 72 سال هئي ۽ هو ڪافي ضعيف ۽ ڪمزور به هيو، ان ڪري سال ڪن حڪومت ڪري وفات ڪيائين.

پارٽيءَ جي ٽن سينئر ۽ بزرگ ليڊرن جي ان تڪڙي موت پارٽيءَ اندر هڪ خلاف پيدا ڪري ڇڏيو ۽ گوربا چوف سان مقابلو ڪندڙ ڪابه قدآور شخصيت نه رهي، نتيجي ۾ هو نهايت آسانيءَ سان اقتدار تي قبضو ڪري ويو.

چون ٿا ته بريزنيف ۽ گورباچوف جا پاڻ ۾ ڪجهه اختلاف به ٿي پيا هيا ۽ 1982ع ۾ جڏهن ملڪي زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿي ته بريزنيف ان جو الزام گوربا چوف تي هنيو جيڪو زرعي ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هيو. بس بريزنيف جا به اهي پويان ڏينهن هيا ۽ ڪنهن قدم کڻڻ کان اڳ ئي هن وفات ڪئي. گوربا چوف موقعي جو پرپور فائدو ورتو ۽ نئين ليڊر آندروپوف جي منتخب ٿيڻ کان پوءِ هن جو پرپور ساٿ ڏنو. جڏهن چيرنينڪو 72 سالن جي عمر ۾ ليڊر ٿي آيو ته گوربا چوف ئي پس پرده حڪمران هيو.

ڪن جو چوڻ آهي ته بريزنيف جي مرڻ مهل به گوربا چوف جو نالو هيو پر سندس عمر 50 سال به نه هئي، ان ڪري ڪيس اجان ناتجربيڪاره ۽ ڪچو سمجهيو ويو هو. انهن ڏينهن ۾ روس جي هڪ مشهور اخبار ۾ هڪ ڪارٽون شايع ٿيو هيو، جنهن ۾ گوربا چوف کي چوسڻي (Nipple) چوسيندي ڏيکاريو ويو هو ۽ هيٺيان ڪيپشن ڏنو ويو هيو ته، "آمريڪا چاهي ته ته روس ۾ هڪ ٻار کي حڪومت ڏني وڃي."

ميخائل گوربا چوف (Mikhail Sergeyevich Gorbachev -1931) کي 1985ع ۾ جڏهن اقتدار مليو ته هو ڪافي تجربيڪار ٿي چڪو هيو، خاص طور تي آندروپوف ۽ چيرنينڪو جهڙن وڏي عمر جي سنجيده ليڊرن جي

ڪميونسٽ پارٽي ڪا معمولي ۽ عام سياسي پارٽي تہ نہ هئي، جو ان کي ختم ڪري ٻي ڪا تنظيم ٺاهي وڃي، جڏهن گوربا چوف ان پارٽيءَ کي ختم ڪيو تہ ان تنظيم جي عمر 90 سال هئي ۽ سندس ڪارڪنن جو تعداد لکن ۾ هيو. صرف سوويت يونين ۾ هن پارٽيءَ ڪم نہ پئي ڪيو، پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هن تنظيم جا لکين ڪارڪن ۽ ڪروڙين نظرياتي حامي هيا جن کي رهنمائي ماسڪو مان ئي ملندي هئي. جن ملڪن ۾ هن پارٽيءَ تي پابندي وڌل هئي، اتي ڪارڪن زير زمين رهي ڪم پئي ڪيو ۽ تنظيم جو جهنڊو ۽ نالو بلند رکيو. خود اسان جي ملڪ ۾ بہ هن پارٽيءَ تي مسلسل بندش رهندي آئي هئي، پر ڪاٻي ڌر واري ڪارڪن مختلف نالن سان ڪم پئي ڪيو.

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي بندش پوڻ سان ئي حڪومت هلائڻ لاءِ جيڪو اهم ترين پليٽ فارم 1917ع کان قائم ڪيو ويو هو، ختم ٿي ويو ۽ ان سان گڏوگڏ مملڪت جي سرحدن کي محفوظ رکڻ وارو اهو سگهارو ادارو بہ زمين دوز ٿي ويو. گوربا چوف ان جو نعم البدل ڳولهڻ بدران آمريڪي صدر جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. ان سان ڪيئي ملاقاتون ڪيائين. انهن ملاقاتن جي ڪري ڪيس مغربي ۽ آمريڪي اخبارن ۽ نشرياتي ادارن ۾ وڏي شهرت ملي ۽ سندس فوٽو بہ جام شايع ٿيندا رهيا.

ان دوران ملڪ ۾ ننڍين ننڍين مسئلن جنم ورتو، پر انهن کي سنجيدگيءَ سان نہ ورتو ويو. سوويت يونين هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي ۽ سوين قومون آهن، جن جا هڪ ٻئي سان ننڍا وڏا اختلاف هيا، پر مضبوط مرڪزي حڪومت جي ڪري سڀ خاموش ٿيا. هينئر جو هن مرڪزي قيادت کي ماسڪو کان پري ٻين ڪمن ۾ رڌل ڏٺو تہ سڀ شينهن ٿي ويا. لساني ۽ قومي جهيڙا شروع ٿيا تہ بہ انهن کي ڇاٽي واٽي نظر انداز ڪيو ويو. اهي سڀ واقعا هڪ ٻئي جي پٺيان ۽ انتهائي تيزيءَ سان ٿيندا ويا. اپريل- مئي 1986ع ۾ چيرنوبل جو ايٽمي ريڪٽر ڦاٽو تہ هزارين ماڻهو ان جي اثر هيٺ آيا ۽ مغربي پريس کي سٺو موقعو مليو تہ هو عوام کي ڀڙڪائن. آڪٽوبر 1986ع ۾ گوربا چوف آمريڪي صدر ريگن سان ملڻ "ريڪجاويڪ" ويو تہ پٺيان آلما آتا ۾ لساني جهيڙا شروع ٿي ويا، 1987ع ۾ گوربا چوف واشنگٽن ويو ۽ آمريڪي صدر سان ملاقاتون ڪيائين تہ پٺيان آرمينا ۽ آزر بائيجان جا

اختلاف وچي چوٽ تي پهتا ۽ آخرڪار 1988ع ۾ ٻنهي جمهوريائون هڪ ٻئي تي هٿيارن سان حملہ آور ٿيون ۽ ٻي انتها نقصان ڪيائون. وري جون 1988ع ۾ صدر ريگن اچي ماسڪو پهتو تہ مرڪزي حڪومت وارا سڀ ڪم ڪار ڇڏي ان جي استقبال ۽ حفاظت ۾ لڳي ويا. ريگن اجان وطن روانو مس ٿيو تہ گورباچوف ڪي شوق ٿيو تہ اقوام متحده کي خطاب ڪري ۽ وڃي نيويارڪ پهتو. پرپٺ جارجيا ۾ لساني ۽ قومي جهڳڙا ٿيا ۽ وڏا مظاهرا ٿيا، جن ۾ حڪومت خلاف نفرت جو ڀرپور اظهار ڪيو ويو. 1989ع ۾ گورباچوف چين ويو تہ پٺيان ازبيڪستان ۾ لساني ۽ قومي جهيڙا ٿي پيا. آڪٽوبر 1989ع ۾ لٿونيا پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪيو تہ گوربا چوف مالٽا وڃڻ جي تياريءَ ۾ رهيو جو اتي ڪيس نئين آمريڪي صدر بش سان ملڻو هيو.

مون گوربا چوف جي طريقي ڪار تي انتهائي مختصر انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي تہ جيئن پڙهندڙ پاڻ اندازو لڳائن تہ سوويت يونين جهڙو وڏو، مضبوط ۽ طاقتور ملڪ ڪيئن ٽٽي پيو. گوربا چوف کي مسلسل مشغول رکيو ويو ۽ هن کي غير ملڪي پريس ۾ زبردست تشهير ڏني وئي. عوام جي ذهن کي مفلوج بنائي کين بغاوت تي آماده ڪيو ويو ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪابہ راهہ نہ ڏيکاري وئي. لساني ۽ قومي جهڳڙن کي باقائده سازش ڪري اڀاريو ويو ۽ رياستن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ڪرايا ويا، نتيجي ۾ ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو.

# روم جو يادگار سفر

آگسٽ 1979ع ۾، جڏهن سنڌ ۾ ونڪيشن گذاري واپس يونيورسٽي پهتس ته "Research Programme" ۾ ڪافي پراگريس ٿي ۽ ان دوران روسي زبان ۾ ڪنهن حد تائين سمجهڻ لڳس، مارچ 80ع ۾ جڏهن بهار جون موڪليون مليون ته دوستن گڏجي اٽليءَ جو سفر رٿيو. مون به چاهيو پئي ته انهن موڪلن ۾ ڪجهه سيروسفر ڪجي. ان خيال سان پنهنجن بنگالي دوستن سان گڏ ماسڪو پُهتس ته جيئن اٽليءَ لاءِ ويزا لڳرائجي. اٽليءَ جي سفارتخاني ٻاهران ويزا لڳرائڻ لاءِ ماڻهن جي ايڏي ته رش هجي جو لڳي ٿو ڄڻ هڪ ئي وقت سمورو روس اٽلي جي سفر لاءِ سانپاها پيو ڪري. ٻن ٽن ڏينهن جي ڌڪن ٿاٻن کانپوءِ مس مس اسانجو وارو آيو ۽ ويزا لڳي مليو. جنهن بعد ٽرين ۾ برٿ "Reserve" ڪرائڻ جي ڳڻتي اچي ورايو. رهڻ لاءِ مان پنهنجن هم وطن دوستن، اميد علي ٻُرڙي ۽ غلام حيدر چامڙي وٽ هاسٽل پُهتس جيڪي زرعي انسٽيٽيوٽ جي هاسٽل ۾ رهيا هُئا. مون وارا بنگالي دوست به پنهنجي هم وطن دوستن سان گڏ رهڻ لاءِ روانا ٿي ويا، رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ اسٽيشن تي ٻيهر ملڻ جو پروگرام به رٿيو سين.

صبح جو جڏهن اسٽيشن پهتاسين ته منهنجا بنگالي دوست اڳ ۾ ئي لائين ۾ بيٺل نظر آيا. دراصل هُنن اِهو سفر اڳ ۾ به ڪيئي دفعا ڪيو هيو، ان لاءِ ڪين هرڪا چاڻ هئي ۽ اهڙي طرح اُنهن سيٽون به وٺي ڇڏيون. مونکي ٻئي ڏينهن واري ٽرين ۾ سيٽ ملي، ساٿن گڏ سفر ڪرڻ شايد منهنجي نصيب ۾ نه هيو، ان لاءِ صبر ڪرڻ ئي مناسب سمجهيم، مگر اها ڳالهه ڪافي پريشان ڪري رهي هُئي ته ايڏو سارو سفر اڪيلي سَر ڪيئن ڪندس. اسان يونيورسٽيءَ جي ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ويندا هئاسين تڏهن به ٽولن جي صورت ۾!

سيٽ بوُڪ ڪرائڻ وقت هڪ واقعو پيش آيو. ٿيو هيئن جو قطار ۾ رڙهندي رڙهندي جڏهن بڪنگ جي ويجهو پُهتم ته هڪ نوجوان نائجيرين خاتون اچي اسانجي قطار پرسان بيٺي ۽ پڇيائين ته ”اوهانکي انگريزي اچي ٿي.“ منهنجي ها ڪرڻ تي،نماڻائي سان چيائين ته سندس لاءِ روم جي هڪ ٽڪيٽ وٺان. پوري قطار اسان ڏانهن متوجه ٿي وئي هئي مگر انگريزي ٻولي نه ڄاڻڻ ڪري هوُ سڀ پُرتجسس نگاهن سان ڏسڻ لڳا. مون احتياطً ڪاؤنس پئسا وٺڻ کان اڳ ۾ سندس لاءِ ٽڪيٽ ورتم، جنهن لاءِ هُن منهنجا ڪافي ٿورا مڃيا. ان دوران مونکي ماسڪو گهمڻ لاءِ پورا ٻه ڏينهن مليا ۽ خوب گهمي ڦري ماسڪو ڏٺم. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ماسڪو ڇڏي روم لاءِ روانو ٿيس ۽ اچي ٽرين ۾ ويٺس ته مونکان اڳ ۾ اها نائجيرين ڇوڪري برٿ تي سامان وڇايو وڏي ٺاٺ سان ”ٽائيم“ رسالو پڙهي رهي هئي. مونکي ڏسندي ئي ڊوڙي آئي ۽ مون کان بيگ وٺي سيٽ تي ويهارڻ لاءِ منهنجي مدد ڪيائين ۽ گڏوگڏ دير سان اچڻ جي معيار به ڏنائين. جڏهن ته ٽرين هلڻ ۾ اڃان پورو سارو ڪلاڪ باقي هو. اُن وقت اڪيلي سفر ڪرڻ واري ڳڻتي ختم ٿي جو هن ڇوڪريءَ وڏي گرم جوشيءَ سان منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. هن پاڻ سان گڏ هڪ وڏو ٽفن باڪس به آندو هو. منهنجي سامان سان ڪا اهڙي شيءَ نه ڏسي هو ويتر خوش ٿي، جو هن ڪنهن به طرح سان منهنجو ٿورو لاهڻ پئي چاهيو!

تقريباً اڌڪلاڪ بعد هڪ روسي خاتون پنهنجي ٽن چئن سالن جي پُٽ سميت اچي اسان واري بوگيءَ ۾ سوار ٿي، ساڻس گڏ ڪافي سامان به هيو، کيس چڙهڻ لاءِ هڪ مرد به آيو هو، جيڪو کيس سيٽ تي ويهاري واپس روانو ٿي ويو. بعد ۾ ساڻس تعارف ٿيو ته هُن ٻڌايو ته سندس مُڙس فوج ۾ هڪ وڏو آفيسر آهي ۽ هو ساڻس ملڻ لاءِ هنگري پئي وڃي. گاڏي سندس اسٽيشن تي ٽين چئين وڳي ڏاري رسڻي هئي، ان لاءِ کيس اها ڳڻتي ورايو بيٺي هئي ته سندس سامان ڪير لهرائيندو. سندس پريشاني سمجهندي مون کيس آٿت ڏني ته اسان ٻه ڄڻا کيس سامان لهرائڻ ۾ مدد ڪنداسين ۽ کيس بي فڪريءَ سان سفر ڪرڻ گهرجي. تنهن تي نائجيرين ڇوڪري نڪ کي موڙو ڏيندي چيو ته رات جو چئين وڳي تون ئي مدد ڪجانس، مونکي لاچار ڪونهي جو پنهنجي ننڊ ڦٽايان. سندس اِها جيلئسي (ساڙ) مونکي سمجهه ۾ نه آئي.

مونکي روسي ڀار ڏاڍا وڻندا آهن، سُهڻا صاف ۽ سندن مختلف رنگن جون دلڪش اکيون، وري ان تي ڪڪا ۽ سُنهري وار. دراصل منهنجو پيو نمبر پٽ اعجاز جڏهن ڄائو هئو تہ صفا ائين هيو، ايتري قدر جو سندس وار بہ هلڪا سُنهري هيا ۽ امڙ اسانکي بہ نہ پئي ڏيکاريو تہ متان ڪنهنجي نظر لڳيس. ان لاءِ سندس نالوئي "خان" پئجي ويو جيڪو اڄان تائين پيو هلندو اچي. مان ماضيءَ جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهجي ويو هوس ۽ پنهنجن ٻارڙن جي ياد سان ڪيڏڻ لڳس تہ اهو ڇوڪرو اچي پرسان ويٺو ۽ پڇيائين تہ "جاجاڪرا ايديوت" چاچا ڪيڏانهن پيا وڃو! هُن کي پنهنجي پير ۾ ڏسي، مونکي سندس ٿي جيترو پنهنجو پٽ يوسف ياد اچي ويو، هن بہ يوسف وانگي ٻاتو پئي ڳالهايو، ۽ ڪُڪڙ کي "تُتَڙ" ڪري چوندو هو. سندس ماءُ جو پورو ڌيان اسان ڏي هو، سندس پرسان ويٺل نائجيرين خاتون رسالو ائين پڙهيو پئي ڄڻ اڄ ئي پورو ڪري ڪيس صبح جو روم ۾ امتحان ڏيڻو آهي. نائجيرين ۽ روسي خاتون هڪ ئي سيٽ تي ويٺيون هيون. هڪ صاف اڇي رنگ، سُنهري وارن سان انتهائي خوبصورت ۽ ٻي انتهائي ڪاري ۽ آفريڪا جو پورو پورو نمونو مون سوچيو، واهہ قدرت تنهنجا رنگ، هڪ انسان جا هزارين روپ ۽ هر روپ ۾ هزارين اسرار ۽ راز!

جڏهن گاڏي هلي تہ سيني پنهنجي ماني ڪڍي، مون ريل جي ريسٽورينٽ مان ماني آندي، جنهن تي نائيجيرين ڇوڪري ڪافي ناراض ٿي. اهو سمورو لڪاءُ روسي عورت خاموشيءَ سان ويٺي ڏٺو. ماني ڪافي لذيذ هُئي، منهنجي تعريف ڪرڻ تي نائيجرين ڇوڪري صفا هوا ۾ اڏامڻ لڳي. ڪچهري ڪندي ٻڌايائين تہ سندس والد نائجيريا ۾ وزير آهي ۽ پنهنجي قوم جو چڱو مڙس پڻ، هُن پنهنجي گهڻي تڻي تعليم لنڊن ۾ حاصل ڪئي، جو تڏهن سندس والد ڪنهن زماني ۾ اتي هاءِ ڪمشنر هيو، مون بہ ڪيس پنهنجي گهر ٻار جي باري ۾ ٻڌايو تہ هو ڪافي اُداس ٿي ويئي ۽ چيائين تہ مڙدن کي ايترو جلدي شادي نہ ڪرڻ گهرجي!! سندس خيال ٻڌي مون پنهنجي گهرواريءَ جي ذڪر کي اِڳتي ڪونہ وڌايو جو ڊپ هو تہ ڪٿي هو بوگي نہ بدلائي وڃي. ڪلاڪ کن جو وقفي ڪانپوءِ هو منهنجي شادي شده هُئڻ واري صدمي مان ٻاهر نڪري آئي ۽ ٻڌايائين تہ مونکي سائنس ڪڏ روم جي هڪ

سئي هوٽل ۾ رهڻو آهي جنهن جي ڪرائي وغيره لاءِ مونکي فڪرمند ٿيڻ جي ضرورت ناهي. سندس ارادا ڏسي مونکي ته پڪ ٿي ويئي ته مونکي پڪ ٿي ويئي ته مونکي مونکي پڪ ٿي ويئي ته مونکي پڪ ٿي ويئي ته مونکي پڪ ٿي ويئي ته مونکي ته پگهر اچي ويا. مگر ڪيس ڪجهه چيم ڪونه ۽ روسي خاتون جي پٽ سان وينس ڪچهري ڪرڻ. رات ٿيڻ تي سڀ سمهي رهياسين ۽ هنگريءَ جي اسٽيشن آئي ته ڪين هيٺ لهڻ ۾ هٽ ونڊايو. اسٽيشن ننڍڙي هئي ۽ آتي سيءُ ۽ اوندهه به ڪافي هئي، پر ڪيس وٺڻ لاءِ ڪير به نه آيو هو. شايد سندس مڙس ڪي دير تي ويٺي هئي يا ٽرين (Before Time) پهتي هئي!

مون دل ئي دل ۾ پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ته روم پهچڻ شرط هن ڪاري بلا کان جان ڇڏائيندس ۽ ٿيو به ائين ئي اسٽيشن تي پهچڻ دوران مون ڏٺو ته مون کي منهنجو بنگالي دوست وٺڻ لاءِ آيو آهي، گاڏيءَ مان لهي هيٺ گڏ ٿياسين، آتي مينهن به ڪافي وسي رهيو هو ۽ موقعي جو فائدو وٺي مان کلئي تي ويس.

روم جي سرزمين تي قدم رکڻ سان منهنجي ذهن ۾ دنيا جي هن قديم ترين ۽ عظيم الشان تهذيب جا پڙاڏا گونجڻ لڳا. تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي شهر 753 B.C ۾ آباد ٿيڻ شروع ٿيو. شروع ۾ هي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، جتي پر پاسي جي قبيلن ڪافي ڪاهون ڪيون. پنهنجي دفاع ۾ روم وارا ايترو ته وڙهيا جو اڳتي هلي، هتي جا ماڻهو ڪافي طاقتور ٿي ويا ۽ انهن نه رڳو ٻين قومن تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا پر پنهنجون سرحدون به وڌائڻ شروع ڪيون ۽ 350 B.C ۾ روم ان قابل ٿي ويو جو هنن هڪ ايمپائر ڏي قدم وڌائڻ شروع ڪيا. مسلسل فتوحات جي ڪري، روم وارن وٽ پئسا ۽ دولت سان گڏ ڪافي تعداد ۾ غلام به قيد ٿي آيا جن شهر جي تعمير ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ فوج ۾ به خدمتون سرانجام ڏنيون. جوليس سيزر جنهن مصر جي مشهور ملڪه ’قلوپطره‘ سان شادي رچائي هئي، هڪ مقبول حڪمران ثابت ٿيو ۽ سندس جانشين ’آگسٽس‘ واري دؤر ۾ مصر، فرانس، اسپين ترڪي، يوگوسلاويه، يونان ۽ شام جهڙا مُلڪ روم جي قبضي هيٺ آيا. رومن امپائر جون مضبوط بنيادون قائم ٿي چڪيون هيون ۽ آگسٽس "Agustus" وٽ دنيا جي سڀ کان مظبوط ترين فوج هئي، مگر سندس مرڻ کان پوءِ سندس جانشين ايترا مضبوط ۽ طاقتور ثابت نه ٿيا. موروثي

حڪمرانيءَ کي ختم ڪيو ويو ۽ سينيٽ کي وڏيڪ اختيار ڏنا ويا. ڪجهه عرصي کان پوءِ رومن امپائر جو زوال آيو "Fall Of Roman Umpire" ۽ فرانس جي بادشاهه نيپولين اٽليءَ تي قبضو ڪيو ۽ هتان جا فني شاهڪار فرانس منتقل ڪيا ويا. 1870ع ۾ وري روم جي عظمت واپس آئي ۽ وڪٽر ايمانيول II سيني کي پڇائي ڪيڊيو.

عظيم فوجي جرنيلن، فنڪارن، اديبن، شاعرن جي هن قديم ترين تهذيب يافته شهر ۾ قدم رکڻ سان منهنجي دل عجيب احساسن ۾ مبتلا هئي، منهنجي بنگالي دوست هڪ هوٽل نما جاءِ ۾ وٺي آيو، جتي اسان جي رهڻ جو بندوبست ٿيل هو. اصل ۾ هتي جي ڪافي شهرين پنهنجن گهرن کي هوٽل ۾ تبديل ڪيو هو، جيڪي ڪيئي منزلن ۽ ڪمرن تي مشتمل آهن، مالڪ هڪ اڌ ڪمري ۾ رهن باقي ڪمرا ڪرائي تي ڏيئي ڇڏين. اڍائي ڊالر في ماڻهوءَ کان ڪرايو وٺن اِن سلسلي ۾ شاگردن کي ڪافي فائدو ٿئي ۽ غريب سياح به سکيا رهن.

اٽليءَ جي دارالحڪومت روم جي آبادي 1977ع جي آدم شماري مطابق 30 لک کن آهي، هي شهر نه فقط اٽليءَ جو دارالحڪومت آهي، پر دنيا ڀر جي ڪيٿولڪ عيسيائين لاءِ مقدس شهر جو درجو رکي ٿو، جو اُن جي پرسان "Vatican City" آهي. سمنڊ جي پرسان هئڻ ڪر روم جي آبهوا معتدل ۽ مناسب آهي ۽ يورپ واري موتمار سردي کان نه ٿئي، ان ڪري هت سياح ڏاڍا اچن. جبل به خاص پري ڪونه اٿس، چوڌاري سرسبز ٻنيون ۽ باغات اٿس. هتي فروٽ عام جام ٿئي ان لاءِ روم جون بازارون ميون سان ڀريل نظر اچن. ٻاهران ايندڙ ماڻهن کي هرطرح جي سهولت ميسر اچي، هڪ ڊالر جا. ڀهرئين ڏينهن اسان کي هڪ هزار ليرا "Lira" مليا، جيڪي چئن ڏينهن کان پوءِ 1200 ملڻ لڳا. ان لاءِ آمريڪي شهري به عام جام ڏٺاسين. جو ته ڪين هي ملڪ ڏاڍو سستو پوي، هتي قديم تاريخي جايون بي حساب آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ دنيا ڀر جا سياح ڪيميرائون ڪنيو هرهنڌ گهمندا ڦرندا نظر ايندا. سمنڊ جو پاڻي جيئن ته موافق آهي ۽ اُتي ڪناري وٽ ايترا مرد ۽ عورتون سن باٿ "Sun-bath" لاءِ اچن جو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي وڃڻ لاءِ ڪين اورانگهڻو پوي، هتي "Red-bazar" وغيره جام آهن. ڪيترن گهرن اڳيان ته عورتون در

وٽ اشارا ڪندي نظر آيون، امن امان جو مسئلو بہ ڪافي گنڀير آهي. رات جو گهمڻ لاءِ نڪتاسون تہ هوٽل جي مالڪياڻيءَ چيو تہ پاسپورٽ ۽ پئسا رکي پوءِ وڃون. نوجوانن جا ٽولا گهمندي ڦرندي سياحن کان پئسا ۽ پاسپورٽ ڦريو وڃن. دنيا ڀر جا بدمعاش هن شهر ۾ لڪل رهن ٿا. اٽليءَ جي آمدنيءَ جو وڏو ذريعو سياحت آهي، ان لاءِ هتي هر قسم جو ماڻهو بنان روڪ ٽوڪ جي هليو اچي ۽ ويزا ڏيڻ ۾ ڪا خاص سختي ڪونہ ڪن، هتي جا مرد قدآور ۽ سهڻا ٿين، جڏهن تہ عورتون ڪي خاص خوبصورت نظر نہ آيون، شهر ۾ گهمندي ڦرندي ائين نظر آيون، ڄڻ نند مان اٿي آيون هجن. مردن انهن ڏانهن نهارين بہ ڪونہ، هو پيون لامارا هڻنديون ۽ ليٽا پائنديون. شهر ۾ ڪيترن ئي سورمن جا مسجما نظر آيا، مگر وڪٽرايمانيول II جو مجسمو سيني لاءِ عزت ڀريو تصور ڪيو وڃي ٿو. روم جي شاندار ۽ جديد عمارتن ۾ ريلوي اسٽيشن بہ آهي، جيڪا 1950ع ۾ ٺهي تيار ٿي.

اسان جنهن هوٽل (جاءِ) ۾ رهيل هئاسين، اُتي اسانجي خدمت نيپال جي هڪ ويهہ سالن جي ڪمزور ڇوڪري پئي ڪئي، ڪائنس جڏهن احوال ورتم تہ معلوم ٿيو تہ هو روس ۾ پڙهي ٿو، هتي ڪاوڻس پاسپورٽ ۽ پئسا وغيره ڦرجي ويا آهن ۽ هاڻي واپس وڃڻ لاءِ هتي ڪمائي پئسا گڏ ڪري رهيو آهي. بنگالي، پاڪستاني ۽ سري لنڪا جي شاگردن سندس ڪافي مدد پئي ڪئي، جڏهن تہ سندس سفارتخانہ وارن ڪابہ مدد ڪانہ پئي ڪئي.

روم ۾ ٺهندڙ هڪ "اسلامڪ مرڪز ۽ مسجد" جو ذڪر دوستن واتان ٻُڌم، ان لاءِ اوڏانهن بہ ويس پر مون کان اها جاءِ لڌي ڪونہ ٿي، ٽيڪسي وارو انگريزي بلڪل نہ پيو سمجهي هن ڪافي جايون ڏيکاريون مگر مون واري مطلوبہ جاءِ ڳولي نہ سگهيو.

حقيقت ۾ ڏسجي تہ روم ۾ مسجد جو ٺهڻ هڪ وڏو ۽ اهم تاريخي واقعو ٿيندو. روم جيئن تہ ڪيٿولڪ عيسائين جو ڳڙهہ آهي ان لاءِ هتي مسجد جو ٺهڻ بذات خود هڪ معجزو آهي. اٽليءَ جي فاشسٽ حڪمران 'مسوليني' انهيءَ حد تائين چيو هو تہ مڪہ شريف ۾ چرچ ٺاهڻ جي اجازت ڏني وڃي تہ پوءِ هوبہ روم ۾ مسجد ٺهڻ ڏيندو.

1965ع ۾ روم جي ڪيٿولڪ چرچ جي ڪاؤنسل اهو فيصلو ڪيو تہ

ڪين مسجد جي ٺهڻ تي اعتراض نہ آهي. ان بعد هڪ اسلامڪ سينٽر ۽ مسجد ٺاهڻ جون تياريون شروع ڪيون ويون. جنهن لاءِ سيني اسلامي ملڪن چندو ڏنو. ’سعودي عرب‘ جي ’شاه فيصل‘ ذاتي طرح دلچسپي وٺي اٽليءَ جي حڪومت کان اجازت نامون حاصل ڪيو. اٽليءَ ۾ اٽڪل 6 لک ڪن مسلمان رهن ٿا، فقط روم ۾ مسلمانن جو تعداد هڪ لک ٿائين آهي.

اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿر تہ ڪيٿولڪ عيسائين جي مقدس شهر "Vatican City" جي ڪري روم جي هڪ خاص اهميت آهي ۽ قديم دؤر کان وٺي مذهبي اعتبار کان ماڻهو هتي ايندا رهندا آهن. هڪ ڏينهن مون بہ سوچيو تہ روم اچي "Vatican City" نہ ڏسجي، سو مناسب نہ ٿيندو سو تيار ٿي هن شهر کي ڏسڻ لاءِ روانو ٿيس.

اٽڪل 100 ايڪڙن تي مشتمل روم جي اندر هي دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي آزاد ۽ خودمختيار مملڪت آهي، جنهن ۾ اٽڪل 1000 ڪن ماڻهو رهن ٿا. روم کان جدا ڪرڻ خاطر هن "ملڪ" کي چوڌاري ديوار ڏنل آهي، جيڪا ڏکڻ کان ڪليل آهي. "پاپاءِ روم" هتي رهي ۽ حڪومت ڪري، هن ملڪ کي پنهنجو جهنڊو، سڪو ۽ ٽڪليون آهن. 1929ع ۾ هن ملڪ جون حدون مقرر ڪري کيس آزاد ۽ خودمختيار تسليم ڪيو ويو. ويٽيڪن جي محل "Vatican Palace" ۾ 4000 ڪمرا آهن، چند "پاپاءِ روم" لاءِ مخصوص آهن، باقي ڪمرا ميوزيم، لائبريري ۽ اسٽاف وغيره لاءِ ڏنل آهن. هتان جي ميوزيم ۾ دنيا جون ڪيتريون ئي اڻلڀ شيون، نسخا، تصويرون، سڪا، مجسما ۽ تحفا وغيره محفوظ آهن.

ويٽيڪن ۾ گهمڻ ڦرڻ بعد گرجا ۾ وياسين، پنهنجي رب پاڪ کي ٻاڏايم ۽ ٻچڙن لاءِ دعائون گهريم. در تي ڪوبہ ماڻهو بيٺل ڪونہ هو، ان جي باوجود مان بوٽ لاهي، پوءِ اندر داخل ٿيم. جڏهن تہ باقي ماڻهو ائين ئي داخل ٿيا پئي.

اٽلي خريدوفروخت جي سلسلي ۾ ڪافي تڪليف ٿيندي هُئي. ڊالر ۽ ليرا جو فرق ايترو تہ گهڻو هوندو هو جو حساب رکڻ ڪافي مشڪل ٿي پوندو هو. هڪ دفعي چمڙي جا ڪوٽ وٺي مون پل ۾ دڪاندا کي 50000 ليرا وڌيڪ ڏنا، ڪمري تي موٽڻ کان پوءِ حساب ڪيم تہ ان ڳالهہ جي خبر

ٻئي. ٻئي ڏينهن جڏهن ڪيس وڃي وڏيڪ پئسن جو ٻڌايم تہ ڪافي ڪاوڙيو ۽ چيائين تہ سندس روز جو ڪاروبار ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ٿئي ٿو هو ڪنهن کي ياد رکي ۽ ڪنهن کي نہ رکي! سندس ڳالهہ واجبي هئي، ان لاءِ مون ئي پيسن تان هٿ کنيا.

شام جو روم جي هيڊپوسٽ آفيس وڃڻ ٿيو تہ جيئن ڳوٺ لاءِ خط وغيره موڪليان، مون سان گڏ منهنجو افريڪي روم ميٽ بہ هيو، ان مهل جين ۽ هاف سلِيو سان هڪ خوبرو ڇوڪري اندر داخل ٿي ۽ ڏهن ڊالرن جو نوٽ لهرائي چيائين تہ بينڪون بند آهن. ڪو ڪيس ڊالر وٺي ليرا ڏيندو؟ منهنجي اُن آفريڪي دوست کي جوش اچي ويو ۽ 10000 ليرا ڪڍي ڪيس ڏنا ۽ لڳو ساڻس دوستي رکڻ. پنجن منٽن ۾ دوستي بہ رکجي ويئي ۽ ملڻ جو وقت بہ طئہ ڪيائيون.گهر آياسين تہ جوان ڪپڙن ۾ ئي نہ پيو ماپي، ڪمرو صاف ڪرائي تازا گل وٺي آيو ۽ لڳو انتظار ڪرڻ. ان شام منهنجي پروگرام ۾ هڪ مشهور ڪلب گهمڻ شامل هيو ان لاءِ هو وڏيڪ خوش هو جو ڪيس ڪمرو بہ خالي مليو ٿي، رات جو مان دير سان موٽيم تہ ڪيس گهري ننڊ ۾ سُتل ڏٺم، مون ڪيس جاڳائڻ ڪونہ چاهيو مگر هو جاڳي پيو ۽ روئنهارڪو ٿي چيائين تہ "هوءَ ڪانہ آئي." ٻئي ڏينهن نوٽ بدلائڻ لاءِ بينڪ وياسين تہ معلوم ٿيو تہ اُن ڇوڪريءَ جو ڏنل نوٽ بہ ڪوڙو هو.

واپسيءَ ۾ مون سان گڏ بوگيءَ ۾ بہ ڪارا نوجوان ماسڪو لاءِ سوار ٿيا. اسان وٽ هڪ برٿ خالي هُئي، هو ٻئي وڃي در تي بيٺا تہ جيئن ڪا خوبرو مسافر عورت نظر اچين تہ ڪيس سيٽ جي آفر ڪن. ان دوران هڪ 30-35 سالن جي لڳ ڀڳ هڪ خوبصورت عورت، يورپي لباس ۾ پرس لوڏيندي، اچي اُتي پهتي، ٻئي نوجوان ڪيس ورائي ويا ۽ پنهنجي خالي برٿ ڏي اشارو ڪري وٺي آيا. اها هڪ مصري خاتون هئي جا روم ۾ رهندڙ هئي، ۽ روز شام واري گاڏيءَ ۾، روم کان ٻن ڪلاڪن جي سفر تي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ پنهنجي نياڻيءَ سان رهندي هئي. هُن پنهنجي پسند جي شادي ڪئي هئي، گهر گهاٽ ڇڏي روم آئي هئي، مگر مڙس ساڻس وفا نہ ڪئي ۽ غائب ٿي ويو. هاڻي ان مان ڄاول ٻار کي نشاني سمجهي وقت پئي گذاري ۽ نوڪري ڪري.

افريڪي نوجوانن سانس فري ٿيڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، جنهن



ماسڪو ۾ سرخ چوڪ جي ويجهو هڪ اسٽريٽ 13-9-1979



ماسڪو ۾ "لينن" کي ڏسڻ لاءِ قطار ۾ بيٺل 13-9-1979



ماسکو ہر سرخ چوک اگیان 1979-9-13



كوبان استيت يونيورستي- كراس نادار 1978



آلپيڪا شهر ۾ سياحن سان گڏ 8-8-1982



ڪوبان اسٽيٽ يونيورسٽي- ڪراس نادار يوم پاڪستان 23-3-1981



ڪشيوف شهر ۾ مارڪس ۽ اينگلز جي مجسمن سان گڏ 12-2-1980



مصنف



لينن گراڊ شهر ۾ واليا سان گڏ 1983



کوبان اسٽيٽ يونيورسٽي ڪراس نادار- شعبہ نباتيات

نائب گائيڊ ولاڊيميريا ڪالو رچ سان هڪ ٻوٽي جو معائنو ڪندي 1980-5-15



ايگريڪلچر انسٽيٽيوٽ ڪراس نادار جي استادن سان 1980



برٹش پارلیامینٹ- لندن British Parliament



تيمز ندي- لندن Tamus River



ترافلگر اسکوائر- لندن Troflguar Square



برٹش میوزیم- لندن British Museum

ـي هن مونـکي سندس جند ڇڏائڻ لاءِ چيو، جو هن پڻ کلاکن جو سفر سکون سان ڪرڻ پئي چاهيو. گاڏيءَ ۾ ڏاڍي رش هئي،هو اتان ڪاڏي وڃي به نـه پئي سگهي، آخر سندس اسٽيشن آئي ۽ هو لهي ويئي تـه پوءِ مان بـه آرام سان سُمهي رهيس.

سوويت يونن جي سرحد ۾ داخل ٿياسين تـه ڪسٽم وارا ورائي ويا. هُنن جو سڀ کان وڌيڪ زور ان ڳالهه تي هيو تـه ڪنهن وٽ فحش فلمون، اگهاڙا رسالا يا نشي آور شيون تـه نـه آهن! ڪين اهڙيون چند شيون افريڪي ماڻهن وٽان مليون، جيڪي هنن پنهنجي قبضي ۾ ورتيون ۽ واپس ڪنهن بـه صورت ۾ نـه ڪيائون. باقي جن وٽ ڇهن کان وڌيڪ جين جون پتلونون هيون، انهن تي 50 روبل في پتلون ڏنڊ وجهي ڇڏيائون. ڪلاڪ ڪن جي ان گهپلي کان پوءِ گاڏي هلي ۽ واپس خيريت سان پهچڻ تي خدا جا شڪرانا بجا آندم.

# لينن گراڊ ۽ ريگا جو سير

. يونيورسٽيءَ پاران مونکي ڪافي سهولتون ۽ رعايتون مليل هيون، مگر پي ايچ ڊي لاءِ تمام گهڻا ڪتاب ڏسڻا ٿي پيا ۽ اڳ ۾ ٿيل ان موضوع تي تمام ڪم کي به نظر مان ڪڍڻو ٿي پيو جو ٿيسز جي آخر ۾ اُن مواد جو حوالو ڏيڻ ضروري ٿي پوندو آهي، جنهن لاءِ لڳ ڀڳ ٽي سؤ ڪتابن جو حوالو ضروري هو؛ جو ان ڪان گهٽ ڪتاب ناڪافي سمجهيا ويندا آهن ۽ اهڙي ڪم کي ميڃتا نه ملي سگهندي آهي. روسي ممتحن، ٿيسز پڙهڻ کان اڳ، آخري صفحن تي ڏنل ڪتابن جا حوالا نهايت غور ۽ توجهه سان پڙهندا آهن.

يونيورسٽي لائبريريءَ جي تعاون سان، سوويت يونين جي تقريباً سڀني لائبريرين کي خط لکيم ته برصغير پاڪ و هند ۾ دوائون پيدا ڪندڙ ٻوٽن (Medicinal Plants of India, Pakistan, Bangla Desh and Sri-lanka) تي جيڪو به مواد ميسر هُجي مونکي ڏياري موڪليو. موٽ ۾ ڪافي مواد مليو، جنهن سان منهنجي ڪافي مدد ٿي، مگر مون وارو گائيڊ اجان به مطمئن نه پئي ٿيو، هن مونکي صلاح ڏني ته ان مقصد لاءِ جيستائين مان پاڻ مختلف لائبريرين ۾ نٿو وڃان مقصد حل نه ٿيندو. مونکي معلوم ٿيو ته لينن گراڊ ۾ ججهو مواد ملي سگهندو ۽ اهڙي طرح مون لينن گراڊ سفر ڪرڻ جا سانباها شروع ڪيا. ان دؤران مونکي خبر پئي ته لينن گراڊ ۾ اسان واري شهر قمبر جو محمد شريف ڦلڻ زراعت ۾ (PH.D) ڪرڻ لاءِ آيل آهي، جنهن بعد سائس رابطو قائم ڪير ته ڪيس پنهنجو پروگرام پڻ ٻڌايم. هُن وڏي فراخدليءَ سان اچڻ جي دعوت ڏني ۽ هرطرح جي تعاون جو يقين ڏياريو. مونکي لينن گراڊ لاءِ تياريون ڪندي ڏسي واليا چيو ته ڪيس به لينن گراڊ وئي ڪيترائي سال ٿيا آهن، سندس ڪافي مائٽ اُتي رهن ٿا، ۽ پنهنجي ٿيسز لاءِ مواد به گهربل اٿس، ان لاءِ هوءَ به مون سان گڏجي هلندي، اهڙي طرح اسان ٻئي جڏهن Acroflot ذريعي لينن گراڊ پهتاسين ته ڦلڻ صاحب بنفسِ نفيس

ايئرپورٽ تي موجود هو. هڪدم ٽئڪسي ڪري سندس فليٽ تي پهتاسين ته ماني اڳ ۾ ئي تيار ملي، ماني کائي ڦلڻ سان ڪچهري ڪرڻ ويٺاسين ته رات جا 2 ٿي ويا. خبر نه آهي ته اسان سنڌي ماڻهن کي ڪچهرين جو ايڏو شوق ڇو آهي، سنڌي مردن کي ته ڇڏيو پر زالئائون به جڏهن ڪچهري لاءِ ويهن ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇٽيون، پل پوءِ مڙدن کي ماني وقت تي نه ملي، هو روز دڙڪا جهليندين پر ڪچهري ڪونه ڇڏيندين.

صبح جو جڏهن ڦلڻ صاحب پنهنجي انسٽيٽيوٽ ويو ته اسان پنهنجي ڪم سان لڳي وياسين، صبح جو لائبريري ۾ ويهندا هئاسين ته رات ٿي ويندي هئي، وقت جو احساس ئي ڪونه ٿيندو هو. واپسي تي ماني کائي وري اچي ڪچهري تي ويهون ته پهرسوا گپ شپ ڪندي گذري وڃي، اهو سلسلو ٿي ڏيهن هليو، تان جو وڃي مون واري گائيڊ جو ڏنل ٽن سون ڪتابن وارو حدف پورو ٿيو، مواد سڻوءِ قيمتي گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس. جنهن بعد هڪ ڪرائي لينن گراڊ شهر گهمڻ جو پروگرام رٿيوسين.

لينن گراڊ "Lenin grad" جو اصلوڪو نالو پيٽرزبرگ "Peters burg" آهي، جڏهن ته ڪجهه ڪتابن ۾ "پيٽرز گراڊ" به ملي ٿو. لفظ گراڊ ۽ برگ جي معنيٰ آهي شهر، روس جي ڪيترن ئي شهرن جي پويان گراڊ يا برگ جو لفظ ضرور ڳنڍيل نظر ايندو مثال طور اسٽالن گراڊ وغيره.

هن خوبصورت شهر جو بنياد رکندڙ، روس جو عظيم حُڪمران، پيٽر اول يا "پيٽر دي گريٽ" هيو، جنهن شهر جي شروعات 1703ع ۾ ڪئي، جيئن ته هو پاڻ ترقي پسند ۽ جدت جو قائل هو ان لاءِ هُن شهر جي اڏاوت ۾ يورپي طرز تعمير کي اپنايو. اِهوئي سبب آهي جو لينن گراڊ جا محل ۽ عمارتون ڪافي دلڪش نظر اينديون.

اسانکي هِن شهر ۾ ڪافي وقت گذارڻو پيو ۽ اسان واري ميزبان به هڙئون وڙئون مهمان نوازيءَ ۾ وسان ڪين گهٽايو. گهڻو تڻو وقت لائبريريءَ ۾ صرف ٿيندو هو. جڏهن ته شام جو روز شهر گهمڻ معمول ۾ شامل هوندو هو. لينن گراڊ جي ريسٽورانن ۾ ڪاڏا اهڙا لذيذ جو ماسڪو ۾ به اهڙا کاڏا نه پيئي مليا. اُتي ئي هڪ لاڙڪاڻي جي نوجوان سان ملاقات ٿي، اُن نوجوان هڪ رات اسانجي ماني به ڪئي.

لينن گراڊ ۾ هڪ تاريخي قبرستان به آهي، جنهن ۾ ٻي عالمي جنگ دوران، پنهنجي وطن خاطر وڙهي جانيون ڏيندڙ محب وطن سپاهي ۽ جنگجو دفن آهن. ياد رهي ته جرمن فوجن هن شهر جو مسلسل ٽن سالن تائين گهيراءُ جاري رکيو هو، جنهن ڪري ڪيترائي شهر واسي بک، بيماري ۽ ٿڌ وگهي اجل جو شڪار ٿيا هئا. ان قبرستان ۾ غم ۽ ڏک واري موسيقي اڄ به وڄندي رهندي آهي ۽ ائين لڳندو آهي ته ڄڻ ڪوئي روئي رهيو آهي.

لينن گراڊ سڄو سارو ميوزمن جو شهر آهي ۽ قدم قدم تي تاريخي ورثو نظر ايندو. انهن تمام جاين ۾ جيڪا اهم ترين جاءِ هئي سا هئي،(The Hermitage) هن ميوزيم کي "The State Museum of history and art" به چون.

روسين جي دعويٰ آهي ته اِن ميوزيم ۾ موجود شيون ۽ نوادارات دُنيا جي ٻئي ڪنهن به خطي جي عجائب گهرن ۾ مَحال ملن، پوءِ اُها برٽش ميوزيم هجي يا فرانس جون آرٽ گئلريون. حقيقت به ائين آهي.

هرمٽيج "The Hermitage" ۾ نوادرات جمع ڪرڻ جو شوق روس جي هر حڪمران کي رهيو، مگر پيٽراعظم جي دوز ۽ ملڪه ڪيٿرين (1762-1796) جي دوُر ۾ ان جي باقائده شروعات ٿي. ملڪه ڪيٿرين پنهنجي سرديءَ واري محل "The Winter palace" ۾ جيڪو درياءَ جي بلڪل ڪناري تي آهي، دُنيا جي مختلف ملڪن مان، پنهنجن وزيرن ۽ سفيرن جي هٿان نوادارت گهرائي جمع ڪندي هئي، ايتري قدر جو هُن چڱي خاصيَ رقم ڏيئي، برطانيه جي هڪ حڪمران کان تاريخي ورثي جو هڪ وڏو حصو حاصل ڪري ورتو.جڏهن سندس محل ۾ انهن شين جي رکڻ جي جاءِ نه رهي ته هُن، ان محل سان لڳو لڳ هڪ ٻي عاليشان عمارت جوڙائي ۽ اُن جو نالو رکيو "Hermitage"۽ اُتي اُهي ذخيرا احتياط ۽ حفاظت سان رکيا ويا. ملڪه ڪيٿرين جي زماني ۾ (1774) جڏهن اُنهن نوادرات جو ڪيٽلاڪ جوڙيو ويو ته اُنهن جو تعداد 2080 هو، جيڪو اُن وقت جي لحاظ کان هڪ وڏو ذخيرو هو. روس جي زار اليگزينڊر (Alexander I(1801-1825 کي پڻ تاريخي ورثي جمع ڪرڻ جو بيحد شوق هو ۽ هُن فرانس جي ناميارِي بادشاهه ۽ سپهه سالارِ نيپولين بونا پارٽ کان به ڪجهه تاريخي اهميت واريون شيون هٿ ڪري هتيَ محفوظ ڪيون.

1852ع ۾ پهريون دفعو، عوام جي بيحد اسرار تي، هن تاريخي گهر

ڪي ميوزيم جو درجو ڏيئي عام نمائش لاءِ کوليو ويو. 1917ع واري انقلاب دوران بالشويڪن ڪي امير گهراڻن جا جيڪي به تاريخي ذخيرا هٿ لڳا، اُهي به هتي آڻي محفوظ ڪيا ويا. يورپي ملڪن جو چوڻ آهي ته ٻي عالمي جنگ دوران روسي، جرمنيءَ مان به تاريخي شيون هٿ ڪري آيا آهن.

"هرمتيج" جي عمارت، انتهائي وڏيءَ ڪيترن ئي حصن تي مشتمل آهي. ڪي ته سون جا زيور ۽ برتن به ڏٺاسين. جيڪي پيٽرعظيم I جي گهرواريءَ کي تحفي طور مليا هئا جيڪي تقريباً 2000 سال پراڻا هئا.

روس جي سرزمين تي سڀ کان پهريائين قدم رکندڙ "SLAV" نسل جون نوادرات پڻ هتي رکيون ويون آهن. حالانڪ انهن شين ۾ ڪا خاص ڪشش نه آهي، مگر، سندن تاريخي اهميت بحرحال روسي چڱي طرح سمجهن ٿا.

ان عجائب گهر ۾، قومي اهميت واريون شيون، زيور، تصويرون ۽ ٻيون تاريخي شيون الڳ الڳ حصن ۾ رکيون ويون آهن ۽ وڏيڪ اهو ته سوشلسٽ انقلاب سان وابسته شيون به هتي محفوظ ڪيون ويون آهن. 1812ع ۾ نيپولين جي حملي ۾ ڪم آيل فوجين ۽ جرنيلن جون تصويرون پڻ هتي رکيل آهن جن جو تعداد 332 کن ٿيندو. هرمتيج جو هڪ حصو مشرقي تهذيب ۽ تمدن لاءِ وقف هو. جنهن کي "ORIENT" جي نالي سان سڏيائون ٿي. ان حصي ۾ هڪ لک جي لڳ ڀڳ شيون رکيل هيون. سڀ کان وڌيڪ نندن وڏن ڪمرن ۾ مغربي يورپ جي آرٽ جا نادر نمونا رکيل آهن ۽ دنيا جي ناميارن مصورن جون تخليقون رکيل آهن. هن حصي ۾ مغربي يورپ جي سياحن جي هر وقت رش لڳل رهي ٿي. هو تصويرون ۽ نوادرات ڏسندا ۽ ٿڌا ساهه ڀريندا رهندا هئا. سندس پنهنجي ورثي سان محبت ڏسڻ وٽان هوندي هُئي، مُونا ليزا جي هميشه مسڪرائيندڙ تصوير جي خالق ليوناردو ونچي "Leonardo devinci" جون ٻيون تصويرون پڻ هتي نظر اينديون. ان کان علاوه پيٽر پال روبينس "Peter paul Robens" ريمبرانڊٽ "Rembrandt" ۽ ٻين شهره آفاق تخليقاتن جو تصويرون نظر اينديون.

بُت سازي ۽ مجسمه سازيءَ جا نمونا ڏسي به حيرت وٺيو وڃي، انسان پنهنجي هٿ سان ڇا ڇا نه تخليق ڪري سگهي ٿو. بس عقل دنگ

رهجيو وڃي، فقط ساهه وجهڻ جي طاقت بندي ۾ ناهي، باقي هن وسان گهٽايو ناهي، مون ويجهي کان جڏهن انهن مجسمن کي پنهنجي تصور ۾ جيئرو جاڳندو ڏٺو ته انهن جي خوبصورتيءَ جي سحر ۾ گم ٿي ويس، اتي پيٽر- I جو مجسمو به ڏٺم، سندن باقي جسم ٽنگن جي مقابلي ۾ ڪافي وڏو نظر ٿي آيو.

لينن گراڊ گهمي پورو ڪيوسين ته سوچيو سين هاڻي بالٽڪ جي ريپبلڪ لاتويا "Latvia" جو به سير ڪجي، اهو شهر ريل ذريعي ڪهٽو پري نه هيو، جڏهن اتي پهتاسين ته ايئر فورس اڪيڊمي ۾ هڪ سنڌي نوجوان سان به ملاقات ٿي، هتان جو شهر ريگا "Riga" صاف سٿرو، ماڻهو خوبصورت، نفيس، صاف، سُهڻا ۽ سنهڙا ۽ روسين کان ڪافي مختلف، جن کي پنهنجي ٻولي ۽ ڪا تهذيب تي ڪافي ناز هو، هو روسين کان بيزار نظر آيا.

’ريگا‘، جيڪو لاتويا (Republic of Latvia) جي گاديءَ جو هنڌ آهي، 1979ع جي آدمشماري مؤجب 8,35,000 نفوس تي مشتمل آهي. بالٽڪ سمنڊ جي ويجهو، گلف آف ريگا تي آباد هي ننڍڙو ساحلي شهر مون کي ڏاڍو چڱو لڳو. هونئن به مون کي مناسب آباديءَ وارا شهر وڌيڪ سٺا لڳندا آهن، ان ڪري ئي مون کي ماسڪو جهڙي آفت شهر جي مقابلي ۾ ڪراس نادار وڌيڪ موهيندو هو.

ريگا شهر جو بنياد هڪ پادري بشپ البرٽ آف لوونيا 1210ع ۾ رکيو هو، ان لاءِ هن شهر ۾ ڏاڍا خوبصورت گرجا گهر ملندا، 1561ع ۾ هن شهر تي پولينڊ قبضو ڪيو، 1621ع ۾ سويڊن جي قبضي هيٺ آيو ۽ 1710ع ۾ روسي تسلط هيٺ آيو.

1919ع ۾ جڏهن پهرين عالمي جنگ ختم ٿي ته (Republic of Latvia) کي هڪ آزاد ملڪ طور تسليم ڪيو ويو ۽ ريگا ان جو دارالحڪومت قرار ڏنو ويو، اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ ممڪن ٿي سگهيو جو پهرين عالمي جنگ کان پوءِ روس ۾ خانه جنگيءَ واري صورتحال هئي. 1917ع ۾ جڏهن نئين حڪومت آئي ته اُها انيڪ مسئلن سان دوچار هُئي ۽ ان کان ڪافي علائقا آزاد ڪرايا ويا، جن ۾ هي ملڪ به شامل هو، بعد ۾ جڏهن روس ۾ حالتون معمول تي آيون ته هي ملڪ پيهر روس ۾ شامل ڪيو ويو، روس سان هي ملڪ 1940ع ۾ پيهر ڳنڍيو.

سياري ۾ هن شهر ۾ سامونڊي پيڙن ۽ جهازن جي آمدرفت بند ٿي ويندي آهي ۽ اٽڪل 40 ڏينهن شديد برف باري ٿيندي آهي. هتي ڏسڻ جهڙين جاين ۾ گرجا گهر، ميونسپل هال ۽ ڪجهه اوپيرائون آهن. هن شهر ۾ سمنڊ جي ڪنارن ڪري غير مُلڪي جام اچن، خاص ڪري سويڊن ۽ فن لينڊ جا ماڻهو هتي ڪافي لڌل نظر ايندا.

هن ملڪ جا پنهنجي پاڙيسري رياستن لٿونيا ۽ استونيا سان قريبي ناتا آهن، انهن ٽنهي رياستن جا نظرياتي خيال هڪ ٻئي سان ملن ٿا ۽ اهي رياستون روس کان بيزار آهن، اتان جي ماڻهن جو خيال آهي ته استالن مٿن زبردستي قبضو ڪيو هو. هو استالن کان نفرت ڪن ۽ ڪٿي به سندس مجسمو نظر نه آيو، البته ڪٿي ڪٿي لينن جو مجسمو نظر آيو ٿي، واليا ٻڌايو ته هو لينن جي مجسمن جي توهين ڪندا رهندا آهن.

لاتويا ۾ عمارتي ڪاٺ جام آهي، ان کان علاوه ڪاغذ، ڪير مکڻ، مرغي ۽ آنا به جام ٿين، جيڪي روس موڪليا وڃن. هتي انجنيئرنگ جو سامان به تيار ٿئي، جيڪو روس ۾ پسند ڪيو وڃي ٿو.

لينن گراڊ ۽ ريگا ۾ اسان کي سويڊن، فن لينڊ ۽ ناروي جا ماڻهو تمام گهڻا نظر آيا، هيرميٽيج ته سڄو سارو غير ملڪين سان ڀريل نظر آيو. هتي ٽڪيٽ ڪا خاص ڪونه هئي، پر مون سوچيو ته اگر لنڊن واري 'مادام تسائو' جي ٽڪيٽ جي ڏهين پتي به هتي وٺن ته هُوند، شهر جي ميونسپالٽيءَ جو خرچ پاهران نڪري اچي.

# ڪوهه قاف ۾ ڪي ڏينهن

اسان جي هڪ روسي دوست سرگي (Sergei) (جيڪو ڪراس نادار جي مشهور عالم زرعي انسٽيٽيوٽ ۾ بطور ريسرچ اسسٽنٽ ڪم ڪري رهيو هيو) ڪي بي. ايچ. ڊي ڪرڻ لاءِ ڪوهه قاف جبلن جي وڻن تي پيدا ٿيندڙ ڦقوندي (Fungi) (سنهڙي ساول جيڪا وڻن ۽ ٻين ڪيترن جاندار يا غير جاندار شين تي پيدا ٿيو وڃي) تي ڪم مليو هيو. سندس مدد ۾ اسان جو گائيڊ به بطور شريڪ مددگار (Co - guide) هيو، ان ڪري هو اڪثر وپيشتر اسان جي ڊپارٽمينٽ پيو ايندو هيو. سندس گهر جيئن ته واليا ڪان گهٽو پري ڪونه هيو، ان ڪري هو سندس معرفت اسان واري گائيڊ ڏانهن لڪيل مواد پيو موڪليندو هيو، جڏهن موسم ڪجهه چڱي ٿي ته هن ڪي مٽيريل (Material) گڏ ڪرڻ لاءِ ڪوهه قاف وڃڻ لاءِ چيو ويو. ڪوهه قاف جون ڪهاڻيون ته ننڍپڻ کان پڙندا ايندا پئي آياسين، سو هينئر جڏهن هڪ دوست اوڏانهن وڃڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو ته منهنجي دل به سٽ ڏني ته جيڪر اهو علائقو ته ڏسي وٺجي، وري ته هيڏانهن اچڻ ڪونه ٿيندو. اهو خيال ڪري پنهنجي گائيڊ سان ڳالهايم ته هو به سوچڻ لڳو ته ڪهڙي سبب تحت هو يونيورسٽيءَ وارن کان مون کي اجازت وٺرائي ڏي. آخر ڪار معاملو ائين سٽيوٽيئن ته مان پنهنجي ڪم لاءِ اتان يعني ڪوهه قاف مان مٽيريل آڻيان ۽ پوءِ ان ساڳئي قسم جي ٻوٽن سان مشابهتي بنياد (Compara tile Anatomical Study) تي ڪم ڪري ڏسان ته پنهنجي ساڳن قسمن جي ٻوٽن تي مختلف موسمي اثرات ڪهڙيون تبديليون آنديون آهن. گائيڊ جي صلاح ۽ مشوري سان ٻه ٻوٽا منتخب ڪياسين (Alhagi maurorum) ۽ (Tribulas terristeris). مون پنهنجي مٽيريل کي چيڪ ڪيو ته ان ۾ ٻئي ٻوٽا هيا، باقي رڳو ڪوهه قاف مان آڻيان ته هت ڊپارٽمينٽ ۾ ويهي ان تي ڪم ڪجي. بس پوءِ ان بنياد تي هڪ سنو ڪيس (Case)

تاهي گائيڊ طرفان يونيورسٽيءَ جي اختياري وارن کي موڪليو ويو ۽ اتان به ان ڏينهن ئي اجازت ملي وئي. اسان جي پروگرام جي خبر جڏهن واليا کي پئي ته هوءَ به تيار ٿي وئي. بس پوءِ ته سون تي سهاڳو ٿيو، اتي جو اسان جبلن ۾ پرين لاءِ واجهايون، اسان سان گڏ پرين پاڻ پئي هلي.

ڪوهه قاف جبل تي اسان جي يونيورسٽيءَ کي هڪ چڱو خاصو زمين جو ٽڪرو حڪومت طرفان مليل هيو، جتي يونيورسٽيءَ پاران رکواليءَ خاطر هڪ ڪيئر ٽيڪر (Care - Taker) مس لدميلا باقائده ملازمه طور مقرر ٿيل هئي، ان کي به اسان جي پروگرام کان آگاهه ڪيو ويو هيو ۽ اسان ڏاڍي جوش ۽ شوق سان جبل جي سفر تي روانه ٿياسين.

صبح جو سويل يونيورسٽيءَ جي مين گيٽ تي ملڻ جو پروگرام رکيل هيو، سرگي ۽ واليا گڏجي ڪاٺ ۽ پيٺ جو سامان اڳ ۾ ئي خريد ڪيو هيو ۽ اهي سامان سميت ڪار تي آيا ته مان به اڳ ۾ ئي تيار ٿيو سندن انتظار ۾ ويٺو هيس. ڪار سندس چاچا جي هئي ۽ هو پاڻ ئي ڊرائيو به ڪري اسان کي وٺي هليو. 600 ڪلوميٽر ڪن جو سفر هيو ۽ منجهند جو اسان هڪ ننڍي شهر جي ٻاهران پهتاسين ته لنچ ڪرڻ خاطر ۽ ڪجهه آرام خاطر گاڏي بيهاريسين. اهو شهر ڪنهن زماني ۾ ترڪن جي زير ڪنٽرول رهيو هيو، جو شهر ٻاهران باغ ۾ هڪ ننڍو قبرستان به هيو ۽ ان جي مٿان مسلمانن جا نالا هيا. اسان ان باغ ۾ لنچ ڪري آرام ڪيو ته مان موقعي جو فائدو وٺي، ان ننڍڙي قبرستان ۾ وڃي فاتح پڙهي آيس ۽ مري ويلن لاءِ دعاءَ خير گهريم. منهنجي روسي دوستن اهو سڀ ڪجهه وڏي دلچسپيءَ سان ڏٺو.

شام ڌاري اسان ڪوهه قاف جي دامن ۾ پهتاسين ته ڪار ڇڏڻ جو فيصلو ٿيو جو اڳتي چاڙهي هئي ۽ اسان کي پنڌ ئي وڃڻو هيو، سڄو سامان ٽن حصن ۾ ورهائي ڪلهن تي ڪنيوسين ۽ لڳاسين ٻهاڙن جا پنڌ ڪرڻ. ڪافي چڙهاين کان پوءِ اسان جو هي ننڍڙو قافلو ٻهاڙن جي وچ ۾ هڪ وسيع ميدان تي پهتو ۽ اتي سامهون بورڊ لڳل نظر آيو ته هي علائقو "ڪوبان اسٽيٽ يونيورسٽي" لاءِ مخصوص آهي. ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پنهنجائپ جو احساس به ٿيو ته صحيح جاءِ تي پهتا آهيون. اتي ڪجهه ڪاٺ جا ٺهيل ننڍا گهرڙا (Huts) هيا ۽ هڪ پاسي ڪان پٿرن جي ٺهيل هڪ ننڍڙي جاءِ نظر آئي جتي

"لدميلا، ڪيئر ٽيڪر" ڪوبان اسٽيٽ يونيورسٽيءَ جي تختي لڳل هئي. سامان ٻاهر رکي ڪيئرٽيڪر سان ملڻ لاءِ وڌياسين تہ هڪ نهايت ٻڍي 70 سالہ خاتون در ڪوليو ۽ اندر اچڻ لاءِ چيائين. آفيس ۾ چند ڪرسيون، هڪ ننڍي ٽيبل، ڪجھہ ٿورا ٿانو وغيره، هڪ ننڍو ڪچن، هڪ بيڊ ۽ هڪ مضبوط ۽ طاقتور ڪتو نظر آيا. اسان ڪرسين تي ويهي مس لدميلا جو انتظار ڪرڻ لڳاسين تہ ڪراڙيءَ نهايت قرب سان حال احوال وٺڻ شروع ڪيو. جڏهن اسان کي خبر پئي تہ هوءَ ئي مس لدميلا ڪيئر ٽيڪر آهي تہ مون کان ۽ سرڳيءَ کان بي اختيار دانهن نڪري وئي، جڏهن تہ والیا نهايت سڪون جو ساهہ کنيو ۽ زير لب مسڪرائڻ تي اڪتفا ڪيائين. چند منٽن ۾ اسان ان صدمي کان نڪري آياسين.

اها پيرسن خاتون واهہ جو همت پري هئي، جيڪا ان عمر ۾ بہ اڪيلي سر، ايترو پري پهاڙن ۾ پنهنجا فرض نڀائي رهي هئي، اِن عورت ڪل ڪيڪار بعد اسان جو سامان ڪنڊ پاسي رکرائي بنان ڪير واري چانهہ تيار ڪري ورتي، جبل جهاڳڻ ڪري، ڪافي ٿڪجي پيا هئاسين، گرم گرم چانهہ پيتي سين تہ جان ۾ جان آئي. پوءِ ڪراڙيءَ اسان کي هڪ هَٽ ڏيکاريو، جيڪو اسان جي رهڻ لاءِ هُيو، ان ۾ بہ بيڊ رکيل هئا ۽ سندن اڳيون حصو ڪِچن لاءِ مخصوص هُيو، سرڳي ۽ مون پنهنجا بسترا سڌا ڪيا تہ والیا وري ڪچن جي ڪنڊ ۾ پنهنجو بسترو وڇايو، سامان وغيره سيٽ ڪري، اسان ٻاهر سير لاءِ نڪري آياسين تہ ڪراڙيءَ اسان کي ٻاهر ويندو ڏسي، تاڪيد ڪيو تہ پري ناهي وڃڻو جو هتان جي موسم پل ڪن ۾ تبديل ٿيو وڃي. هونئن بہ سج لهڻ وارو هيو ۽ ٿڌي هوا لڳي رهي هئي، اوندهہ ٿيڻ کان پوءِ جبل ۾ چا گهمبو يا ڏسبو. ڪراڙيءَ اهو بہ تاڪيد ڪيو تہ دروازو چڱي طرح بند ڪري پوءِ سمهون جو رات جو ڪوبہ جانور اندر اچي سگهي ٿو. اسان کي پنهنجا ڪمبل تہ ساڻ هيا، ان ڪري رات جو سيءُ ڪونہ لڳو، پر والیا کي ڪچن ۾ ننڍ نہ آئي جو اتي هوا جو گذر هيو ۽ هڪ ڪمبل ۾ ڪيس سيءُ محسوس پئي ٿيو.

اسان صبح جو هڪ ننڍڙي ميٽنگ ڪري ڪم ورهائي ڪنيوسين، والیا ماني پچائڻ جو ڪم ڪنيو تہ سرڳي ٿانو ڌوئڻ ۽ هٽ (Hut) ۾ صفائيءَ جو بار کنيو، مون کي وري ٻاهران وهندڙ هڪ چشمي مان پاڻي ڀرڻ ۽ جهنگ مان

پارڻ لاءِ ڪائيون ڪري اچڻ جو ڪم ڏنو ويو.

صبح جو تيار ٿي پنهنجي ڪم لاءِ نڪتاسين ته ڪراڙيءَ پنهنجو ڪتو ساڻ ڪري ڏنو ۽ چيائين ته اگر واپسي ۾ رستو ڀلجي ويندؤ ته هي اوهان کي گس ڏيکاريندو. اسان لنچ ساڻ ڪري نڪتاسين، سڄو ڏينهن گهمياسين ۽ مٽيريل (Collect) ڪيوسين، واپسيءَ جو وقت آيو ته سمجهه ۾ ئي نه اچي ته ڪهڙي پاسي ويٺو آهي، هر طرف وڻ، گل ۽ ٻوٽا، خوشبوءَ جون هُبڪارون چئني پاسن کان من کي معطر ڪري رهيون هيون، دل تي چيو ته بس اتي ئي مٽن کي وهاٽو ڏئي سمهي پئجي. آخر ڪتي کي اڳيان ڪيوسين ۽ لڳاسين سندس پُٺيان هلڻ، جڏهن گهر پهتاسين ته اونده ٿي چڪي هئي، ڪراڙيءَ کي پنهنجي انتظار ۾ ڏاڍو بيقرار ڏٺوسين، اهڙي طرح سان سانده ٽي ڏينهن جبل جهاڳيندا رهياسين ۽ قدرت جي اٿاهه نظارن کي ڏسي خالق جي تعريف ڪندا رهياسين.

اُتي گذاريل آخري رات، واليا مڃي تيار ڪرڻ لڳي، پوءِ ته بس هڪ برفاني رڇ اچي پهتو ۽ لڳو دروازي کي ٽڪر هڻڻ، اسان کي اچي ڏپ ورايو ته ڪٿي ڪاٺ جو دروازو ٽٽي نه پوي، مگر الله ڪرم ڪيو جو تيز هوا شروع ٿي ۽ رڇ شديد سرديءَ ۾ وڻي جهنگ مُنهن ڪيو ۽ اسان به صبح جو سويل ئي واپسيءَ لاءِ تيز ٿي پياسين. واپسي آسان ٿي جو بار گهٽ هو، مگر ايڏو ٿڪياسين جو مان سانده ٻارنهن ڪلاڪ سمهيو رهيس ۽ ايندڙ ٻن ڏينهن تائين يونيورسٽي وڃڻ تي ارواح ئي نه پئي ٿيو! ساڳيو حال واليا ۽ سرگيءَ جو به ٿيو.

# لنڊن ياترا

مارچ 1981ع واريون موڪلون ٿيون تہ هاسٽل ۾ رهيل شاگرد ٽولن جي صورت ۾ روس کان ٻاهر وڃڻ لڳا. هن ڀيري اسان بہ ڪنهن ڪان پٺتي ڪونہ هئاسين ۽ دوستن سان اڳواٽ ئي صلاح مشورا ڪري چڪا هئاسين. اسان واري هاسٽل نمبر 4 ۾ هڪ سينئر بنگالي دوست رهيل هو. سينئر ان ڪري جو هو بہ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ آيو هو ۽ ڪيس هتي ٻہ سال ڪن ٿي ويا هئا. انهن ٻن سالن ۾ هُو ڪڏهن بہ ٻاهر ڪونہ نڪتو هو. ان ۾ سندس غربت ۽ مصروفيت ڪار فرما هُئي. ان لاءِ ٻاهر نڪرڻ جي همت ئي نہ پئي ڪيائين. منهنجي تياري ڏسي پاڻ پَلي نہ سگهيو ۽ ساڻ هلڻ لاءِ چيائين. روس کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ چڱو خاصو پئسو گهربل هو. بس اوڏر سوڌر ڪري، يونيورسٽيءَ مان موڪل وٺي اچي ماسڪو پهتاسين. انهن ڏينهن ۾ انگليند وارا پنهنجي ايئرپورٽ (Air-port) ۽ سي پورٽ (Sea- port) تي ويزا ڏيئي ڇڏيندا هُئا. ان لاءِ ماسڪو ۾ ٻين ملڪن جا ويزا لڳرائڻ شروع ڪياسين. ماسڪو ۾ بہ هو. مون سان هڪ گڏ سنڌي دوست وٽ رهيو. ٻن ڏينهن اندر سڀ ڪم ٿي ويا ۽ وڃي ريل ۾ چڙهياسين. ان کان اڳ ۾ روم جي سفر دؤران ٽرين جي سفر جو اندازو ٿي ويو هو. ان ڪري مزي مزي سان آرام ڪندا، ڪائيندا پيئندا پولينڊ (Poland) جي گاديءَ واري هنڌ "وارسا" (Warsaw) وڃي پهتاسين. مون وٽ هڪ چمڙي جي وچٿري سائز جي بيگ هُئي، جنهن ۾ فقط هڪ جوڙو ۽ شيونگ جو سامان هيو. باقي بيگ خالي هئي، ماسڪو اسٽيشن پرسان تازيون موسميون پئي ڪٽيون، سو پوري پيٽي خريد ڪري، بيگ پري ڇڏي هُئم. جا ڪافي وزني ٿي پئي هئي. وارسا ۾ لهي سوچيوسين تہ سامان ڪٿي رکجي. سامان اسٽيسن جي لاءِ ڪرز ۾ (Lockers) ۾ رکائڻ وياسين تہ چارجز تمام گهڻا ٻڌايائون، پوءِ عمارت اندر بوڪنگ ڪلارڪ جي مهربانيءَ سان، سامان

هڪ ڪُنڊڙيءَ ۾ رکي وياسين شهر گهمڻ. ڪليل مارڪيٽ ۾، ڪجهه ڊالر تبديل ڪرائي، شهر جي هڪ چڱي هوٽل ۾ لنچ ڪري شهر ڪجهه پنڌ ته وري ڪجهه بس رستي گهمي ڦري، شام جو واپس اسٽيشن پهتاسين. هتي جون عورتون بي انتها حسين ۽ دلڪش، ائين پئي لڳو ته هڪ نئي وقت هزارين نيون نويليون ڪنواروڻ رستن تي نڪري آيون هجن. سهري وار ۽ نيري اکين واريون دوشيزائون هتي جام نظر آيون، يورپ ۾ خاص اهو نسل هاڻي گهٽ نظر ايندو.

وارسا اسٽيشن تي اسان کي گاڏي رات جو ملي، اسان سامان ڪٽي آرام سان اچي ان ۾ سمهي رهياسين، رات جي ماني اسان اسٽيشن جي ريسٽورينٽ ۾ کاڌي، ان دوران بڪنگ ڪلارڪ خاتون، اسان جي انتظار ۾ هُئي، مون وارو بنگالي دوست امين جڏهن وتس سيٽ ڪنفرم ڪرائڻ ويو ته بقول سندس سخت نشي ۾ هُئي ۽ وات مان شراب جي بوءِ پئي آيس. بهرحال اسان کي سئيون سيٽون وٺي ڏنيون هئائين ۽ جڏهن مون کيس ڪي موسميون ڏنيون ته وري وري مهرباني پئي مڃيائين. پولينڊ ۾ فروٽ ڪافي مهانگو ۽ ناياب آهي ان لاءِ ويچاري ڏاڍي خوشي پئي ٿي. ديوارِ برلن ٽپي، مغربي جرمنيءَ جي حد ۾ داخل ٿياسين ۽ اُتان سڌو بيلجيم آياسين، مغربي برلن ڪونه وياسين، جو واپسيءَ ۾ باقاعده گهمڻ جو پروگرام هيو. بيلجيم جي گاديءَ واري هنڌ "برسلز" (Brussels) ۾ اچي ٽرين مان لٿاسين. ان دوران موسميون ڪاٺي پوريون ڪيوسين جنهن ڪري بيگ به هلڪي ٿي چڪي هئي. اسٽيشن جي پرسان ئي هڪ يوٿ هاسٽل جو ڏس مليو. جتي اسان هڪ رات ۽ ٻه ڏينهن ٽڪياسين. هتي ماڻهن جي چهرن تي سڪون ۽ اطمينان بکيو پئي، نه ڪنهن کي ڪو فڪر ۽ نه ئي ڪنهن کي ڪا ڳڻتي. هرڪو خوشحال، دڪان سامان سان پريل، شام ٿيڻ سان، فٽ پاٿ تي هوٽل وارن جون ڪرسيون لڳي وڃن ۽ ماڻهو ويٺا، مختلف مشروبات سان دليون وندرائين، انهن ڏينهن ۾ اتي "On Golden pond" نالي هڪ انگريزي فلم لڳل هئي، اها به ڏٺيسين. رشتن ۽ محبت تي ٺاهيل اها فلم اڃان به مون کي ياد آهي. اتي هڪ پاڪستانيءَ سان به ملاقات ٿي، جيڪو پنهنجي گهر وٺي هليو، ساڻس خوب ڪچهري ٿي، ۽ گڏ فوٽو به ڪڍراياسين.

مغربي يورپ جي ٻين شهرن وانگر "برسلز" ۾ به "سيڪس فري سوسائٽي" (Sex free Society) جا نظارا عام جام هيا. باغ ۾ نوجوان جوڙا هڪ ٻئي جي نهايت قريب ويهي پيا ڪچهري ڪن ۽ اوڙي پاڙي کان بلڪل بي خبر ته ڪو هنن جا فوٽو پيو ڪڍي يا غور سان ڏسي. امين السلام جيئن ته مغربي يورپ ۾ پهريون ڀيرو نڪتو هيو، ان ڪري ڪافي جوش ۾ (Excited) هيو ۽ بار بار پئي اهڙن نظارن جا فوٽو ڪڍيائين. اسان جيڪو فلم "آن گولڊ پانڊ" ڏٺو، اها هڪ نهايت صاف سٿري ۽ گهريلو فلم هئي، جيڪا سان پاڪستان ۾ به بنا سنسر جي ڏسي سگهياسين پئي، ان ڪري امين چيو ته هڪ اهڙي فلم به ڏسجي جيڪا اسان وارن ملڪن ۾ ۽ روس ۾ ممڪن نه آهي. ان ڪري هڪ اهڙي سئنيما هال ۾ وياسين، جتي صبح سويل کان اڌ رات تائين فلم پئي هلايائون، جيڪا بلڪل اگهاڙن پوزن سان هئي ۽ ان جي ٽڪيٽ به نهايت معمولي هئي، فلم دوران به اداڪارائون اسٽيج تي پئي آيون ۽ ماڻهن جي دل وندرائڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪيائون. هال ڪافي حد تائين خالي هيو ۽ ڏسڻ وارن ۾ اڪثر ايشيائي ۽ آفريقي باشنده نظر آيا. ڪجهه ڪراڙا يورپي ماڻهو به نظر آيا. اسان کي ڪو خاص مزو نه آيو ۽ ڪافي ڪراهت محسوس ٿي ته انسان پئسن ڪمائڻ خاطر پاڻ کي ايترو خراب ۽ خوار ڇو ٿو ڪري؟ روزي ڪمائڻ جا ته هزارين ڏنڌا آهن، جن مان انسان سهٽي نموني ۽ عزت سان پنهنجو پيٽ گذر ڪري سگهي ٿو.

بيلجيم ۾ اسان جو قيام اچي پورو ٿيو. ٿوري گهٽي فوٽو گرافي به ڪئي سين. جنهن بعد ساموندي جهاز ذريعي بيلجيم کان انگلينڊ لاءِ روانا ٿياسين. سڄي ڏينهن جي ٿڪ سان اصل بدن ٽٽو پئي. مٿان وري جهاز لاءِ بندر تي به ڪلاڪ کن انتظار ڪيوسين. اصل مٿو ٿي رڪي ويو. مس مس جهاز آيو ته وڃي مٿس سوار ٿياسين. وهنجي سهنجي ڪپڙا بدلياسين. ماني کائي هال ۾ وڃي ميوزڪ ۽ ڊانس ڏٺيسين ۽ ٿورو آرام ڪيوسين ته ايتري ۾ انگلينڊ اچڻ جو اعلان ٿيو.

اسان جي جيئن ته ويزا لڳل ڪونه هئي، ان لاءِ قطار ۾ بيهڻو پيو ته جيئن وارو اچي. جڏهن وارو آيو ته امين کي ويزا ڏيڻ ۾ ڪافي دير ڪيائون، جو ڪين شڪ هيو ته متان واپس نه وڃي. البته مون کي ويزا ڏيڻ ۾ دير نه

ڪيائون، جو پويان پار پچا هئا ۽ چڱي خاص نوڪري به هئي، سو پانيائون ته اهو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ آسان نه آهي آتان نڪري ٻاهر آياسين ته معلوم ٿيو ته ٽرين تيار آهي، جيڪا لنڊن جي مرڪزي ريلوي اسٽيشن "وڪٽوريه" تي اسان کي پهچائيندي. اسان جيڪا ماسڪو مان ٽڪيٽ ورتي هئي، ان ۾ ماسڪو کان وٺي لنڊن وڪٽوريه اسٽيشن تائين جا پئسا ادا ڪيل هئا، جنهن ۾ سامونڊي جهاز جو ڪرايو به شامل هئو.

لنڊن جي "ڪوئين وڪٽوريا ريلوي اسٽيشن" شايد دنيا جي وڏي ۾ وڏي ريلوي اسٽيشن ٿيندي، بس ماڻهن جي رش ۽ گاڏيون ڏسي، ڪا گهڙي ته اسان وائڙا ٿي وياسين ته ايترا سارا ماڻهو آخر هڪ ئي وقت ڪيڏانهن پيا وڃن. هر رنگ ۽ نسل جا ماڻهو، عورتون ۽ مرد، ٻار ۽ پيرسن. امين ته اصل گهٻرائجي ويو ۽ چيائين ته يار هل ته هلئون. اسٽيشن کان ٻاهر نڪري ٽيڪسي ذريعي هڪ يوٿ هاسٽل تي آياسين، جو ان جو اڳ ۾ ئي ڏس مليل هو. اِها يوٿ هاسٽل هڪ مشينري ادارو هلائيندو هو، ان لاءِ حڪومت طرفان ٽيڪس وغيره معاف هُيس. اسان کان في ماڻهو ساڍا ٽي پائونڊ ورتائون. جنهن ۾ ناشتو ۽ ڊنر به شامل هو. ايڏا سَستا اگهه ٻڌي اسان ڏاڍا خوش ٿياسين. ڊبل بيڊ ڪمري ۾ اچي، گرم پاڻيءَ سان شاور ورتوسين، شيو وغيره ڪري اخبارون پڙهيوسيون ۽ باقي پروگرام ٺاهڻ لڳاسين. لنڊن جي باري ۾ پرسان ئي هڪ بوڪ شاپ تان معلومات ڪتابچو ۽ نقشو ملي ويو، جيئن ته ٽائيم ٿورو هو، ان لاءِ ڪوشش ڪئيسين ته ڏسڻ جهڙيون سڀ جايون ڏسي وٺئون.

لنڊن شهر جا پهريان نشان، پهرئين عيسوي صديءَ جي A.D 43 ۾ ملن ٿا، جڏهن رومي فوج هن شهر تي ڪاهه ڪري آئي هئي. انهن هتي هڪ قلعو ٺاهيو هيو، جيڪو هڪ ڍنڍ جي ڪناري تي هو. 17 سالن ڪانپوءِ انگريز گوريلا حملو ڪري آيا، ۽ شهر کي باهه ڏيئي ڇڏيائون ته جيئن رومي واپس هليا وڃن. مگر رومي فوجين پنهنجو قبضو برقرار رکيو ۽ اُتي ڪاٺ جي هڪ پُل به ٺاهيائون ۽ ڪجهه اڏاوتون به ڪيائون، جيڪي ڪاٺ ۽ گاري جون هيون.

1410ع ۾ روم وارن پنهنجي فوج کي انگلينڊ مان گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ لنڊن کي خالي ڪيو.

لنڊن، جلدئي واپاري مرڪز بنجي ويو ۽ ائين صدي عيسويءَ ۾ ته

ڪيس ”مارڪيٽ آف دي ورلڊ“ (Market of the world) جو خطاب پڻ مليو. 1042ع ۾ انگلينڊ جي بادشاهہ ڪنگ ايڊورڊ پنهنجي حڪومت جو مرڪز "West Minister" کي بڻايو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي ۽ دنيا ۾ پارلياميٽري جمهوريت جو بنياد پيو.

لنڊن جي شهرين، شهري ميونسپل جو مزو 1192ع کان ڏسڻ شروع ڪيو، جڏهن لنڊن ۾ پهريون دفعو ميئر لاءِ چونڊون ٿيون. 1176ع ۾ پٿر جي استعمال سان لنڊن برج جو ڪم شروع ٿيو. شهر جي آبادي تيزيءَ سان وڌڻ شروع ٿي ۽ وڃي 25,000 تي پهتي. انهن ڏينهن ۾ لنڊن جي ماڻهن ۾ چرچ وڃڻ جو شوق زورن تي هو، اُن دؤر ۾ تقريباً 100 کن چرچ موجود هئا. سن 1348ع ۾ لنڊن جي آبادي 50,000 کي وڃي پهتي. ان دؤران محسوس ڪيو ويو تہ اگر آبادي وڌڻ جي ساڳي رفتار رهي تہ شهري زندگي متاثر ٿيندي ۽ مسائل وڌندا، ان لاءِ نون گهرن جي اڏڻ تي پابندي عائد ڪئي ويئي. پر هن خوبصورت شهر ۾ آبادي ۽ واپاري جي وڌندڙ رفتار کي ڪوبہ روڪي نہ سگهيو. 1558ع ۾ ڪنگ هينري جي ڌيءَ ايلزبيٿ I جڏهن ملڪہ ٿي تہ لنڊن وارن ڏاڍيون خوشيون ملهائيون، هُن جي دؤر کي لنڊن جي تاريخ ۾ سونهري دؤر ڪري ليکيو ويندو آهي. سندس دؤر ۾ هن شهر واپار، تعليم ۽ فنونِ لطيفہ جي نقطئہ نگاهہ کان ڪافي ترقي ڪئي.

1665ع ۾ لنڊن شهر ۾ پليگ جي بيماري منهن ڪڍيو، جنهن وگهي هڪ لکن کن ماڻهو مري ويا. اُن بعد فقط هڪ سال جي وقفي سان لنڊن شهر کي انتهائي خطرناڪ باهہ لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ 1300 گهر سڙي خاڪ ٿي ويا، جنهن ۾ 87 چرچ بہ شامل هئا.

ان عظيم تباهيءَ کان پوءِ بہ لنڊن وارن همت نہ هاري، نہ رڳو نوان گهر ٺاهيائون، پر وڏيڪ اڏاوت بہ ڪيائون ۽ واپار لاءِ نوان ذريعا بہ پيدا ڪيائون، شهر ۾ ايتري تہ خوشحالي اچي ويئي جو 1814ع ۾ جڏهن روس جو بادشاهہ لنڊن ڏسڻ آيو تہ پڇيائين تہ ”اوهان جا غريب ڪٿي آهن؟“

انگريزن هر حادثي کان پوءِ لنڊن جي نئين سر تعمير ڪئي. ٻي عالمي جنگ شايد آخري موقعو هو، جڏهن هتي تباهي آئي ۽ ڪيترين ئي عمارتون سڙي رک ٿيون. جرمن فوج ايتري تہ بمباري ڪئي، جنهن جو مثال نٿو ملي،

ان دوران 29000 معصوم شهري ٻه مارجي ويا. جنگ جي خاتمي کانپوءِ، هن شهر جي تعمير وري نئين سر شروع ڪئي ويئي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري و ساري آهي.

اڄ جي لنڊن شهر ۾ هر ٻيو ماڻهو غير ملڪي نظر ايندو. اهو يا ته اتان جو شهري هوندو يا ته سياح، لنڊن شهر جا اصلوڪا ماڻهو شهر کان ٻاهر سرسبز علائقن ۾ ننڍيون ۽ خوبصورت جايون ٺهرائي آرام سان رهڻ پيا. باقي شهر ۾ وڃي بچيا آهن ڪم ڪارِ ڪندڙ انگريز، جن جو روزگار شهر سان واسطو رکي ٿو ۽ جيڪي ٻاهر نٿا رهي سگهن.

لنڊن جي هر گهٽي ۽ هر حصو تاريخي حيثيت رکي ٿو. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ شهر ۾ جڏهن مزدورن جي کوٽ محسوس ٿي ته سڀ کان پهرئين هتي سک آيا ۽ پوءِ ٻين ٻه اچڻ شروع ڪيو. هينئر پنج ڇهه لک پاڪستاني آباد آهن ۽ هندوستاني ماڻهن جو تعداد9-10 لکن تائين ٿيندو. لنڊن جو مشهور هيٿرو ايئرپورٽ ٻڻ سکن جو ٺهيل آهي.

لنڊن جي "west-End" ۾ پڪا ڊلي سرڪس اها جاءِ آهي، جنهن جي ننڍين ۽ سوڙهين گهٽين ۾ سوين هوٽلون، ڪلبون ۽ ريسٽورينٽ، بار روم، ڪافي هائوس ۽ دڪانون آهن. وچ ۾ اهم چوراهي تي"ايروز" جو مجسمو لڳل آهي، جنهن کي يوناني محبت جو ديوتا ڪاري مڃين. اُن جي چوڏاري هر وقت سوين سياح تصويرون ڪڍندي نظر ايندا.

"پڪاڊلي سرڪس" واري علائقہ ۾ هر وقت رش نظر ايندي. جنهن ڏينهن اسان صبح جو سويل اتي وياسين ته دوڪان اڃان کلن پيا. پر سياح ان مهل ٻه جام هيا. پرسان گهٽين ۾ شوقين ماڻهو اڳ ۾ ئي پهتل هيا ۽ حسين دوشيزائون کي درن جي ٻاهران نظر آيون ته ڪي فليٽن جي دريءَ مان جهاتيون پائيندي نظر آيون، ڪن سياحن ته ٻيئان ئي اشارا ڪري دل کي پٺي وندرايو ته ڪي جوان پاڻ کي جهلي نہ پئي سگهيا ۽ اندر وڃڻ لاءِ سانباهه ڪرڻ ۾ هيا.

لنڊن جون گهٽيون (Streets) ايتريون ته سهٽيون ۽ وٽندڙ ٿين ۽ انهن ۾ ايڏي ته خريدارن جي رش هجي جو حيرت ٿبندي هئي ته ايترا ماڻهو ڇا پيا وٺن، قديم زماني جون اهي گهٽيون کي ويڪريون ته ڪي سوڙهيون، پيادل

پيو ۽ نهو گهمي ۽ مزا وٺي. ڪيترا دفعا ٻه هٽ اچو ته ڪونه ٽڪبا يا ٻور ٽيندا.

هڪ شاعر ته لنڊن جي انهن گهٽين کي هيئن ڪري ڳايو آهي.

Let me take you by the hand and lead you
Through the Streets of london
I will show you some thing that
will make you change you mind.

پڪاڊلي واي علائقي جي هڪ ننڍڙي گهٽي 26- Dean Street جي مڪان نمبر 26 ۾ ڪارل مارڪس پنج سال رهيو. (56-1851) ۾ سوشلزم تي پنهنجي شهره آفاق ڪتاب "DAS KAPITAL" لکيائين.

پڪاڊلي گهمڻ بعد، ٽرافلگر اسڪوائر جي عظيم چوراهي تي آياسين. جنهن جي وچ ۾ ايڊمرل نيلسن جو 167 فوٽ ڊگهو ۽ 12 فوٽ ويڪرو مجسمو نصب ٿيل آهي، جنهن جي چوڌاري شينهن جا نهايت ئي وڏا مجسما لڳل آهن ۽ کُليل ميدان ۾ هزارين ڪبوتر بي خوف وخطر پيا ڪيڏن، اُڏامن ۽ ماڻهن جي ڪلهن ۽ ٻانهن تي ويهن. اُتي ئي پيا ٻه پُتلا نصب ٿيل هئا، جن ۾ سر چارلس نيپيئر جنهن سنڌ فتح ڪئي هُئي جو مجسمو به قابل ديد هو.

ٿيمس نديءَ جي ڪناري تي لنڊن جي قديم ترين پر نهايت ئي پُروقار عمارت ويسٽ منسٽر آهي. جنهن ۾ پارليامينٽ ڪم ڪري ٿي ۽ برطانوي هائوس آف ڪامنس(دارالعلوم) ۽ "House of lords" موجود آهي. هي دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن کي ڪوبه آئين نه آهي ۽ روايتن تي هلي رهيو آهي. اتي ئي ڪرامويل جو مجسمو به آهي. جنهن بادشاهت جي مخالفت ڪئي هئي. پوءِ 10 - ڊائوننگ اسٽريٽ آياسين. هي اسٽريٽ ٻاهران ڪافي سادي، پر اندران لاجواب، جهن بعد هائيڊ پارڪ پهتاسين ۽ ڍنڍ جي ڪناري تي ويهي پکين کي اَن ڪارائڻ جو نظارو ڏٺوسين. ڪجهه برگر کاڌاسين، ڪيترائي ماڻهو تقريرن ۾ محو ڏٺاسين. گهوڙن تي سپاهي پهرو ڏيئي رهيا هُئا، ٻاهر ننڍا ننڍا خوبصورت (Sovenier) ڪپجي رهيا هئا. هائيڊ پارڪ جي ويجهو بڪنگهم محل آهي.

لنڊن ۾ "مئڊم تسائو" جو موم جو ميوزيم ڏسڻ وٽان آهي. هي مجسما اُن خاتون جي فن جو اعليٰ نمونو پيش ڪن ٿا. اهي ايتري ته مهارت سان ٺهيل اُهن جو اصل جو گمان ٿيڻ لڳي. ٽڪيٽ ڪافي مهانگي هُئي، ان

ٻارڙن لاءِ سامان ۽ هڪ چمڙي جي ڳاڙهي بيگ.

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته لنڊن جهڙي شهر کي گهمڻ لاءِ ٻه ٽي هفتا به ٿورا آهن، جڏهن ته اسان ان کي ٽن چئن ڏينهن ۾ ڏسڻ پئي چاهيو. ڪوشش ڪري جيڪو ممڪن هيو. اهو ڏٺوسين ۽ رات جو به گهمي ڦري سگهياسي پئي، پر انهن ڏينهن ۾ لنڊن ۾ هڪ "نوڙهن انگريزن" جو گروپ ڏاڍو سرگرم هيو، جيڪي رات جو وارداتون ڪندا هيا ۽ انهن جو نشانو ٿيندا هيا ايشيائي باشندا هندوستان وارن سان ته وري به ڪجهه نرمي ڪندا هيا، البته پاڪستانين کي "پاڪي پاڪي" چئي ڏاڍو وڙهندا هيا. ان ڪري اسان کي دوستن صلاح ڏني ته ڪوشش ڪري رات جو دير تائين ٻاهر نه رهون. محسوس ته ڏاڍو پئي ٿيو ته لنڊن جون راتيون به ڏسون. ٻر جان ۽ عزت کان وڌيڪ ته اهي نه هيون.

اسان جي حالانڪه "ڊبل ڊيڪر بس" جي سيزن ٽڪيٽ ورتل هئي. ته به زمين دوز ريل جنهن کي لنڊن ۾ "ٽيوب"(Tube) ڪري سڏن ان تي چڙهڻ جو شوق به ٿيو ۽ هڪ ڏينهن آن تي به چڙهياسين. هي دنيا جي سڀ کان پهرين زمين دوز ريلوي لائين آهي ۽ ان ڪري ڏاڍي پراڻي ٿي وئي آهي. ماڻهن سان مڪمل پريل ۽ هل هلان ۾ هئي، روس وارن ۽ ٻين ملڪن به هتان کان اهو خيال چورايو آهي، پر ان ۾ هنن جديد ترين نظام رکيو آهي ۽ ڏاڍو خرچ ڪيو آهي. ٻي عالمگير جنگ ۾ انگريزن ان "ٽيوب" وارين اسٽيشن کي پناهه گاهه طور استعمال ڪيو ۽ اهي ايڏيون ته مضبوط ٺهيل آهن، جو انهن کي جرمن بمبارن به نقصان ڪونه ڏنو. سگريٽ نوشي جي منع ٿيل هئي، پر اسٽيشن تي صفائي پوري ساري هئي ۽ اسٽيشن جون عمارتون به جهونيون ٿي ويون آهن.

اسان واري يوٿ هوسٽل ۾ اسان سان گڏ هندوستان جا ٻه سينئر آفيسر به رهيل هئا. هڪ DIG پوليس هيو ته ٻيو محڪمه داخلا جو ايڊيشنل سيڪريٽري. ڊي آءِ جي سک هيو ۽ ڏاڍو کلڻو ڳالهائڻو. مان جڏهن پڇيومانس ته اوهان جهڙا سينئر آفيسر جو هٽ رهندا ته ويچارا شاگرد ڪيڏانهن ويندا. هو ٽن هفتن جي "ڪولمبو پلان" تحت ٽريننگ تي آيل هيا ۽ هٽ رهڻ جو سبب TA/DA بچائڻ هين. هو هتي برٽش حڪومت کي اطلاع ڪري پيا رهن ۽

ارادو هين تہ ڪافي پئسا بچندن، سندن چوائي تہ سندن گذر سفر انڊيا ۾ ڏاڍو ڏکيو پيو ٿئي ۽ هي چانس ڇو وڃائن!

اسان صبح سان سامان پيڪ ڪيو ۽ هوسٽل وارن جو حساب ڪتاب چڪتو ڪري"وڪٽوريہ ريلوي اسٽشن "تي آياسين. معلوم ٿيو تہ گاڏي وڃڻ ۾ اجان 2 ڪلاڪ کن آهن. سوچيوسين تہ اهي ٻہ ڪلاڪ ٻہ ان اسٽيشن جي سامهون بازار گهمڻ هلون. سامهون هڪ سينيما هئي ۽ ان جا پوسٽر وغيره ڏسڻ ڪانپوءِ اڳتي وڌياسين، تہ هڪ سنهي بازار هئي ۽ مار پيٽان هت تہ ڪم ٿي پيو لڳو پيو هيو. عورتن جا وڏا وڏا اگهاڙا پوسٽر لڳا پيا هئا ۽ ماٺهو عورتن جا فوٽو، رسالا، فلمون ۽ ڪئسٽون پيا خريد ڪن. وقت ٿورو هيو ۽ هت بيهون ها تہ ريل هلي وڃي ها. تڪڙا تڪڙا واپس ٿياسين ۽ اچي گاڏي ۾ ساه پٽيوسين. ساڳيو روٽ وٺي سامونڊي ٻيڙي (Ship) ذريعي بيلجيم آياسين ۽ اتي ٻنان رڪڻ جي ٽرين ذريعي مغربي برلن (West Berlin- Capital of west Germany) آياسين. هڪ پنجابي دوست جو ڏس پتو مليل هيو، پر جرمني زبان کان ناواقفيتي ڪري ڪافي ڳولها ۾ تڪليف پئي ٿي. آخر هڪ جنرل اسٽور تان ايڊريس پئي پڇا ڪئي سين تہ ان جي هڪ جرمن گراهڪ چيو تہ" هلو تہ اوهان کي ڏگ لايان" سڌو اچي پاڙي ۾ ڇڏيائين. حيرانگي ٿي تہ هن ٻنا معلوم ڪرڻ جي ڪيئن درست جاءِ تي ڇڏيو؟ ڪلي چيائين تہ هن پاڙي ۾ سڀ ايشيائي ٿا رهن، اوهان وارو دوست بہ ضرور هت هوندو. ائين ان وٽ وڃي پهتاسين ۽ اتي هڪ ڏينهن رهياسين. هن وٽ مزودر ڪسان پارٽيءَ جو افضل بنگش بہ رهيل هو، جنهن سان رات جو خوب ڪچهري ٿي. سندس پُٽ ڪامل بنگش جيڪو اسان واري شهر ڪراس نادار ۾ رهيل هو، جنهن ڪري بہ هُن لاءِ اسان جي مؤجودگي دلچسپيءَ کان خالي نہ هُئي. اسان سڄي ڏينهن جا ٿڪل سو ننڊ جا ڪيپ پئي چڙهيا مگر هن موصوف ڇڏيو ئي نہ پئي. پُٽ لاءِ ڏاڍي سِڪ هيس. ويچارو وطن بدر هو، جنرل ضياء جي فوجي حڪومت ناراض هيس. وڏي عمر جو، ڪاڏي وڃي. انسان بہ ويچارو ڪيڏو نہ مجبور ٿو ٿئي!!

مغربي برلن ۾ اليڪٽرانڪ جو سامان ڏاڍو سستو ٿي مليو ۽ اسان بہ ٽيپ رڪارڊ جين جون پتلونون، قميصون ۽ هڪ اڌ ننڍي شيءِ وٺي اچي ٽرين

پيڙا ٿيا سين. کهر کان نڪتاسين ته "مرسڊيز ٽيڪسي" ملي. گاڏي هلڻ ۾ ٽائيم ٿورو هيو. ڊرائيور کي ٿورو اسپيڊ وڌائڻ لاءِ چيو سين ته چيائين، اهو ممڪن نه آهي جو هر پول (Polc) ۾ ٽريفڪ پوليس طرفان ڪئميرائون لڳل آهن ۽ هو ويٺا هيڊ ڪوارٽر تي اسان جي اسپيڊ چيڪ ڪن.

بس پهچندا پهچندا اچي پليٽ فارم تي پهتاسين. معلوم ٿيو ته ٽرين هلڻ ۾ ڪافي ٽائيم آهي ۽ اسان جو اچان ته ڪسٽم ۽ اميگريشن سان واسطو پوندو. منٽن ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿي ويو. اسان پنهي وٽ ٽيپ رڪارڊ هيا، انهن جا بل گهريائون، جيڪي ڊيڪارڻ تي اسانکي 45-45 مارڪ روڪ "ايڪسپورٽ بيورو" طرفان ڏنائون، اوچتو اوچتو ايترا سارا پئسا واپس ڪيائون ته ڏاڍا خوش ٿياسون ۽ جرمني زنده آباد جا نعرا هڻندا وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺاسون.

جڏهن سوويت يونين جي حد ۾ گاڏي آئي ته وري ڪسٽم وارا ۽ اميگريشن وارا ورائي ويا. امين وٽ هڪ جين جي پتلون وڌيڪ نڪتي، جيڪا هٿن ضبط ڪئي ۽ پوءِ اچي ماسڪو پهتاسين، جتان هوائي جهاز ذريعي ڪراس نادار پهتاسين.

# يالٽا ۾ آرام

جولاءِ 1982ع ۾ مون پنهنجي ٿيسز (Thesis) لکي پنهنجي گائيڊ کي پيش ڪئي. ياد رهي ته گائيڊ مون کان اُن ٿيسز جو هر هڪ باب ويهه ويهه ڀيرا، وري وري ڪري لکرايو هيو ۽ معمولي قسم جي غلطي به درگذر نه پئي ڪيائين. اوهان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته وري وري لکڻ جي ڪري ۽ ٽائيپ ڪرائڻ جي ڪري هڪ ماڻهوءَ جو ڪيڏو نه برو حال ٿيندو هوندو. بس حضرت ايوب وارو صبر درڪار ٿئي ٿو. ڪنهن به روسي ماڻهوءَ سان ڪم ڪرڻ ۾.

بهرحال مُسلسل ساڍا ٽي سال ڪم ڪيو هيم ۽ هي آخري ڇهه مهينا ته ڪُرسيءَ تان اُٿيو به ڪونه هوس، سواءِ ماني کائڻ جي، وزن به ڪافي گهٽجي ويو هو، چهري مان ڪمزوري به لڳي پئي. منهنجي پروفيسر اهو سمورو لکاءُ ويٺي ڏٺو. خُدا خُدا ڪري جڏهن ٿيسز پوري ٿي ۽ پسند ڪيائين ته مون شڪرانا بجا آندا، تڏهن مونکي پاڻ صلاح ڏنائين ته مڪمل آرام خاطر، ڪنهن ٻئي شهر هليو وڃان. هن سال پاڪستان گهمڻ جو خيال دل ۾ ئي بنهه ڪونه هيو، هاسٽل به بلڪل خالي ٿي چڪي هئي ۽ رات جو اڪيلائي ڏنگڻ پئي آئي، ان لاءِ سندس صلاح ڏاڍي وڻي، ۽ يالٽا (YALTA) وڃڻ جو فيصلو ڪيو. يالٽا گرمين ۾ ماڻهن سان ڀرجيو وڃي ۽ رهڻ لاءِ هوٽلن ۾ جاءِ ملڻ مشڪل ٿيو پوي. منهنجي گائيڊ ان پروگرام جو ذڪر ڊين سان ڪيو.جنهن يالٽا جي سڀ کان خوبصورت ريسٽ هائوس ۾ منهنجي لاءِ ڪمرو بوڪ ڪرائي ڇڏيو. يونيورسٽي وارن اچڻ وڃڻ جي ٽڪيٽ مفت ۾ ڪرائي ڏني ۽ يالٽا ۾ رهائش به يونيورسٽي وارن پنهنجي خرچ تي ڪئي، اهڙي طرح مان 21 جولاءِ ته صُبح جو يالٽا پهتس ۽ پورا ٽي هفتا اُتي رهيس.

سوويت يونين جي جمهوريه "يوڪرين" ۾ ڪريميا سڀ کان

خوبصورت علائقو آهي. جنهن کي روسي شاعرن ڳايو به آيو، هڪ مشهور عوامي شاعر جي ڪوشش کي روسيءَ مان ترجمو ڪري پيش ڪجي ٿو.

If you like sea and mountains,
if you love sun and fresh air,
if you want to go on a fascinating trip,
come to the Crimea.
Here you will find gentle seas and good beaches, mountain
lakes and water falls,
the remains of ancient Byzantine and Genoese for tresses.
An encouter with the Crimea is bound to affect you,
at what ever time of year your first meeting occurs,
the lushy blooming spring, the Sunny Summer,
the mild pensive autumn,
and the short winter, brief as a june night,
are each in their own way full of charm.
To some the Crimean land revelas its loveliness,
by leisarely degrees, but it sticks in their heart,
for may years there after, if not for ever.

اُن علائقي ۾ ئي "يالٽا" شهر آهي، جنهن کي وڌائي ڪري"عظيم تريالٽا" ڪري سڏيو ٿو وڃي. ڪاري سمونڊ (Black Sea) جي ڪناري تي جوڙيل ان ترقياتي اسڪيم ۾ ننڍا وڏا هوٽل، ريسٽ هائوس، سينٽوريم، محل، شاپنگ سينٽر، روڊ رستا ۽ بس اسٽينڊ قائم ڪيا ويا آهن.

"عظيم تر يالٽا اسڪيم "Greater Yalta Scheme" تحت 70 ڪلوميٽرن جي بيچ (Beach) تي ننڍيون وڏيون اسڪيمون ڊولپ ڪيون ويون آهن ۽ اُهي سيئي ڪاري سمنڊ جي بلڪل ڪناري تي آهن ۽ ماٿهن جي پهچ ۾ آهن. اُنهن جا نالا آهن: گرزوف (Gurzuf) مساندرا (Massandara) لواديا (Livadia) گاسپرا (Gaspra)ڪوريز (koreiz)، مسخور(Mishkhor)، سيميز (Simiz) ۽ فاروس (Foros) . انهن کان علاوه اُتي به ٻيون ننڍيون جايون ۽ اسپاٽ آهن. جن کي به ترقي ڏيئي هر قسم جي سهولت مهيا ڪئي ويئي آهي. (انهن جا نالا ياد ڪونه پيا اچن) هي علائقو قديم زماني کان وٺي پنهنجي حُسن ۽ سٺي موسم جي ڪري مشهور آهي. زار به هتي اچي. "لواديا" واري هنڌ تي اونهاري جون

موڪلون گذاريندو هو ۽ سندس دور ۾ ٺهرايل لواديا محل (Livadia Palace) ۾ ٻيون جايون، اڄ به پنهنجي حُسن ۽ دلڪشيءَ جي ڪري مشهور آهن ۽ ڏسڻ وٽان آهن. اُن زماني ۾ شاهي خاندان جا فرد، وزير، فوجي آفيسر، سول آفيسر، زميندار، جاگيردار ۽ امير هن علائقي ۾ اچي رهندا هئا. جيئن ته هتان جون جايون ۽ هوٽل ٿوري تعداد ۾ هئڻ ڪري بي انتها مهانگا هُئا، ان ڪري غريب غربو ته هتي اچي رهڻ جو تصور به ڪري نه سگهندو هو. 1917ع جي انقلاب ڪانپوءِ لينن هڪ حڪم نامو جاري ڪري 'ڪريميا' جي سموري علائقي کي مزدورن لاءِ کولي ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ سوشلسٽ حڪومت سهولتون وڌايون ۽ عام ڪيون، نتيجي ۾ ڪارخانن جا مزدور به هتي اچڻ لڳا. جنهن ڪانپوءِ استالن هارين لاءِ به هي علائقو عام ڪري ڇڏيو ۽ هُو به موڪلون هتي گذارڻ لاءِ اچڻ لڳا.

1917ع ڪانپوءِ 'يالٽا' جو سمورو علائقو عام ماڻهن لاءِ کوليو ويو ۽ سستو پڻ بنايو ويو. سواءِ "لواديا" جي، جتي روسي حڪومت ۽ پارٽيءَ جا اعليٰ ترين ۽ اهم عهديدار ايندا هُئا. استالن، خروشيف ۽ برزنيف کي به اهائي جاءِ پسند آئي ۽ سندن لاءِ 'زار' جي زماني ۾ ٺهيل هڪ عمارت پسند ڪئي ويئي، جنهن ۾ هو قيام پذير ٿيندا هُئا. يالٽا جون سموريون جايون سمنڊ جي ڪناري تي هئڻ جي باوجود سطح سمنڊ کان ڪافي مٿي هيون ۽ 'لواديا' وري اُنهن سڀني کان ڪافي مٿي. 'لواديا' ۾ ٺهيل، 'لواديا پيليس' ۾ ٿي 'يالٽا ڪانفرنس' ٿي هُئي، 4 کان 11 فيبروري 1945ع ۾ منعقد ٿيل ان ڪانفرنس ۾ روس جو جوزف استالن، برطانوي وزيراعظم سرونسٽن چرچل ۽ امريڪي صدر روزويلٽ حصو ورتو هو. اُن ميٽنگ جو ڏيک ڏيندڙ هڪ خوبصورت پينٽنگ ٿاهي، اُن هال ۾ رکي ويئي آهي ۽ اُها گول ٽيبل به جيئن جو تيئن رکي ويئي آهي، جنهن کي ميٽنگ دؤران استعمال ۾ آندو ويو هو. ان اهم ميٽنگ ۾ يورپ کي ورهايو ويو ۽ اقوام متحده جي قيام جو اصولي فيصلو ڪيو ويو هو.

جيئن ته مان اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان ته يونيورسٽي جي ڊين، منهنجي اچڻ کان اڳ ۾ ئي، منهنجي لاءِ ڪمرو بُوڪ ڪرائي ڇڏيو هو. سو مان ڪراس نادار کان ريل ذريعي 'سمفروپول' (Simfro Pol) پهتس، جيڪو ڪريميا جو سڀ کان وڏو شهر آهي ۽ اُتان ڪوچ ذريعي يالٽا آيس، ته خبر

پڻ به منهنجو ڪمرو 'لواديا' ۾ ريزرو ٿيل آهي. اتي آرام لاءِ آيل اعلي پارٽي عهديدارن ۽ آفيسرن کي ڏسي مونکي پنهنجي وڏي ماڻهو هجڻ جو احساس ٿيو. اتي نهايت اعليٰ قسم جو بندوبست ٿيل هو. اُتان جي ريسٽ هائوس ۾ هڪ ئي وقت 100 ماڻهو وڏي آرام سان رهي سگهيا ٿي. مون کي هائوس نمبر 10 جو روم نمبر 27 مليو ۽ مون سان گڏ پهرئين هفتي ۾ هڪ نيپالي شخص نالي انيل ڪمار رهڻ لڳو. اُن جي وڃڻ بعد فقط هڪ هفتي لاءِ هڪ روسي آيو، جيڪو هڪ فرم ۾ (M.D) هو ۽ پارٽيءَ جو اعليٰ عهديدار. لڳاتار ٽن هفتن لاءِ تمام ٿورا ماڻهو آيل هُئا. مان اچڻ شرط، پروگرام موجب ريسٽ هائوس جي ڊاڪٽر سان مليس، جنهن تمام ميڊيڪل رپورٽن ڪانپوءِ مونکي بلڪل ۽ مڪمل صحتمند قرار ڏنو، سواءِ ڪُجهه ڪمزوريءَ جي، ان لاءِ به هُن دوا جي بجاءِ سمنڊ جي ڪناري، باغ ۾ ويهڻ ۽ گهمڻ جو مشورو ڏنو ۽ بس. اسان کي روز صبح جو 30-7 کان وٺي 30-8 تائين ڊائننگ هال ۾ ناشتو ملندو هو، ڏيڍ کان وٺي اڍائي تائين لنچ ۽ رات جو 8 کان 9 تائين ڊنر. مان ته ناشتو ڪري شروعاتي ڏينهن سمنڊ طرف هليو ويندو هوس، بس هڪ وڳي تائين وهنجڻ ۽ اُس ۾ آرام ڪرڻ ۾ رڌل رهندو هوس، واپسي مهل ڪڏهن ڏاڪڻيون چڙهي مٿي ايندا هئاسين ته ڪڏهن لفٽ ذريعي. سمنڊ جي ڪناري تي اهي لفٽون ڏاڍي آرام واريون هيون ۽ خاص ڪري دل جا مريض ۽ ڪراڙا اُن کي استعمال ڪندا هئا جو ڪين ڏاڪڻين تي چڙهڻ جي منع ٿيل هوندي هئي، ڪجهه ڏينهن آرام ڪرڻ بعد بدن ۾ توانائي اچي ويئي، کاڌو به انتهائي اعليٰ درجي جو ملندو هو، جيڪو ذائقي ۾ به سٺو هيو ۽ منجهند جو خاص طرح سمنڊ کان موٽڻ ڪانپوءِ بک به ڏاڍي لڳندي هئي. ڪجهه ڏينهن ۾ ئي پاڻ کي هرطرح سان توانو ۽ خوش محسوس ڪيم ته سوچيم چو نه 'ڪريميا' جو پيو علائقو گهمجي، ساٿي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڪو گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿئي مگر ڪوبه ان لاءِ تيار نه ٿيو، جو هر ڪنهن کي ٽائيم ٿورو هو ۽ هنن پنهنجو وقت اجاين سجاين جاين کي ڏسڻ ۾ وڃائڻ نه پئي چاهيو، بس ائين هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري سان گهمندي گهمندي پنهنجي علائقي کان دُور نڪري آيم ۽ 'يالٽا' جي 'سينٽرل بس اسٽينڊ' وٽ اچي پُهتس جتي هرطرف وڃڻ لاءِ بسون تيار بيٺيون هيون، پوءِ ته نقشا وٺي سوچيم ته

کهڙي پاسي گهمڻ لاءِ نڪرجي. اُتي منهنجي ملاقات هڪ يونيورسٽيءَ جي خاتون ٽيچر سان ٿي. جيڪا پڻ مون وانگر مسلسل سمنڊ ڪناري رهي رهي بيزار ٿي پئي هئي. هن جو نالو ته مونکي ياد نه آهي، پر سندس تعلق جمهوريه ’مالديويا‘ جي شهر ڪشينيوف سان هو. هن منهنجي گهمڻ جو پروگرام ٻُڌو ته هڪدم تيار ٿي ويئي، پر جيئن ته هو لواديا کان ٿورو پري ترسيل هئي ان لاءِ سمنڊ ڪناري ملڻ جو پروگرام رٿيوسين.

سڀ کان پهرئين اسان ”بخشي سراءِ“ (Bakhchi Sarai) نالي شهر ڏسڻ وياسين، جيڪو ڪافي پري هيو، اُتي وڃڻ لاءِ اسان پهريائين ڪوچ ذريعي ”سمرفول“ وياسين ءِ اُتان وري ٻي ڪوچ ذريعي بخشي سراءِ پهتاسين. هي شهر ڪنهن ترڪ سردار آباد ڪيو هو، اُتي ان سردار کي ءِ بعد ۾ ايندڙ سيني سردارن کي ڪتابن ۾ فقط ”خان“ ڪري لکيو ويو آهي. هي هڪ انتهائي خوبصورت علائقو آهي، هتي مؤجود خان جي محل کي ميوزيم ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، باقي مسجدن، باغن، قبرستانن ءِ ٻين جاين کي ساڳي حالت ۾ رکيو ويو آهي. سيني عمارتن کي روسي حڪومت تمام گهڻو پيسو خرچ ڪري خوبصورت ءِ محفوظ رکيو آهي. هتي هر سال اٽڪل پنج لک سياح اچن، اسان به وياسين ته علائقو سياحن سان ڀريو پيو هو. قبرون به نيڪ ٺاڪ حالتن ۾ هيون ءِ اُنهن جي مٿان لڳل ڪتبا به بلڪل صحيح سلامت هُيا، ترڪ مسلمانن جون قبرون به جام هيون ءِ اتي مون وڃي فاتح به پڙهي.

بخشي سراءِ کان چارپنج ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، غارن جو شهر ”چُفٽ ڪيل“ (Chufut-kale) هيو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ آباد هئو، هي شهر زمين جي اندر هو ءِ سياحن جي ڪشش جو مرڪز، خبر نه آهي ته اُتي ماڻهو ڪيئن رهندا هئا!

يالٽا کان اٽڪل 16 ڪلوميٽر پري ”آلو پڪا“ (Alupka) نالي هڪ ننڍڙو شهر هيو، جيڪو پڻ ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي آباد هئو،ان ۾ موجود محل جي ڏاڍي شهرت ٻُڌيسين. هڪ ڏينهن اهو به گهمڻ لاءِ وياسين. اُهو محل اتان جي گورنر ميخائل وارنتوف جي حڪم سان 1848ع ۾ ٺهي راس ٿيو هو. اُن جو آرڪيٽيڪ هڪ انگريز هو، ان محل کي هينئر ميوزيم ڪري رکيو ويو آهي. ”يالٽا ڪانفرنس“ دؤران، برطانوي وفد جي سربراه سرونسٽن

چرچل ۽ ٻين ميمبرن کي بہ هتي ٺي رهايو ويو هو، جنهن جو مقصد اهو هو تہ هنن کي انگلش اسٽائيل واري محل ۾ رهڻ دوران پنهنجائپ جو احساس ٿئي، روسين "يالٽا ڪانفرنس" ۾ آيل مهمانن جي رهڻ ڪرڻ جو نهايت اعليٰ انتظام ڪيو هو ۽ اهو فائدو کين ڪانفرنس جي فيصلن دوران مليو.

يالٽا کان اٽڪل 8 ڪلوميٽر پري، سمنڊ جي ڪناري تي سوويت يونين جو سڀ کان مشهور ۽ منفرد گارڊن (Nikitsky Bofanical Garden) "نڪيتسڪي باٽينڪل گارڊن" آهي، جنهن ۾ روڊ ذريعي ۽ لانچ يا ٻيڙي ذريعي بہ وڃي سگهجي ٿو. مان باٽنيءَ جو شاگرد، اُن باغ کي ڏسڻ ڪانسواءِ ڪيئن ٿي واپس وڃي سگهيس! چو تہ ڊپارٽمنٽ جا سڀ ماڻهو،مونکان سڀ کان پهرئين ان باغ جي باري ۾ ئي سوال ڪندا.

هن باغ ۾ اٽڪل 11000 مختلف پوٽا رڪارڊ ٿيل آهن، جن جو ڪُل تعداد تہ لکن ۾ آهي. هتي دنيا جو هر هڪ ۽ هر موسم ۾ پيدا ٿيندڙ پوٽو آندو ويو آهي، جن کي نهايت گهڻي توجهہ ۽ حفاظت سان چُنڊي موسمن جي مناسبت سان رکيو ويو آهي. يعني تہ گرمي برداشت نہ ڪندڙ پوٽن کي اُن کان بچايو ويو آهي ۽ سردي برداشت نہ ڪندڙ پوٽن کي پڻ سرديءَ کان بچايو ويو آهي. ڪُجهہ ناياب پوٽا، جن جو ذڪر هاڻي فقط وڃي ڪتابن ۾ رهيو آهي، تن کي بہ زندهہ ڏسي حيراني ٿي، جيئن تہ جنڪو "Ginkgo biloba" ۽ ريڊوڊ "Metase-quoia" گلاب جا ٻہ سؤ (200) کان بہ وڌيڪ قسم هتي مؤجود آهن.

نڪيتا جي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ هن باغ جو بنياد رکيو ويو، جنهن بعد هي آهستي آهستي ترقي ڪندو رهيو، 1917ع جي انقلاب کانپوءِ هن کي سرڪاري ملڪيت قرار ڏيئي، سائنسي بنيادن تي واڌيو ويو. چون ٿا تہ سائنسدانن پنهنجي سامهون برطانيہ جو مشهور باغ (Royal Botanical garden Kew) رکيو هو ۽ اُن جي بنيادن تي هن باغ کي وڌايو ويجهايو ويو. جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم تہ هتان جي باشندن کي "يالٽا" ۾ آرام ڪرڻ لاءِ هفتي کان وڌيڪ وقت ڪونہ ڏيندا هيا، جو هزارين خواهشمند سالن کان انتظار ڪندا هيا تہ کين بہ ڪڏهن يالٽا ۾ آرام ڪرڻ جو موقعو ملندو. اُن ڪري هو سمنڊ جي ڪناري تي صبح کان منجهند تائين ۽ لنچ کانپوءِ وري سج لهڻ تائين پيا پنهنجو

جسم اُس ۾ ساڙيندا ۽ وڏي شوق سان هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا تہ هو ڪيترو نہ وقت اُس ۾ سڙندا رهيا آهن. مان شروع وارو هفتو تہ منجهند تائين سمنڊ جي نمڪين پاڻيءَ ۾ روزانو وهجنهندو رهيس. ۽ ڪجهہ ڪجهہ اُس بہ کاڌم. پر لنچ کانپوءِ وري سمنڊ تي ڪڏهن بہ نہ آيم. رات جو ڊنر کانپوءِ ڊانسنگ هال ۾ وجبو هيو يا تہ وري اوپن ايئر هال (Open Air Hall) ۾ فلم ڏسبي هئي.

هڪ دفعي جو واقعو ائين ٿيو جو ڊانس ڪندي اتفاق سان منهنجي پارٽنر هڪ T.V اداڪاره ٿي، جيڪا پڻ اتي آرام ڪرڻ لاءِ آئي هئي. سندس ڪمري ۾ T.V جي هڪ سينيئر پروڊيوسر پڻ ساڻ هئي.ڊانس دوران اسان جو تعارف ٿيو تہ ٻئي ڏينهن هن ٻئي ڪنهن سان ڊانس ڪرڻ بدران منهنجو انتظار ڪيو ۽ اسان وري هال کان ٻاهر اچي بينچ تي ڪچهري ڪئي.هوءَ هڪ چڱي فنڪاره هئي ۽ ڪيس ٻاهر ڪنهن ملڪ ۾ پنهنجي فن پيش ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هيو، پر سندس نالو آخر ۾ هميشه ڪنهن نہ ڪنهن سبب ڪري ڪٽيو ويندو رهيو هو، ان ڪري ڪجهہ ڏکي هئي. هن جو هڪ غير ملڪيءَ کي ڏنو (مونکي) تہ ٻنان ڊپ جي پنهنجو ڏکڙو ٻڌائڻ ويٺي. اسان وري ڳالهائيندي ڳالهائيندي ريسٽ هائوس جي هڪ پاسي کان ويندڙ هڪ پيچرو ورتو ۽ ڪافي پري نڪري آياسين تہ اوچتو ٻي اوچتو وڻن پٺيان سپاهي نڪري آيا ۽ اسان ڏي بندوقون سڌيون ڪري بيهي رهيا. اسان ٻئي ڇتا حيران ۽ پريشان تہ هي ڪهڙي ماجرا آهي ۽ اسان ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟ اسان کي سپاهي چند قدمن تي قائم هڪ چيڪ پوسٽ تي وٺي آيا ۽ انهن جي آفيسر اچي ان خاتون کان سندس باري ۾ تفصيلي سوال جواب ڪيا. سندس هر جواب باقائده نوٽ ڪيو ويو ۽ ڪيس هدايت ڪئي وئي تہ هو ڪهٽ ۾ گهٽ 24 ڪلاڪ پنهنجي ريسٽ هائوس کان پري نہ وڃي، جو تي سگهي ٿو تہ هن کان اجهان بہ وڌيڪ حال احوال ونجي. اسان واپس آياسين تہ هن کي ڪافي حيرت هئي ۽ ان کان وڌيڪ حيرت اها هيس جو هن مونکا ڪجهہ بہ نہ پڇيو. واپس اچي هن سارو احوال پنهنجي روم ميٽ ۽ سينيئر پروڊيوسر کي ٻڌايو. پوءِ معلوم ٿيو تہ اسان واري ريسٽ هائوس جي ويجهو نهيل"محل"۾ روسي ليڊر "برزنيف" بہ موڪلون گذارڻ آيل آهي ۽ ان جي سيڪيورٽي لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪيو ويو آهي. سيڪيورٽي وارن پنهنجي طرفان ماسڪو مان ان خاتون

جي باري ۾ پوري خبر ورتي ۽ ڪيس اتي آرام ۽ سڪون سان رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. سينيئر پروڊيوسر کي البته اها ڳڻتي ضرورو ٿي ته جيڪڏهن هو مونکان حال احوال وٺن ها ۽ ڪين منهنجي پاڪستاني ٽيڻ جي خبر پئي ها ته ائين ماٺ نه ڪري ويهن ها ۽ اعليٰ پيماني تي جانچ ڪرائين ها ته مان ان علائقي ۾ ايترا ڏينهن آرام ڪرڻ ڪنهن جي اجازت سان آيو آهيان. بس الله سائين پرم رکيو ۽ ڪنهن وڏي حادثي کان پناهه ۾ رکيو.

شام جو يالٽا ۾ سير ڪندي، هڪ ڏينهن معلوم ٿيو ته حڪومت بند شهر (Closed City) سيواستاپول (Sevatstopol) عام شهرين لاءِ کوليو آهي، سو ٽڪيٽ وٺي ڏسي سگهو ٿا. مون به هڪ ٽڪيٽ وٺي ڇڏي ۽ صبح سان سويل تيار ٿي بس اسٽينڊ تي پهچي ويس. اسان جي ٺي بس سڀ کان پهرين روانه ٿي ۽ گائيڊ ان شهر جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو، جيڪو عام شهرين لاءِ بند رکيو ويو آهي، جو اتي نيويءَ جو هيڊ ڪوارٽر آهي ۽ سوويت يونين جي مشهور زمانه بليڪ سي فليٽ (Black Sea Fleet) به اتي ئي آهي. گائيڊ وڌيڪ پڻ ٻڌايو ته هي شهر پنهنجي مخصوص جنگي اهميت جي ڪري ”غير ملڪين“ لاءِ بند آهي ۽ ڪنهن کي به ڪئميرا وغيره جي استعمال جي اجازت نه آهي. جڏهن هن غير ملڪين تي پابنديءَ جو ٻڌايو ته مون کي ڏاڍي تشويش ٿي پئي. جيڪڏهن يالٽا ۾ اها ڳالهه ڪن ها ته مان ڪنهن به حالت ۾ نه اچان ها، پوءِ جڏهن مون پنهنجي ٽڪيٽ تي نظر وڌي ته معلوم ٿيو ته ٽڪيٽ ڏيندڙ ڇوڪريءَ منهنجو نالو ”علي“ جي بجاءِ ”عليف“ ڪري لکيو آهي. اها غلطي منهنجي ته نه هئي، ٽڪيٽ ڏيڻ واري ڇوڪريءَ مون کي روسي سمجهي، ’علي‘ بجاءِ ’عليف‘ لکي ٽڪيٽ ڏئي ڇڏي. پر هينئر ڏاڍو انتظار ٿي پيو، جو روسي گائيڊ ان بحري ٻيڙي بابت معلومات ڏيڻ لڳو. منهنجي لاءِ ته اها ڳالهه ڪنهن به ڪم جي نه هئي، مون کي ته صرف اهو انتظار هيو ته خير سان واپس يالٽا پهچي وڃان.

’سيو استاپول‘ ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي هڪ ننڍو خوبصورت شهر هيو، جنهن جي ڪنارن تي سوين ننڍا وڏا جنگي جهاز بيٺل هيا. جيئن ته روسي فوج لاءِ اهو هڪ خاص ڏينهن هيو ۽ روسي وزير دفاع ۽ نيوي جو سربراهه وغيره آيل هيا، ان ڪري سڄي سمنڊ جي ڪناري کي سينگاريو ويو

هيو ۽ ماڻهو بہ ان موڊ ۾ هيا. سڪيورٽي جا بہ مڪمل انتظام هيا ۽ اسان جي بس جي بہ باقائده چيڪنگ ڪري پوءِ شهري حدود ۾ ڇڏيائون تہ ڪو غير ملڪي نہ هجي ۽ ڪنهن ڪي بہ ڪئميرا نہ هجي.

روسي عوام ۽ فوج لاءِ هن شهر جي اهميت ان ڪري هئي جو 1855ع واري ڪريميا جنگ "The Crimean war" ۾ برطانوي، فرينچ ۽ ترڪ فوج گڏجي هن علائقي تي قبضہ ڪرڻ لاءِ حملو ڪيو هيو. روسي فوج ۽ عوام 11 مهينن تائين مقابلو ڪيو ۽ هڪ لک جي قريب روسي ان فرنٽ تي مئا. قابض فوجين هن شهر ڪي بلڪل نيست و نابود ڪري ڇڏيو. ٻي جنگ عظيم دوران بہ هن ساحلي شهر تي جرمن فوج حملو ڪيو ۽ روسي وري بہ هن شهر لاءِ جانيون ڏنيون ۽ حملہ آورن ڪي پڇاڙي ڪڍيو.

روسي بحري ٻيڙو جيڪو هن شهر جي ساحل تي لنگر انداز رهي ٿو ۽ 'بليڪ سي فليٽ' "Black Sea Feeat" جي نالي سان مشهور آهي، ان ۾ اٽڪل 300 ڪن جهاز آهن. ان کان علاوه هتي مڇي بہ جام ماري وڃي ٿي ۽ ان کي پراسيس ڪرڻ جا پلانٽ بہ ڪافي آهن. هڪ جنگي ميوزم بہ آهي، جنهن ۾ 'جنگ ڪريميا' جو نقشو ۽ پينٽنگ آهي.

يوناني طرز تعمير جو هڪ گرجا گهر بہ ڏسڻ وٽان آهي. اسان گهمڻ جهڙيون شيون گهمي، شام جو اچي 'يالٽا' پهتاسين تہ مون خدا جا شڪرانہ ادا ڪيا.

يالٽا کان سمفيرو پول واري روڊ تي اٽڪل ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي 'مساندرا' Massandara نالي هڪ ننڍڙو شهر آهي، جيڪو پڻ ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي آباد آهي. هي شهر انگورن جي باغات ڪري ڏاڍو مشهور آهي ۽ ان ڪري هتي شراب ڪشيده ڪرڻ جو بڻيون نهايت قديم زماني کان ڪم پيون ڪن. باغن مان گهمندي ڦرندي شهر آياسين، نهايت ننڍڙو، پر صاف سٿرو شهرڙو هيو، يا ائين چئجي تہ ڳوٺڙو هيو. جنهن ۾ زندگيءَ جون سڀ سهوليتون موجود هيون. ٽي. وي، سئنيما هال، عوامي ٿيٽر وغيره پر خاص بہ ڳالهيون هيون. هڪ جانورن جو زو 'Zoo' ۽ ٻيو "شراب جي ميوزيم" زو تہ ٿورو پرڀرو هيو ۽ ڪافي وسيع علائقي ۾ هيو. باقي ميوزيم تہ هڪ ننڍي قديم طرز جي عمارت ۾ هئي، جنهن ۾ 1775ع جي زماني جو ڪشيده ڪيل

شراب به صحيح پيئڻ لائق حالت ۾ موجود هيو. قسمين قسمين شرابن جا نالا، رنگ ۽ بوتلن جون شڪليون ڏسي ماڻهوءَ کي اچرج وٺيو وڃي. هڪ ڪارنر ۾ ڪافي ٽيبلون رکيون هيون، جتي في ماڻهو پنج روبل وٺي 'مساندرا' جا ڪشيده ڪيل سڀ قسم جا شراب ٿورو ٿورو ڪري ٽيسٽ پيا ڪرائن. جيڪي ان راهه جا پانديئڙا هئا، اهي هڪدم ان خاص قسم کي چکڻ تي رڙ ڪري ٻڌائن ته واهه جي شئي آهي، ۽ پيارينڊڙ به صحيح ماڻهوءَ کان صحيح داد ملڻ تي خوش ٿي، ان جو جام وري ان قسم جي شراب سان ڀيهر ڀري وري داد وصول ڪن. باقي اناڙي پياڪن جي ڏڪن تي بار جون ملازم ڇوڪريون زير لب مسڪرائن.

هن ئي شهر ۾ 'شراب ٺاهڻ جو انسٽيٽيوٽ' نالي "ماگاراچ Magarach" به آهي، جنهنجون شاخون ٻين شهرن ۾ به آهن. يالٽا ۾ هر سال گرميءَ جي موسم ۾ "شراب جو ميلو" به لڳي، جتي سڄي سوويت يونين جا شراب ٺاهيندڙ حصو وٺن، پر اڪثر انعام "مساندرا" وارا کٽي وڃن. هتان جو شراب ٻاهر به جام وڃي ۽ زرمبادله ڪمائڻ جو چڱو خاصو ذريعو به آهي.

مون کي هاڻي يالٽا ۾ آئي 18 ڏينهن ڪن ٿيا هيا ۽ تقريباً هر علائقو ڏٺم ۽ گهميم. ان سان گڏ آرام به ڪيم، آخري ٽي ڏينهن وڃي بچيا هيا، سوچيم ته اهي وري به مڪمل آرام ۾ ٿو لڳايان. واپسي جي ٽڪيٽ هوائي جهاز ذريعي 13 آگسٽ جي ورتل هئي جو '14 آگسٽ' تي پنهنجي شهر ۾ پاڪستاني شاگردن سان گڏجي دعوت ڪرڻ جو پروگرام هيو ۽ اهيو سڀ ڪجهه منهنجي ڪمري ۾ رکيل هيو. بس ائين يالٽا ۾ منهنجي آرام ۽ گهمڻ جو وقت پورو ٿيو.

منجهند جي ماني کائي ريسٽ هائوس جي ميڊيڪل آفيسر کان موڪلايم، بل وغيره سڀ چڪتا ڪيم ۽ سامان کڻي سمفرو پول پهتم، جتان Aeroflot جي فلائيٽ ڪيچ ڪري، سج لٿي مهل اچي خير سان ڪراس نادار پهتم.

# باڪو شهر ۾ سالانہ امتحان

13 آگسٽ تي، جيئن ئي يالٽا مان موٽيم تہ مون واري پروفيسر اڳ ۾ ئي ڪيترين ئي يونيورسٽين جي پروفيسرن ڪي، مُنهنجي سالانہ امتحان لاءِ لکي موڪليو هو تہ جيئن منهنجو امتحان پنهنجي منطقي نتيجي تي پُهچي سگهي. هتي (Ph.D) ڪرڻ کان پوءِ ٿينڊڙ امتحان کي (Defence of thesis) چيو ويچي ٿو ۽ روسي ۾ ان کي زاشيتا (Zashita) چون. سو اهو امتحان ڪنهن اهڙي جاءِ تي ٿي ٿي سگهيو، جتي منهنجي امتحان لاءِ گهربل تعداد جا پروفيسر هجن تہ جيئن ڪميشن ٿي سگهي. موٽ ۾ جڏهن جواب موصول ٿيا تہ معلوم ٿيو تہ ماسڪو يونيورسٽيءَ ۾ سال کان پوءِ وارو ايندو، ڪيو يونيورسٽي (University of Kiev) ۾ ڇهہ مهينا ڪن لڳي ويندا، پر "آذر بائيجان" جي گادي واري شهر باڪو جي "انسٽيٽيوٽ آف باٽنيءَ" ۾ جڏهن بہ چاهيان ٿيسز موڪلي سگهان ٿو ۽ گهڻو وقت نہ ونندا.

گائيڊ ۽ واليا جي مشوري سان "باڪو" لاءِ صلاح بيٺي ۽ واليا پڻ ڪم پورو ڪري ڇڏيو هو، ان لاءِ هن بہ باڪو کي ترجيح ڏني. جنهن بعد اسان واري گائيڊ بنا ڪنهن تاخير جي باڪو اطلاع موڪليو، جتان پڻ تمام جلدي (Responce) مليو ۽ چيائون تہ جلدي ٿيسز کڻي اچي پيش ڪريون. طريقي ڪار موجب، انسٽيٽيوٽ وارن اُتي بہ هڪ گائيڊ مقرر ڪيو، جنهن جو ڪم هو تہ امتحان کان اڳ اسان جو ڪم چيڪ ڪرڻ ۽ اسان کي امتحان لاءِ اطلاع پهچائڻ، ان کي هو چون (Pre- Zashita).

واليا ٻڌايو تہ ان سلسلي ۾ اسان کي ڪئين ڀيرا باڪو ويڃڻو پوندو، جو اُتان جو گائيڊ ڪم ڏسندو، منظور ڪندو ۽ ان کان پوءِ اُن جي صلاح موجب اسان کي چارٽ ۽ سلائيڊ وغيره ٺاهڻا پوندا، جيڪي بعد ۾ مڪمل ڪميشن آڏو پيش ڪرڻا پوندا.

اسان ڪي خط و ڪتابت ۾ ڏيڍ مهينو ڪن لڳي ويو ۽ جڏهن مڪمل تياري ٿي ويئي ته آڪٽوبر مهينو اچي ويو. آڪٽوبر جو مهينو جيئن ته انقلاب جو مهينو آهي ۽ ان مهيني دوران تمام رياستن جي گاديءَ جي شهرن ۾ فوجي پريڊ ۽ هٿيارن جي نمائش جا زبردست پروگرام رٿيا ويندا آهن ته جيئن عوام کي پنهنجي ٿيل ترقيءَ کان آگاهه ڪري سگهجي، ان دوران آڪٽوبر مهيني ۾ ٿيندڙ پروگرامن جو تفصيل اخبارن ۾ ته ايندو رهيو پر مان پنهنجي ڪم ۾ ايڏو ته مشغول هيس جو مون کي ان طرف سوچڻ جو ڪو وقت ئي ئي نه مليو، بهرحال جڏهن باڪو وڃڻ لاءِ يونيورسٽيءَ وارن کان اجازت گهريم ۽ ان سلسلي ۾ آذر بائيجان جي وزارتِ تعليم کي اطلاع ڪيو ويو ته هنن آڪٽوبر سالگرهه جي سلسلي ۾ معذوري ڏيکاري ڇو ته ان دوران ڪنهن به غير ملڪيءَ جو ڪنهن به گاديءَ واري هنڌ وڃڻ ممنوع هوندو هو. جڏهن ته واليا کي اجازت ملي ويئي، پر هن اڪيلي اسر امتحان ڏيڻ نه پئي چاهيو. هن جو خيال هو ته ڪم گڏ شروع ڪيو آهي، ختم به گڏ ڪنداسين. مون ان صورتحال کي سامهون رکيو ۽ وچي ڊين سان مليس، اسان وارو ڊين، ڊين هئڻ سان گڏوگڏ پارٽيءَ جو اهم عهديدار به هئو ۽ انتهائي اهم اثر رسوخ پڻ رکندو هو. يونيورسٽيءَ ۾ سندس پوزيشن سينيءَ کان متاهين هوندي هئي، هن جي ڪوشش سان مون کي باڪو وڃڻ جي اجازت ملي وئي.

ان بعد باڪو ۾ رهڻ جو مسئلو درپيش آيو. جو اُتان جا هوٽل انتهائي مهانگا هئا. اهو مسئلو به ڊين حل ڪري ڏنو ۽ هڪ بهترين هوٽل ۾ (V.I.P Suite) بُوڪ ڪرائي ڏنائين، جنهن جو خرچ يونيورسٽيءَ پنهنجي ذمي ڪنيو. اهڙي طرح اسان وچي باڪو پهتاسين. ايئرپورٽ تي لهي، سڌو هوٽل پهتاسين، جتي سامان سڙو رکي وچي انسٽيٽيوٽ نڪتاسين. شام جو ٿڪي ٽٽي هوٽل موٽياسين، اُتي منهنجو سَوٽ ته بلڪل ٺيڪ هُيو، پر واليا لاءِ ڪوبه انتظام ٿيل نه هو، جو اُن لاءِ ڪين ڪنهن به قسم جو اطلاع ڏنل ڪونه هو. آخرڪار مس مس هڪڙو ڪمرو مليو، پر ان جا شيشا ڀڳل هيا ۽ ٻاهر آڪٽوبر جي سخت سردي، واليا هيٽر وغيره ته هلايو، مگر ٻاهرين تيز ٿڌي هَوا کيس ڪافي پريشان ڪيو، مُون پاڻ وارا ڪمبل به کيس ڏنا، جيڪي هُن ڀڳل دريءَ تي لڳائي، پنهنجي ڪمري کي سمهڻ لائق بنايو.

اجان ان مسئلي مان مس مس جان ڇڏائي سين تہ پر واري ڪمري ۾ ترسيل هڪ تاجڪ مسلمان وچي واليا جو دروازو کڙڪايو ۽ ڪيس ڪچهري ڪرڻ لاءِ چيو. واليا ڪيس ڪمري ۾ ويهاري مون وٽ ڏڪندي آئي ۽ اچي سربستو احوال ڪيائين. اسان سموري ڏينهن جا ٿڪل سو اچي پريشان ٿياسين تہ هن مصيبت مان ڪيئن جان ڇڏايون. واليا معذرت ڏيکاريس. پر هو بضد تہ هو ساڻس ويهي ڪچهري ڪري، سمجهائڻ جي باوجود بہ نہ سمجهي ۽ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل. منجهس پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي ڏپ ئي ڪانہ هئي. الائي جي ڪيئن ايڏو وڏو ٿيو هو. آخرڪار مان تنگ ٿي پيس ۽ ڪيس ٻڌايم تہ مان غير ملڪي آهيان، اجهو ٿو پوليس گهرايان، منهنجي ان دڙڪي ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ همراهہ پيرا ڏاڻا.

رياست آذربائيجان جو گاديءَ وارو شهر ”باڪو“ هڪ نئين ۽ مناسب طرح صاف سٿرو شهر آهي، جنهن جي 1976ع واري آدمشماري موجب آبادي اٽڪل 14 لک کن آهي. ڪيسپئن سمنڊ (Caspian Sea) جي اولهندي ڪناري تي آباد. مسلمانن جو هي شهر ايراني تهذيب کان متاثر نظر ايندو. ماڻهو ڪنهن زماني ۾ فارسي ڳالهائيندا هئا، پر هينئر تہ سڀ روسي پيا ڳالهائن. آباديءَ ۾ مقامي مسلمانن کان علاوه يورپي نسل جا ماڻهو بہ عام جام نظر ايندا ۽ حڪومت جي سيني ادارن ۾ روسي ۽ آذر بائيجاني گڏ ڪم ڪندا نظر ايندا، ايتري قدر جو صبح سان سويل شهر ۾ ٻهاري ڏيندڙ بہ روسي ۽ مقامي گڏ هيا.

باڪو شهر جا تاريخي آثار پنجين عيسويءَ صديءَ کان ملن ٿا. عربن، ترڪن ۽ ايرانين جي زير اثر ۽ زير حڪومت رهيو. 1806ع روسي هن تي قابض ٿيا. انهن ڏينهن ۾ هن جي آبادي 5000 کن ماڻهو مس هئي، پر پوءِ جڏهن تيل جي خبر پئي تہ ماڻهو روزگار جي تلاش ۾ ايندا رهيا. انقلاب آڪٽوبر کان پوءِ هن شهر ڪافي ترقي ڪئي ۽ خاص طرح تيل صاف ڪرڻ جون ريفائنريون قائم ڪيون ويون. تعليم عام جام آهي، شهر ۾ جرم سوويت يونين جي يورپي شهرن کان وڌيڪ آهي. ايران سان ناتا رکڻ لاءِ ماڻهو وڏو شوق رکن ٿا ۽ سرحدي ڳوٺن مان اناج ۽ ٻيون ڪاڌي جون شيون ايراني آذر بائيجان ڏي موڪلڻ ۾ عار نہ سمجهن، گهڻي قدر شيعا آهن ۽ نو روز وغيره ملهائين، مسجدون گهڻي قدر ويران نظر آيون، سواءِ جمع جي ڏينهن جي.

باڪو واري انسٽيٽيوٽ ۾ مسلمانن جي گهڻائي هئي ۽ منهنجي نالي پويان عليءَ جو وڏاءُ ڪين ڏاڍو وٽيو، اُتان جي سيڪريٽري هڪ ڪراڙي مسلمان خاتون هُئي جنهن جي نالي پويان خانم تي آيو. جنهن هڪ شاندار دعوت ڏني ۽ پنهنجي سموري ڪٽنب سان ملايو. سندس ننهن روسي هُئي ۽ ڪافي خوبصورت، باقي پاڻ سڀ پورا سارا هئا، پُٽ جي ان پسند واري شاديءَ مان گهڻو خوش ڪانہ هئي جو سندن خاندان ۾ ڪافي ڇوڪريون هيون، جن کي ڇڏي هن ٻاهران شادي ڪئي هئي.

اسان کي انسٽيٽيوٽ واري گائيڊ ڪافي ڪم سمجهايا. پوءِ اسان جي (زاشيتا) امتحان واري تاريخ 30 ڊسمبر 1982ع مقرر ٿي، جنهن دؤران تي دفعا اسان کي باڪو اچڻ پيو ۽ پنهنجي ڪم ڪار کي ڏيڪارڻو پيو. آخر اها گهڙي آئي جنهن لاءِ مون ڇئن سالن کان انتظار پئي ڪيو. اُن ڏينهن مون پنهنجو بهترين انگلش سوٽ پاتو، جيڪو مون لنڊن مان خاص ڪري، اِن ڏينهن لاءِ خريد ڪيو هو. مُنهنجي تياري تہ مُڪمل هُئي، پر واليا ڪُجهہ نروس هُئي، ڇيائين تہ تون مسلمان آهين، ان لاءِ توسان نرمي ڪندا، باقي ڪيس ڪافي تنگ ڪندا. مقرر وقت تي انسٽيٽيوٽ جا جملي پروفيسر اچي هال ۾ ويٺا. سڀ کان پهرئين واري قطار ۾ ڪميشن جا ميمبر ويٺا. مان ۽ واليا هڪ پاسي ڪنڊ ولي، پنهنجن ڪاغذن سان اچي ڪرسيون سنڀاليون. سيڪريٽري خانم صاحبہ ڪارروائي شروع ڪئي ۽ منهنجو تعارف ڪرايائين. جنهن بعد اسان جي اُتان واري گائيڊ اسان جي موضوع (Topic) جو تعارف ڪرايو ۽ منهنجي تيل ڪم جي باري ۾ مختلف يونيورسٽين جي پروفيسرن جا تبصرا پڙهي ٻڌايا. جنهن بعد مون کي پنهنجي ٿيسز پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي تہ تيل ڪم جو بچاءُ (Defence of thesis) (زاشيتا) ڪريان. اسان نقشا ۽ چارٽ وغيره اڳ ۾ ئي ٽنگي ڇڏيا هُئا. مون پنهنجي روس اچڻ، تمام تيل ڪم جو تفصيل ۽ نچوڙ انتهائي خبرداريءَ اطمينان سان پيش ڪيو. منهنجي تمام (Presentation) روسي زبان ۾ هُئي. مُون پنهنجا (Points) تہ لکي ڇڏيا هئا. البت تقرير (Extompure) ڪئي، واليا بعد ۾ ٻڌايو تہ تقرير دؤران خوشي ۽ جوش ۾ منهنجو چهرو بلڪل ڳاڙهو ٿي ويو هو. تقرير ختم ٿيڻ تي ميمبرن سوال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ مون ڪين جواب ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ضرورت پوڻ تي انگ اکر چٽا ڪرڻ لاءِ راڊ (لٺ) جي مدد سان ڪين

چارٽ ۽ نقشا بہ ڏيڪاريندو هيس. اهڙي طرح اڌ ڪلاڪ اندر سمورو سلسلو پورو ٿيو ۽ مون کي ويهڻ لاءِ چيائون. جنهن بعد والِيا جو وارو آيو، جنهن بہ ساڳي طرح پنهنجو ڪم پيش ڪيو، پر هُوءَ ڪجهہ نروس هُئي، ٿيندڙ سوالن کان اڳ ۾ ڪجهہ گهبرايل ٿي لڳي، هن کان بہ سوال جواب ٿيا ۽ منهنجي مقابلي ۾ ڪائنس وڌيڪ سوال پُڇيا ويا. جيڪو سلسلو ڪلاڪ کن هليو. جنهن بعد ڪميشن جا ميمبر اُٿي هليا ويا ۽ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر سان ميٽنگ ڪري پنهنجي (Opinion) کان آگاهہ ڪيائون.

اٽڪل پَنَ ڪلاڪن کان پوءِ ڊائريڪٽر اسان ٻنهي کي ۽ خانم کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي مبارڪباد ڏني ۽ اعلان ڪيائين تہ اسان کي (Ph.D) جو حقدار تسليم ڪيو ويو آهي. اسان تہ خوشي ۾ ٺي نہ پيا ماپون. اها دسمبر جي 30هين تاريخ هُئي. والِيا چيو تہ اڄ ئي واپس هلي سيني کي خوش خبري ٻُڌايون ۽ مبارڪون وصول ڪريون. هن نئون سال بہ پنهنجي والدين سان گذارڻ ٿي چاهيو. مگر مون کيس هڪ ڏينهن وڌيڪ رهڻ لاءِ چيو جو باڪو ۾ هڪ وڏي بُزرگ جي مزار هُئي، جنهن جي زيارت ڪرڻ کان سواءِ مون موٽڻ نہ پئي چاهيو ۽ اُتي جي مسجد ۾ شڪراني جي نماز پڻ ادا ڪرڻ پئي چاهيم.

31 هين ڊسمبر جو اُتي مان وهنجي سهنجي نئون صاف جوڙو ڍڪيو ۽ درگاهہ "حضرت تازه پير" تي قل پڙهڻ لاءِ نڪري ويس بعد ۾ پر واري مسجد ۾ آذان ڏيئي، شڪراني جي نماز پڙهيم ۽ واپس هوٽل تي آيم. اسان ڏاڍا خوش هياسين بلڪ ايئن چئجي تہ بي انتها خوش هياسين. پي. ايچ. ڊي جي ڊگري وٺڻ ڪا معمولي ڪاميابي نہ هئي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي ڏاڍا ڪَشَالا ڪٽڻا پيا هئا. پنهنجي وڏي عمر واري بزرگ والدين، ٻارن ٻچڙن ۽ ٻائرن، عزيزن ۽ دوستن کان پرديس ۾ رهي، جيڪي مون ڏک ڏٺا ۽ تڪليفون سَٺيون سي وسارڻ جهڙيون نہ هيون. پر رزلٽ جو ليٽر هٿ ۾ ملڻ شرط ٿي مون کان سڀ ڏک وسري ويا ۽ اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. خوشي بہ هئي تہ ان سان گڏوگڏ اهو بہ ور ور ڪري خيال پئي آيو تہ جيڪڏهن مغربي يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ هجان ها تہ والدين يا ٻارن کي گهرايان ها ۽ هو بہ ان ساعت ۾ منهنجي خوشين ۾ شامل ٿين ها. پر هت ڪنهن کي گهرايان ۽ اهڙي يخ موسم ۾ (ڊسمبر جي ٿڌ ۾) ڪير رهي سگهندو! بس اهيو سوچيندي سوچيندي ننڊ اچي وئي ۽ صبح جو واپس پنهنجي شهر لاءِ روانا ٿياسين.

# واپسي

"باڪو" کان واپس پنهنجي دلبر شهر "ڪراس نادار" آيم ته هڪدم محسوس ٿيو ته هينئر ته مون کي ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ئي نه رهيو آهي. مون کي جو پنهنجي وڏڙن کان صبح سان سويل اٿي ڊيوٽيءَ تي وڃڻ جي پڪي ۽ پختي عادت رهندي آئي آهي، سو هاڻي ڪيڏانهن وڃان ۽ ڇا ڪريان؟ مون واري ڪلاس فيلو واليا ته پنهنجي سچائي ۽ محنت ڪري ڊپارٽمينٽ ۾ سيني جي اکين جو تارو هئي، ان کي ته اسان واري گائيڊ ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ (Guide & Head of Department) هڪدم پارٽ ٽائيم ليڪچرار ڪري ڪنيو ۽ هن ٻئي ڏينهن تي پڙهائڻ به شروع ڪري ڏنو، جو پڙهائڻ سندس دلپسند مشغلو هيو ۽ هوءَ پي. ايڇ. ڊي جي رزلٽ کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور پنهنجو ڪيريئر شروع ڪرڻ جو ارادو رکندي هئي. باقي رهيس مان، سو سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪريان؟

ٻئي ڏينهن حسب معمول هاسٽل ۾ ننڊ مان اٿي شيو پئي ڪيم ته ڊين فار فارين اسٽوڊنٽس (Dean for foreign Students) جو نياپو مليو ته ساڻس اچي آفيس ۾ ملان. هن اهو نياپو شايد ڪلهه شام موڪليو هو، ورنه ايڏو سويل ته يونيورسٽي آفيسون ڪونه کليون هيون. ڊين سان مليم ته هن باڪو ۾ ٿيل امتحان (Defence) بابت حال احوال ورتو، پوءِ خوشيءَ وچان تمام پروٽوڪول کي پري ڪري، پنهنجي ڪرسي ڇڏي پاڪر پائي مليو ۽ ڏاڍيون مبارڪون ڏنائين، ان کان پوءِ منهنجي سامهون ئي ريڪٽر کي فون ڪري اطلاع ڏنائين ۽ ڪيس اهو پڻ ٻڌايائين ته ڪيئن نه مون کي ڪميشن جي سيني ميمبرن پاس ڪيو ۽ ووٽ ڏنو. دراصل اسان جي ان يونيورسٽيءَ جي 12 ساله تاريخ ۾ مان پهريون غير ملڪي شاگرد هيس، جنهن پي. ايڇ. ڊي ڪئي هئي. ان ڪري هتان جا آفيسر، استاد ۽ ٻيو اسٽاف سڀ خوش هيا. يونيورسٽيءَ طرفان، روسي

طريقي ڪار موجب هڪ وڏو پوسٽر پڻ لڳايو ويو، جنهن ۾ مون کي مبارڪون ڏنيون ويون هيون.

ڪجهه ڏينهن ائين ئي گذري ويا جو روز شام جو شهر لاءِ نڪري ويندو هيس، وقت کي گذارڻ لاءِ ڪجهه نہ ڪجهه ڪرڻ ضروري آهي، مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ اهي ماڻهو پنهنجو وقت ڪيئن ٿا گذارين، جن کي ڪوبہ ڪم ڪار نہ آهي. منهنجو اهو پختو ايمان آهي تہ جيڪڏهن پنهنجو ڪو ڪم نہ هجي تہ پوءِ ڪنهن وٽ بيگار بہ وڃي ڪجي ۽ پاڻ کي مشغول رکجي. بيڪار کان بيگار بہ ڀلي. ورنہ انسان کي، چاهي هو مڙد هجي يا عورت، ڪانہ ڪا بيماري وکوڙي ويندي. سو ڳالهہ پئي ڪيم تہ وقت گذارڻ خاطر روز شام جو شهر لاءِ نڪري ويندو هيس، اتي چوندا هيا تہ ”شهر جي مرڪز“ (Center of the City) پيو وڃان، جيئن شڪارپور وارا لکي در وڃن، يا لاڙڪاڻي وارا ”پاڪستان چؤنڪ“ وڃن. شهر جي مرڪز ۾ ئي سٺا هوٽل ۽ ڪلبون هيون. اهي اڪثر ڪونہ ڏسي سگهيو هيس جو ڪم جو جنون هيو، سو هاڻي هڪ هڪ ڪري سڀني کي ڏسڻ جو پڪو ارادو ڪيم. ڪي تہ چڱيون ۽ سٺيون ڪلبون هيون، ڪي وري بنهہ بيڪار ۽ ٿرڊ ڪلاس. هوٽلن ۾ ”هوٽل ڪوهہ قاف“ سٺو هيو ۽ ڪجهہ مهانگو بہ هيو. ان ۾ شام جي ڪافي "Evening Coffee" پيئڻ ۾ ڏاڍو لطف ايندو هيو. مان پلا واندو، سو سويل ئي وڃي هڪ ڪنڊائتي ٽيبل والاري ويهي رهندو هيس، بيري کي ٽپ ڏئي باقي ٻي ڪرسيون خالي رکائي ڪو هلڪو ڦلڪو رنگين تصويرن وارو رسالو وٺي پيو نظارا ڪندو هيس ۽ گرم گرم ڪافي جون چسڪيون ڀريندو هيس. سج لهڻ کان پوءِ شهر جا معززين آهستي آهستي اچڻ شروع ٿيندا هيا. شراب پيئڻ تي ڪابہ بندش نہ هئي، پر هن هوٽل ۾ ڪافي ۽ چانهہ جا شوقين گهڻا هوندا هئا. باقي جوانن جا جوڙا ايندا هيا تہ پوءِ هو شيمپيئن يا ڪا ٻي موسم جي حساب سان ڊرنڪ گهرائي ويٺا چسڪيون پيئڻ ۽ آهستي آهستي ڪچهريون ڪن ۽ قرب ونڊن. جيڪي نوجوان سياڻا هجن، سي بيري کي اڳوٽ اطلاع ڪري پنهنجي لاءِ ڪنهن ڪنڊ ۾ چگڙي جاءِ رکائي ڇڏن. جڏهن پنهنجي گرل فرينڊ سان هوٽل ۾ داخل ٿين تہ بيرو اڳ ۾ ئي تيار هجي ۽ ڪين گرم جوشيءَ سان وٺي وڃي ان مخصوص جاءِ تي ويهاري. يورپ جي

خاتون، مرد جي ان مهذبانہ انداز ۾ گرم جوشيءَ تي اصل موهت ٿيو وڃي. روسي مردن ۾ عورتن سان ڳالهائڻ يا اٿڻ ويهڻ جي آداب جي ڄاڻ مڙئي پوري ساري ٿئي. دراصل هو چون تہ جڏهن سندن معاشري ۾ ٻنهي کي حقوق برابر مليل آهن تہ پوءِ عورت کي ان قسم جو آڌر ڀاءُ ڇو ڏنو وڃي؟ ڪن جو چوڻ تہ اهو بہ هيو تہ اها بہ سرمائيدارانہ نظام جي هڪ نشاني آهي ۽ ليڊيز فرسٽ وارو طريقو بنهہ ختم ٿيڻ گهرجي. بهرحال درست ڇا آهي، ان بحث کان هٽي ڏسجي تہ عورت جو احترام ڪرڻ اسان مردن لاءِ ضروري آهي. هن معاشري جي خوبصورت ترين مخلوق عورت ٿي آهي ۽ ڪيس نهايت نفيس ۽ نارڪ ڪري جوڙيو ويو آهي. ان ۾ ڪهڙو عيب آهي جو عورت کي ويهڻ لاءِ سٺي عزت واري جاءِ آفر ڪجي يا هوءَ جيڪڏهن مهمان ٿي اچي تہ ان جو گرم جوشيءَ ۽ احترام سان استقبال ڪيو وڃي.

ڳالهہ ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي نڪتي، سو عرض پئي ڪيم تہ سياڻا مرد پنهنجي مهمان خاتون کي ڪنهن مناسب جاءِ تي ويهاري، چڱي ڊرنڪ جو آرڊر ڏئي، اڌ رات تائين ويٺا ڪچهريون ڪن، مجال آ جو ڪوئي ڪنڌ ورائي بہ نهارين يا پڇين تہ بابلا هاڻي هوٽل کي بند ڪرڻ جو ٽائيم ٿيڻ وارو آهي، پلا هلبو يا اجان ويهبو؟

واليا کي منهنجي نئين شيڊول جو پتو پئجي چڪو هيو، سو اها بہ ڪڏهن ڪڏهن يونيورسٽيءَ کان سويل فارغ ٿيندي هئي تہ هن جو رُخ بہ "شهر جو مرڪز" ڏانهن هوندو هيو، پوءِ ڪڏهن ڪنهن ڪلب ۾ تہ ڪڏهن "ڪوهہ قاف" ۾. ايئن ئي شام ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ رات ٿي ويندي هئي. وري صبح جي انتظار ۾ سمهي رهندو هيس تہ ڇا ڪبو؟

باڪو وارن منهنجي ٿيسس جي اصلي ڪاپي (Original Copy of Thesis) ۽ امتحان واري ڪميشن جي ميمبرن جي راءِ گڏي ماسڪو ۾ مرڪزي وزارتِ تعليم ڏانهن موڪلي هئي، جتي "تعليم وارو اعليٰ اختياري بورڊ" ان جو جائزو وٺي فائينل رزلٽ جو اعلان ڪندو آهي ۽ ان کان پوءِ ڊگري ملندي آهي. ان سڄي معاملي کي طئہ ڪرڻ لاءِ ڇئن کان ڇهن مهينن تائين وقت گهربو هو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ يونيورسٽيءَ جي "آفيس آف دي ريڪٽر" مان فون آيو تہ منهنجي هڪ ميٽنگ رکي وئي آهي، سو مان ٽائيم تي اچان. اهو

عام طور تي غير روايتي انداز هيو ۽ غير ملڪي شاگردن جي هر مسئلي کي سندس گائيڊ يا ڊين حل ڪري ڇڏيندا هيا. مان جڏهن ان ميٽنگ ۾ ويم تہ ريڪٽر سان گڏ اسان جو ڊين ۽ گائيڊ بہ ويٺل ڏٺم. هنن ڏاڍيون مبارڪون ڏنيون ۽ خاص طور تي ان ڳالهہ تي خوش هيا تہ مون وقت کان اڳ ۾ روسي زبان سکي ورتي ۽ ان ۾ ڊپلوما ڪورس بہ ڪيو تہ ان سان گڏوگڏ پنهنجو مقصد بہ حاصل ڪري ورتو ۽ هينئر وقت کان اڳ ۾ وطن وڃڻ لاءِ تيار ويٺو آهيان. ڊين منهنجي قيام دوران منهنجي هلت چلت بابت ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ ٻين غير ملڪي شاگردن لاءِ مثالي قرار ڏنائين. ان کان پوءِ هنن آفر ڏني تہ مان "پوسٽ ڊاڪٽريٽ" ڪرڻ لاءِ اتي ڪم ڪري سگهان ٿو، مون بغير دير ڪرڻ يا سوچڻ جي انڪار ڪيو ۽ واپس وڃڻ جو خيال ڏيکاريو. ان کان پوءِ مون کي باڪو واري انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر جو خط پڙهي ٻڌايو ويو، تہ هن بہ آفر ڏني آهي تہ مان اتي باڪو ۾ ڪم ڪري سگهان ٿو ۽ منهنجي رهڻ ڪرڻ جو نهايت سٺو ۽ شان وٽان بندوبست ڪيو ويندو، مون ان جو بہ نهہ پهہ جواب ڏنو تہ بس مون کي ڳوٺ لاءِ اجازت ڏيو.

موٽي ڪمري تي آيم تہ ڪافي ڊپريشن (Depression) تي پٽي ۽ مزو ئي نہ پئي آيو. وري هن سال جنوريءَ ۾ سيءُ بہ ڏاڍا اچي لٿا ۽ مون کي ٿڌ بہ لڳي وئي تہ بخار بہ تي پيو، پوءِ تہ ڪابہ ڳالهہ نہ پئي وٽي. واليا جڏهن ڪمري تي طبيعت پڇڻ آئي تہ مون کي ڪجهہ ڪمزور ڏسي ڏاڍو اچرج ڪاڏائين تہ ڇٺن سالن ۾ مان ايترو سست نہ هيس، هاڻي ايئن ڇو دل لاهي ويٺو آهيان. اسان جو حال اهو تہ:

"ڦهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا"

(شاهہ)

واليا واپس ڊپارٽمينٽ وڃي گائيڊ کي ڪڙين تي کنيو، تہ جڏهن هڪ شخص هت وڌيڪ رهڻ ڪونہ ٿو چاهي تہ پوءِ اوهين ڪيس زبردستيءَ ڪيئن رهائيندو. گائيڊ کي هڪدم معاملو سمجهہ ۾ آيو ۽ ڊين جي معرفت ماسڪو مرڪزي وزارتِ تعليم کي اطلاع ڪيائون. جتان اجازت اچي وئي تہ پل واپس وطن وڃي.

يونيورسٽيءَ وارن Aero Float سان سان ڳالهائي مارچ ۾ مون کي سيٽ

ڪنفرم ڪرائي ڏني ۽ ان وقت تائين مون کي اسڪالرشپ به اڳواٽ ڏئي ڇڏي. مون کي ڪجهه ڪمزور ڏسي "فري فوڊ" جا ڪوپن به ڏنائون ته جيئن عام ڪاڌي کان علاوه به يونيورسٽي ڪينٽن مان جيڪو پسند اچي اهو ڪوپن ڏئي مفت ۾ کائي سگهان.

هنيئر جڏهن مارچ ۾ سيٽ ڪنفرم ٿي ملي ته پوءِ محسوس ٿيو ته هاڻي روسؔ ۾ مان مهمان آهيان، بس ٻن مهينن کن جو، ان مهل محسوس ٿيو ته هتان جي دوستن کي ڇڏڻ ايترو آسان به نه آهي. مون پنهنجو پروگرام يارن دوستن کي ٻڌائي ڇڏيو ۽ ڳوٺ به اطلاع ڪيم. پارڙن کي خط لکي اطلاع به ڪيم ۽ ڪانئن پڇا به ڪيم ته هنن لاءِ ڇا آڻيان، جواب ۾ لکي موڪليائون ته "بس اوهان جلد از جلد اچو، ڪين ڪجهه به نه کپي."

موڪلائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. سڀ کان پهرين الوداعي تقريب (سرڪاري طرح) اسان واري شعبه نباتات جي اسٽاف طرفان ٿي، جنهن ۾ تقريرون وغيره ٿيون ۽ تحائف ڏنا ويا. ان کان پوءِ "غير ملڪي شاگردن واري آفيس" طرفان سرڪاري طرح الوداع چئي وئي ۽ ڊين طرفان هڪ زبردست تقرير ڪئي وئي. ان ۾ ڪجهه غير ملڪي شاگرد به گهرايا ويا ۽ منهنجو گائيڊ به وڏي فخر سان ڊين سان گڏ اسٽيج تي ويٺو هيو. جن ٻن خواتين مون کي چار سال اڳ ڪراس نادار ريلوي اسٽيشن تي خوش آمديد چيو هيو، انهن جي وري نه ڊيوٽي لڳائي وئي ته هو مون سان لهه وچڙ ۾ رهن ۽ ايئر پورٽ تائين ڇڏي اچن. اهي ٻئي خواتين غير ملڪي شاگردن واري آفيس ۾ ملازم هيون ۽ پنهنجي ڪم ۾ نهايت ڀڙ.

منهنجي ٽيچر ارينا اگاريونا ته اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو هيو ته سندس گهر ۾ دعوت ٿيندي سو ڪيس ڪا منا سب شام ڏيان، پر ان لاءِ مون کي ڪا جلدي ڪونه هئي. هڪ ڏينهن فون ڪيائين ته "انگلش ڊپارٽمينٽ" وارن جي هڪ شاگرد ۽ شاگرديائيءَ پاڻ ۾ شادي ڪئي آهي، سو ان ۾ شريڪ ٿيان ۽ رات جو (وليمو) ڊنر هڪ هوٽل ۾ آهي اها به اٽينڊ ڪيان. روس ۾ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ کان بهتر آهي ته ماٺهو ڪنهن سٺي دوست سان ڪنهن چڱي هوٽل ۾ ڪافي پي اچي، ان ڪري شادي جي تقريب کي ڇڏي شام جو ڊنر ۾ وڃڻ لاءِ تياري ڪيم. هڪ سٺي ۽ چڱي خاصي مهانگي هوٽل ۾ گهوٽ

ڪنوار پنهنجن خاص خاص 25-20 دوستن کي گهرايو هيو ۽ بس. سندن والدين به هيا الائي نه، مون کي ته خبر نه هئي ۽ نه وري مون ڪنهن کان پڇڻ به مناسب سمجهيو. مناسب ڊنر هئي ۽ پيئڻ لاءِ روس ۾ موجود سڀ قسم جا شراب به هيا. پر خاص ڳالهه اها هئي جو ان ڏينهن هوٽل وارن، پنهنجي پروگرام تحت، هڪ سٺي گروپ کي گهرايو هيو، جنهن بهترين موسيقي پئي وڄائي. ان گروپ کي ٻڌڻ لاءِ هال مڪمل طور پرپيل هيو، پر ڪيترا ماڻهو ته بيٺائي رهيا، جو ڪين ويهڻ لاءِ سيٽ نه ملي هئي ۽ هنن ان تي مائينڊ ڪونه پئي ڪيو، بس وتن پيا گهمندا ڦرندا ۽ ڊانس ڪندا. ڊانس واري اسٽيج به ڏاڍي سجائي هيائون ۽ جوڙا وري وري ڪري پئي اوڏانهن ويا ۽ موسيقيءَ جي ڌن تي نچندا وتن. چڱو ڪم اهو هيو جو سموڪنگ (سگريٽ ڇڪڻ) جي اجازت نه هئي، ورنه هال ۾ ڪوبه ويهي نه سگهي ها. سگريٽ ڇڪيندڙ حضرات ٻاهر نڪري پيا وڃن ۽ کليل گيلريءَ ۾ شوق پورو ڪري وري واپس اچن. ڊنر کان پوءِ مون وڻي موسيقي ٻڌي ته هڪ نوجوان خاتون ڊانس لاءِ هٿ وڌايو، عام طرح مرد ئي آفر ڪندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن عورتون به ائين ڪنديون آهن ۽ ان ۾ ڪابه خراب ڳالهه نه آهي. دراصل سان وارو سارو گروپ ڊانس ڪرڻ جي تياريءَ ۾ هيو، ان ڪري مون کي به آفر ڏنائون. اسان وارو ٽولو تازه دم هيو ۽ گهڻائيءَ ۾ نوجوان هيا، جن وڃي اسٽيج تي واهه جو مزو ڪيو، جنهن کي به ٿڪ ٿئي ته پل وڃي آرام ڪرڻ لاءِ يا ڪائڻ پيئڻ لاءِ اسٽيج تان لهي وڃي، وري ڪايو پيئو تازه دم تي پيو واپس اچي. ان ساري گروپ ۾ هڪ خاتون ڏاڍي پلي ڊانسر نڪتي ۽ شروع کان اچي جو بيٺي ته هيٺ لهڻ جو نالو ئي نه پئي ورتائين. هن مسلسل مون سان ڊانس ڪئي ۽ محسوس ئي نه ڪرڻ ڏنائين ته ڪو ٿڪي آهي. آخر ۾ سڀ جوڙا هيٺ لهي ويا ۽ تاڙين جي آواز ۾ اسان به هيٺ لٿاسين. پوءِ مون کي پنهنجي ٽيچر ارينا ٻڌايو ته اها ئي ته ڪنوار آهي، سندس گهوٽ کو پيئڻ جو ڏاڍو شوقين هيو، ان ڪري هن خوب پيتو ۽ هوش ۾ ئي نه هيو جو پنهنجي نئين نويلي ڪنوار کي سنڀالي سگهي.

بنگالي دوستن به واهه جو نڀايو ۽ ڪين سنڌ سان محبت به ڏاڍي هئي. اڪثر چوندا هيا ته اوهين به مظلوم آهيو ۽ عام ڀهراڙيءَ جو بنگالي يا سنڌي پڻي نهايت غربت واري زندگي ٿا گذارين. هنن پنهنجي دعوت ڪئي ته سڀ

بنگالي اچ گڏ ڪيائون، چانور ۽ مڇيءَ کان علاوه گوشت بہ سٺو تيار ڪيائون. گهڻو ڪري اڪيلا نہ آيا، پر پاڻ سان گڏ پنهنجو دوست ڇوڪريون بہ آندائون، جيڪي اڪثر روسي هيون، ڊنر کان پوءِ بنگاليءَ ۾ خوب ڳايائون، روسين وري پنهنجا لوڪ گيت ڳايا، مون کي ڳائڻ نہ سفا نہ ايندو اهي، پر هنن جي ضد جي ڪري مون بہ ”مور ٿو ٽلي راتا“ ڳايو. فرصت ۽ واندڪائيءَ جا ڏينهن خواب ٿي ويا. ٿوري گهڻي شاپنگ ڪرڻي هئي سا بہ ٿي وئي، دعوتون وغيره بہ پوريون ٿي ويون، سواءِ آخري دعوت جي جيڪا بلڪل آخري رات جو واليا وٽ هئي. انهن چئن سالن دوران هاسٽل ۾ ۽ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو رويو نهايت شانائتو رهيو. دنيا جي هر ملڪ جا شاگرد رهندا هئا ۽ الڳ الڳ رنگ، مذهب، نسل ۽ ٻولي سان سندن تعلق هيو، پر ڪنهن کي بہ محبت واري موٽ کان سواءِ نہ ڇڏيوسين. شاهہ سائين چواڻي تہ:

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولايت ۾ ذرو ٿئي نہ ضياءِ،
سا ڪاهڙ هلاءِ....

آخري رات” ڪراس نادار“ واري موسم جي لحاظ کان نهايت خوبصورت ۽ وڻندڙ هئي. مارچ جو مهينو هيو ۽ بهار پنهنجي زور تي هئي. اوور ڪوٽ ۽ گرم ڪپڙن کان سواءِ هر ماڻهو نهايت وڻندڙ ۽ سهڻو پئي لڳو. يونيورسٽيءَ کان وني واليا جي گهر تائين روڊ جي ٻنهي پاسن کان گلن جي خوشبو ۽ هٻڪار هئي، ان مهل سچ بہ لڳو پئي ۽ اونداهہ ٿيڻ واري هئي، جو مون واليا جي گهر ۾ قدم رکيو. در پاڻ کوليائين ۽ خاموشيءَ سان اندر اچڻ لاءِ چيائين. فليٽ کي گلن سان ڀري ڇڏيو هيائين ۽ پاڻ سفيد لباس ۾ فرشتن کان بہ وڌيڪ حسين ۽ معصوم پئي لڳي. ڪيس خبر هئي تہ اڇو رنگ مون کي نهايت پسند ايندو آهي ۽ هوءَ ان رنگ ۾ بي انتها وڻندڙ لڳندي هئي. لنڊن مان خريد ڪيل فل سوٽ ڪيس ڏاڍو وڻندو هو ۽ مان اها غلطي ڪونہ پئي ڪري سگهيس جو ان آخري شام جو ڪو ٻيو سوٽ پايان. واليا جي گهر صرف هن جا فيملي ميمبر هيا. سندس والد جنهن اتان جي هڪ وڏي اسپتال جي سول سرجن جي عهدي تان رٽائر ڪيو هيو سو پنهنجي بيماريءَ سبب ڪونہ اچي سگهيو هيو. باقي هن جي والده، ڀيڻ ۽ ڀاڻيجو هيا ۽ مان هيم. هوءَ رهندي ئي

گيت ختم ٿيڻ تي واليا اوچانگرن ڏئي رني ۽ گهر ۾ موجود سندس ماءُ، ڀيڻ ۽ ڀاڻيجو به ڏاڍا اُداس ٿي ويا. اسان جي ڪيفيت ايئن هئي جو:

حيف در چشم زدن محبت ياد آخر شد،
روءِ گل سير نہ ديديم و بهار آخر شد،

(حيف جو اک ڇوٽ ۾ يار جي محبت ختم ٿي وئي. گل جي صورت ڏٺو ٿي ئي نہ ڏٺي تہ بهار ويندو رهيو).

بس ان ڪان پوءِ ماني تہ ڪنهن ڪان بہ نہ هلي ۽ ايئن ڪچهريون ڪندي، ڳائيندي ۽ روئندي صبح ٿي ويو. سڌو هاسٽل آيس، جو سامان اتي پيڪ ڪري رکيو هيم، اهو کڻي سڌو آيرايئر پورٽ تي، اتي چند دوست وغيره آيل هيا ۽ يونيورسٽيءَ واريون ڀئي خواتيون بہ هيون.

جهاز جو ٽائيم ٿيو تہ مون کي بہ جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ چيو ويو ۽ مون سيني ڪان موڪلائڻ شروع ڪيو، سڀ ڪان آخر ۾ واليا ڪان موڪلايم تہ هوءَ ٻاڻ کي جهلي ڪونہ سگهي ۽ ڏاڍو رُني، مون کي ٻيهٽو پيو تہ جيئن هوءَ ماٺ ڪري تہ مان وڃان، پر هن کي ماٺ ڪير ڪرائي، هوڏانهن بار بار اعلان پيو ٿئي تہ باقي هڪ مسافر ڪٿل آهي، آخر هن ڪان موڪلائي وڃي جهاز ۾ سوار ٿيس. ماسڪو تائين منهنجون اکيون بہ آليون هيون ۽ ڳوڙها بند ڪونہ پيا ٿين.

ماسڪو ۾ بہ ڏينهن رهيم. اتي سفارتخاني ۾ منهنجي ڏيڍ سال ڪن جي اسڪالرشپ 30 ڊالر في مهيني جي حساب سان رهيل هئي، اها ورتم ۽ اتان جي دوستن ڪان موڪلايم ڪراس نادار ڪان محمود مون ڪان بہ ڏينهن اڳ ماسڪو آيل هو ۽ ايئرپورٽ تي ڇڏڻ آيو هيو. ان مهل ايئرپورٽ تي ڪراس نادار مان واليا جون فون آيو. انتهائي حيرت ٿي، جو مائيڪ تي منهنجو نالو وٺي اعلان ڪيو ويو تہ ”عليءَ جي ڪراس نادار مان ڪال آهي.“ ان مهل واليا ڪافي نارمل هئي ۽ مون کي بہ آٿت ڏنائين. بس ايئن دوستن ڪان موڪلائي اچي جهاز ۾ چڙهيم.

شيڊول موجب اسان واري فلائيٽ وايا تاشقند هئي ۽ ان حساب سان مون گهر بہ اطلاع ڪيو هيو، پر جهاز ۾ ويهڻ ڪان پوءِ مائيڪ تي اعلان ڪيائون تہ ”اسان ساڍا ڇهن ڪلاڪن ڪان پوءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي لينڊ

ڪنداسين." اهڙي طرح سان ٽائيم کان ٻه ڪلاڪ اڳ ۾ ڪراچي پهچي ويم. ايئرپورٽ تي لهي جڏهن ڪسٽم وارن جي سامهون آيم ته شهداد ڪوٽ جو هڪ دوست ڊيوٽيءَ تي مليو، جنهن پيٽين تي چاڪ هڻي هڪ منٽ ۾ فارغ ڪري ڇڏيو ۽ مان بلڊنگ کان ٻاهر اچي نڪتم. ٽائيم ڏٺم ته ٻه ڪلاڪ ڪن اڳ پهتو آهيان، جي عزيزن ۽ دوستن جو ٿو انتظار ڪيان ته ٻه ڪلاڪ ڪن ويهڻو پوندو، سوچيم ته انهن سان وڃي ٿو گهر ملان، بس اهيو سوچي ٽيڪسي ڪري وڃي گهر پهتم ته معلوم ٿيو ته هو سڀ گاڏيون ڪري هينئر ئي ايئرپورٽ تي ويا آهن. جڏهن اتان واپس آيا ۽ مون کي ڏٺائون ته ڏاڍي حيرت ۾ ٿين ۽ خوشي به ٿين. منهنجي سؤٽ سراج کان رهيو نه ٿيو ۽ چيائين ته، "ادا روسي ڪونه سڌريا."

ڊاڪٽر علام حسين نئين گاڏي ورتي هئي، سو چيائين ته يار بس اٺ ته لاڙڪاڻي هلون، منهنجي دل به ٻچڙن کي ڏسڻ لاءِ ڏاڍي بيتاب هئي، ان ڪري بس ناشتو ڪري نڪري پياسين، ڪار ۾ ڊاڪٽر کان علاوه ديدار احمد شاهه، سراج احمد ۽ نذير احمد گڏ هليا، باقي پروفيسر علي نواز ۽ ٻيا دوست By train آيا. سج لٿي مهل اچي گهر پيڙا ٿياسين، بابا، امڙ ۽ ٻچڙن کي ڏسي نهايت خوش ٿياسين.